
# سير ڪوهستان

الهہ بچايو يار محمد سمون



سنڌي ادبي بورڊ

# سير ڪوهستان

الهه بچايو يار محمّد سمون

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2007ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]


| | | |
|---|---|---|
| پهريون ايڊيشن | 1942ع | تعداد هڪ هزار |
| ٻيو ايڊيشن | 1953ع | تعداد ٻه هزار |
| ٽيون ايڊيشن | 1955ع | تعداد ٻه هزار |
| چوٿون ايڊيشن | 1959ع | تعداد ٻه هزار |
| پنجون ايڊيشن | 1971ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇهون ايڊيشن | 1982ع | تعداد ٽي هزار |
| ستون ايڊيشن | 2007ع | تعداد هڪ هزار |

قيمت: پنجاهه رپيا

[Price Rs. 50_00]



خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022_2633679, Fax: 022_2771602)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

Website: www.sindhiab.com


هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# شڪريو

سير ڪوهستان جو ڇهون ايڊيشن ناظرين ڪرام جي اڳيان پيش ٿيو آهي. اها منهنجي خوش قسمتي چئبي، جو منهنجي پهرينءَ تصنيف "سير ڪوهستان"، جي سنڌي علم و ادب جي شائقين، اُميد کان وڌيڪ قدر ڪيو آهي. سير ڪوهستان ڪجهه وقت ايم. اي جي شاگردن لاءِ شغل و شغف جو باعث بڻيو ۽ هينئر بي. اي جي پهرئين سال وارن سان ڪچهري ڪري رهيو آهي.

آءٌ سنڌ سرڪار جي سنڌي ادبي بورڊ جو نهايت مشڪور و ممنون آهيان، جنهن جي نظر هيٺ ڪتاب جي هيءَ ٻي اشاعت پڙهندڙن جي هٿ ۾ پهچي رهي آهي. مون کي بخوبي احساس آهي ته ڪتاب کي مقبول عام بنائڻ ۾ هڪ نمايان حد تائين بورڊ جو ئي هٿ ڪارفرما آهي. اُميد ته رڪان ته هن کان پوءِ به سنڌي ادبي بورڊ مون کي پنهنجي نظر عنايت کان محروم نه ڪندو.

نياز مند

الهه بچايو يار محمّد سمون

ڪراچي

1953ع

# فهرست


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| تمهيد | 7 |
| ڪوهستان | 9 |
| حڪومت | 12 |
| ماڻهن جي پوشاڪ ۽ ڊول | 15 |
| رهائش | 21 |
| گذران | 25 |
| ڪاڏو | 29 |
| صحت | 38 |
| هٿيار | 43 |
| دولت | 46 |
| غيرت | 50 |
| ايمانداري | 52 |
| پاڙيسرين سان ورتاءُ | 55 |
| انصاف | 57 |
| مهمان نوازي | 64 |
| ڪچهري | 67 |
| بيماري ۽ علاج | 96 |
| چوپائي مال جي بيماريءَ ۽ علاج | 102 |
| پيري مريدي | 106 |
| قبر پرستي | 111 |
| قومون ۽ رواج | 114 |

# ڇپائيندڙ پاران

ڪوهستاني ماڻهو سنڌ جي ٻين علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن کان گهڻي ڀاڱي مختلف آهن. سنڌن اُٺ ۽ ٻڪريون، ٻيهڻي، ڳالهائڻ، ٻولهائڻ هلت چلت ۽ ڪاروهنوار وغيره سنڌ جي ٻين ماڻهن کان مَتيل آهي. ڪوهستاني ماڻهو دل جا ڪشادا، مهل تي مهل ڪرڻ وارا، آڌي مانجهيءَ جو هنن جون عورتون به پنهنجن مردن جي غير موجودگيءَ ۾ آئي وئي جو آڌر ڀاءُ ڪري ڄاڻين.

ڪوهستان لفظ لاءِ ڪنهن به لغت يا تفسير جي ضرورت نه آهي. هي لفظ پنهنجي سرشت ۾ ايترو ته مانوس آهي، جو ڪنهن تبصري ڪرڻ جي ضرورت ئي نه سمجهبو. ڪوهستان جو مطلب آهي: جبلن ۽ پهاڙن وارو علائقي. جتي اهي ماڻهو رهن، تن کي چون: ڪوهستاني. ڪوهستاني ماڻهن جو جيئاپو گهڻي ڀاڱي برسات جي وسڪاري تي آهي. هتي قدرتي پاڻيءَ جا ڦاٽ ۽ نئيون وهن ٿيون، جن تي آبادي ٿئي ٿي. برسات پوندي، ته هتان جا ٽاڪ سرسبز ۽ شاداب ٿي پوندا آهن ۽ ڪوهستانين جا مُرجهايل مُک گلن جيان ٽڙي پوندا آهن ۽ ان سمي هي ماڻهو خوب خيراتون ڪري رب پاڪ کي ريجهائڻ جون ڪوششون ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويندا آهن.

ڪوهستاني ماڻهن جي پوشاڪ، ٻولي، ڪچهري، رهائش، گذران، ڪاڌو صحت، ايمانداري، انصاف، مهمان نوازي، بيماري ۽ علاج، پيري ۽ مريدي، قومون ۽ رواج سڀ شهري زندگيءَ کان مختلف آهن. سير تي لکيل هيءُ ننڍڙو ڪتاب جهڙوڪر ڪوهستان جي تاريخ آهي.

بهرحال هن ڪتاب جي اهميت جو اندازو گذريل ڇهن ڇاپن مان ئي لڳائي سگهجي ٿو. تہ عام پڙهندڙن وٽ هيءُ ڪتاب ڪيتري حد تائين مقبول ٿيو جو هن ڪتاب جو ستون ڇاپو ڇپرائڻو پيو. هيءُ نئون ڇاپو شايع ڪري، ڏاڍي دلي خوشي محسوس ٿي رهي آهي.

اُميد آهي، تہ هيءُ ڪتاب ڪوهستان جي "سير" بابت پڙهندڙن کي مڪمل ڄاڻ ڏيڻ ۾ ڪارگر ثابت ٿيندو.

ڄام شورو سنڌ
خميس ۹ - ربيع الاول ۱۴۲۸ھ
بمطابق 28- مارچ 2007ع

**اعجاز احمد منگي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# تمهيد

ڪوهستاني دنيا، اسان شهري باشندن لاءِ، هڪ نئين دنيا آهي. نئين دنيا جو سير، تفريح طبع لاءِ ضروري آهي.

ڪوهستاني ماڻهو پنهنجي هر هڪ ضرورت جا مُوجد پاڻ آهن. هو منصف،حڪيم، فيلسوف، شاعر، سگهڙ، سالڪ ۽ هنر مند آهن. اسين جيڪڏهن سندن خوبين مان ڪي پرايون، ته هوند ههڙا نستا، روڳي، ڪانئر ۽ فرقي پرست هرگز نه ٿيون.

جيڪڏهن اسين ڪانئن ڪجهه حاصل ڪريون ته هوند اسان جي حياتيءَ جا ڏينهن چڱا چوکا گذرن. اسان سڏريل قومن جي ڪِڍِ ورتي، پر پاڻ پنتي پوندا وياسون. "هٿاسين سڀ ڪنان اڳتي، پيا آهيون هينئر پُنتي." اچ هن ماٺيٽي دنيا جو سير ڪريون ٿا، ته مانَ اسان جي من ڪي سانت ۽ ساڃهه اچي!

اسان جي سنڌي مصنف پائرن مان ڪيترن ئي سنڌي زبان وساري ڇڏي آهي، جا اڄ تائين ڪوهستاني غريب، غارن ۽ ڇُرن ۾ ڳالهائي رهيا آهن. ڪوشش ڪري، اُها سنڌي، جنهن سان شاهه صاحب پنهنجي رسالي کي جُڙي ڇڏيو آهي، عام جي اڳيان پيش ڪئي ويئي آهي، نه فقط ايترو پر اُهي لفظ، جملا ۽ اصطلاح سعيو ڪري، اصلوڪيءَ صورت ۾ استعمال ڪيا ويا آهن. جن مان سندن هوشياريءَ جي پليءَ پَتِ پروڙ پئجي ويندي.

اسان پنهنجي پاڙيسري پائرن جي حالات کان ڪي صديون اَڻڄاڻ رهيا آهيون. اڄ هنن کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ لاءِ وِکَ وڌائي

اٿئون. مون کي اُميد آهي، تہ جنهن مقصد سان اسان هن ڏس ۾ ڪُڙڇي ڪٽون ٿا، تنهن ۾ ڏٽي اسان کي سوڀارو ڪندو! آمين.

هيءُ ننڍڙو سير جو ڪتاب چئجي، تہ ڪوهستان جي تاريخ آهي، جا آءٌ سمجهان ٿو تہ دنيا جي وڏين تاريخن سان ڪَلهي جُوسي ٿيندي. آءٌ يقين سان چوان ٿو، تہ جيڪي هن ننڍڙي ڪتاب مان حاصل ڪري سگهبو، سو اسين دنيا جي وڏن دفترن مان بہ حاصل نہ ڪري سگهيا آهيون.

ڪراچي 	نياز مند
15-اپريل، 1942ع 	الهہ بچايو يار محمّد سمون

# ڪوهستان

’ڪوهستان‘ لفظ ڪنهن بہ شرح جو محتاج نہ آهي. هو پنهنجي نالي سان ايترو تہ مشهور آهي، جو ٿوري تبصري ڪرڻ سان سمجهي سگهبو تہ سندس اندروني حالت ڪهڙي هوندي.

روهہ ملڪ. رات جو جبلن تان ٿڌي هوا جا سُوسٽ. ڏينهن جو سج جي تاپش. آرهَڙ ۾ لُڪون اهڙيون ڪوسيون لڳن، جو ڪانگ جي اک پيئي ڏڪي (نڪري). نيون نارا. ڊنڊيون ڊورا. ڪڏون ڳُوڀا جام. پر اُني سواءِ سڀ سُڪل. گهاٽا ٻيلا. جَهنگَ پٽيءَ ڪونہ ٿين. ڇو تہ برسات ٿوري پوي. جبلن جي لاهہ تي ڪي وَڻَ، ٻُوٽا ۽ جهنگلي ٿُوهر ٿين. ٻيو ٿيو پيلو. جي ملڪ سَر ڇو آهي. تہ پوٺن ۽ ٽڪرين تي ساوڪ ۽ سبزي گهٽي، پر جي اَوسَرُ آهي تہ پوءِ وڻ ۽ ٻوڙا سُڪي پٽر رنگ ٿيو وڃن. پٽو ڪونہ پوي تہ هتي ڪا اوپڙ اُپري هوندي.

آمدرفت لاءِ آڏا لَڪَ ۽ لڪيون، سنها پيچرا. اٽانگيون ۽ اُهڪيون واٽُون، ماڻهو هلڻ کان هلاڪ. ڪٽان پير اُکُڙيو ۽ ماڻهو ٿاٻُڙيو تہ چمڙيءَ جون لوهيون (ڪلون) لهي وينديون. ۽ جبلن کي آڏ ترڇا ڏاڪا ۽ ونگا وَرَ سڄي ڏينهن ڳهڻ سان ميل —اڌ مس ڇڏائبو. جبلن جيِ اُيڪيِرن ۾ اڏون، غار ۽ ڇُرَ جتي پيا وانَر وايُون ڪن، مَمُن ۽ چيتن جو هردم هراس. گويا بَرَ جي بلائن جا وِڪَ وِڪَ تي محلا منڊيا پيا آهن.

اھڙا پيانڪ ھنڌ، جتان ڏينھن ڏٺي لنگھڻ سان ڏيل ڏريو ڏھيون پيو ٿئي، اُتي اسان جي غريب ڀائرن جا گھر. مينهَوڳڙيءَ ۾ مال ۽ ماڻھو اُتي ئي اجھو وٺن. جبل، لاڪُن قدرتي ڪَوٽ آھن، جتي پلي راجَ رھيا پيا ھجن.

پاڻيءَ جي ملڪ ۾ سخت اَٽاٽ. جي ڪٿي آھي، تہ درياءَ ٿيو پيو وھي. جي ڪونھي، تہ پڪي بہ اُڃ پيا مرن. زمين تيڙ، جتي ڪوھہ کڄي نہ سگھي. بارش بوند لاءِ ماڻھوَ سڀَ سمان پيا واجھائين. سندن اکيون سدائين آسمان ڏي، ساونڻ آئي ساھہ پوين.

نياڻ ملڪ ۾ ٿورا. سي بہ ڪي ڪوھہَ ھڪ ٻئي کان پري. ماڻھو مالدار، رھن چاري جي سانگ تي. جتي ويءَ ۽ وَٽراھہ سُجھين، اتي وڃيو وانڍا ٿيو ويھن. اڳ ۾ رکن خيال مال جي سھنج جو پوءِ سارين پنھنجو سَنُو.

ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ جا وڏا ڪُنَ آھن، جن ۾ واڳون، مڇيون ۽ ٻيا پاڻيءَ جا جيت جام ٿين. واڳون مال لاءِ کُٽي! پاڻيءَ ۾ مُنھن لڪايو پيو ھوندو. ڪو چوپايو مُھرڻ آيو نہ آھي، تہ ورتو نہ آھي. ريڙھي ڪندس اندر. جو وات جي وَپ نہ اچيس، تنھن کي پُڇ پچاڙي، پُڇ جو پُڇ اھڙو جھڙو شينھن جو ٻڪ. اجائي سگھہ اٿس! ڏنار بہ ڏُڪو ساھي اچن. نَڪُ نرم اٿس. نيس بہ ڪانہ سھي سگھي. ھرويرو چُرَ ڪانہ ڪنس. چو تہ تڙ تي ويھي واڳونءَ سان وير وجھڻ، چڱو نہ آھي. مانڙي ڪيو مال مُھرايو ھليا وڃن.

زمينون سنيون ۽ پليون، پر پاڻي اَٽليِ. باراني پوک ڪن. ڪنھن سھنجائتي ھنڌ تي ٻنا ٻڌيو چڙين. ريج ٿيو تہ ھر ڪاھين، نہ تہ نھارين بہ ڪونہ. تہ ڪا اَباڻي اٿئون. پاڻيءَ جا ڪُن ٿين جبلن جي وَٽِن ۾، جتي پوک لائق ڪو انچ زمين بہ

ڪو نہ هوندو. باقي ڪُنن جي ڪپن تي ڏِير ۽ پَنِ جام ٿئي. ڏِير گهوڙا کائن ۽ پَنِ منجهان پڪا پڏي اولا اڏين. َعلم هَنر جو نالو ئيَ ڪونهي. ماڻهو جَاهل، پر ايماندار. ٻالا ٻولا ۽ بي هنر، پر اوتي. مال جي پرورش ڪرڻ زندگيءَ جو مول مقصد سمجهن. مال اڳيان، پاڻ پٺيان وتن راتوڙا رهندا. جيڏانهن سُجهين سَرچي جوءِ، ڪيراڳُ بہ تيڏانهن ئي ڪاهين. ملڪ ۾ پيدائش گهٽ، تہ پيداوار جي لحاظ تي آدم بہ گهٽ. جيڪڏهن ملڪ ۾ پاڻي هجي، تہ هوند ڪشمير گهمڻ لاءِ ڪنهن کي سَڌَ ئي ڪانہ ٿئي.

----

# حڪومت[1]

ڪوهستان برٽش بلوچستان جو هڪ ڀاڱو برٽش گورنمينٽ جي تابع آهي. برٽش گورنمينٽ طرفان مُلڪي نظام ۾ نَسق لاءِ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿيل آهي، جو ڪوئيٽا ۾ رهندو آهي. برٽش بلوچستان ۾ ٻيون ٻه گهٽيون ئي ننڍيون ننڍيون رياستون آهن. هر هڪ رياست جو ڪاروبار الڳ الڳ آهي. مگر قاعدا قانون جتي ڪٿي ساڳيا آهن. بلوچ قوم جي رياست قلات آهي، جنهن جي حاڪم کي "خان" سڏيندا آهن. قلات جي حد سان لڳولڳ رياست خاران آهي. اتي جي حاڪم کي " نواب" سڏين. اُتي پڻ بلوچ قوم آباد آهي.

هتي جن ماڻهن جو اسان کي بيان ڪرڻو آهي، اُهي ماڻهو رياست لسٻيلي ۾ رهندڙ آهن. رياست سلٻيلي جي حڪم کي "ڄام" ڪري سڏين. سندس گاديءَ جو هنڌ ٻيلو شهر آهي.

ڄام صاحب سما قوم جي خاندان ۾ ڄام فيروز جي پيڙهيءَ مان آهي. ڄام فيروز پڇاڙيءَ ۾ مرزا شاهه حسن ارغون کان جنگ ۾ هارائي، ڪاٺياواڙ جي ڄام ننگر شهر ۾ وڃي رهيو هو. لسٻيلي جي ڄامن جي ڏيٺ-ويٺ اڄ تائين به انهن سان آهي.

---

[1] هيءَ ڪتاب انهيءَ وقت ۾ مصنف لکيو آهي، جڏهن برصغير تي برٽش گورنمينٽ جي حڪومت هئي. هن وقت بلوچستان، پاڪستان حڪومت جو صوبو آهي. (ادارو)

هر هڪ رياست ڪي سرڪار طرفان جدا جدا وزير مليل آهن. حڪومت جو اندروني ڪاروبار قومي سردار پاڻ هلائين. سندن صلاح مصلحت لاءِ صرف سرڪاري وزير آهن. ڇيڙي-ڇبيري قومي سردار پاڻ ڪن. سَنُهَن ڏوهن کان وٺي ويندي خون جي گناهه تائين پنهنجو فيصلو پاڻ ڪن. ڏوهيءَ کي ڏنڊ يا قيد جي سزا ملندي آهي. خون جو ڪيس يا ٻيا اهڙا اهم ۽ پيچيده فيصلا جرڳي ۾ پيش ٿين. جرڳي جا اَمين قومي سردار هوندا آهن, جي سرڪاري وزير جي صلاح سان قومي سردار پاڻ مان چونڊيندا آهن. خون جي سزا هڪ هزار رپيا ڏنڊ يا ويهه سال جيل آهي. ڏنڊ مان ٽي سوُ رپيا سرڪار ڪٽي ۽ باقي فوتيءَ جي وارثن کي ملن. هلڪين چورين ۽ عام گناهن لاءِ بہ ڏنڊ جي سزا اول ٻڌائين. جيڪڏهن ڪو ڏنڊ ادا ڪري نہ سگهي, تہ ان کي جيل موڪلين. جيل ٻيلي شهر ۾ آهي. جوابدار جيڪڏهن هونديءَ سونديءَ وارو آهي, تہ پوءِ ڪانئس ڏنڊ زوريءَ بہ وصول ڪن.

پوليس جو بہ چڱو بندوبست آهي. صوبيدار کي سڏين " نائب". ڪيس ڪم ڪار لاءِ پوليس مليل آهي. پوليس وارن جي پگهار ڏهن رپين کان وٺي پندرهن رپين تائين آهي. انهن کي سواريءَ لاءِ اٺ مليل آهن.

نائبن جي ڪم جي نگهباٰنيءَ لاءِ انسپيڪٽر مقرر ٿيل آهن. جمع ٿيل ڏنڊ ۽ ڦوڙ جا پيسا هفتي-هفتي خزاني ۾ پهچايا وڃن ٿا.

زمين تي ڍل سرڪار وٺي چوٿون حصو. پوءِ زميندار جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي تہ جنس ڏئي يا بها پري ڏئي. ڍل جو نمونو گهٽو ڪري هي آهي: امين فصل ڏسي فيصلو ڪن تہ هيتري ڪ

هيٺري ڏل سرڪار کي ملڻ گهرجي. امينن جي مقرر ڪيل ڏل کي " دانہ بندي" چئبو آهي.

زمين جي ورڇ ۽ ماپ لاءِ تحصيلدار مقرر ٿيل آهن، جن جو ڪم آهي زمينون آباديءَ لاءِ ڏيڻ ۽ سرڪاري ڏل وصول ڪرڻ. سڄي رياست ۾ سواءِ لسبيلي شهر جي، ڪٿي بہ اسڪول يا اسپتال ڪانهي. نڪو عام سڌاري جو ڪو ڪم يا خيال ڏسجي ٿو.

-----

# ماڻهن جي پوشاڪ ۽ ٻول

ماڻهن جي شڪل شبيهہ ۽ پوشاڪ مدار رکي ٿي ملڪ جي عام حالتن تي. جي ملڪ سَرڇو ۽ سائو آهي، تہ ماڻهو بہ سڪبا ۽ ستابا. پر جي ملڪ اَرڇو آهي تہ ماڻهو اڳيئي ڏکيا ٻُکيا ۽ ڏولائي ۾ ڏُليلَ.

ٺَٺَ ٺاهہ مان ڪونہ ڄاڻن. سادگي سندن اباڻو ورثو آهي. غني ۽ غريب جي وضع-قطع ۾ ڪو ٿورو تفاوت ڏسبو. سندن ڏيک-ويک عرب ملڪ جي رهواسين سان گهڻو مشاب آهي. رهڻي ڪرڻي، ريتون رسمون، مهمانداري ۽ ٻيا رواج سڀ عربي نموني تي.

مرد، سونهاريءَ ۽ مٿي جي وارن کي ڪونہ وڻائين. سونهاريءَ کي خدائي تحفو ڪري سمجهن. شال نہ ڪو سندن سونهاريءَ جو چرچي طور ٺي ٻالو وٺي! اُن وقت ٺي تلوار نيام مان نڪري ويندي.

چوٽا جيڏا زالن کي، تيڏا مردن کي. هو پنهنجي وارن جي چڱي چيٽ ڪن. وار وڻائيندڙ کي حقارت جي نگاهہ سان ڏسن ۽ مٿس ٺٺوليون ڪن.

غربت ڪري تمام سادا ۽ سستا ڪپڙا پائين. ڪاري رنگ سان وڌيڪ چاهہ اٿن. چو تہ مال چارڻ، ڦر ٽڪر ميڙڻ ۽ مڙيانو ڪرڻ ۾ لٽا ترت ميرا ٿيو وڃن ٿا. ٽنهنڪري جي اڳ ۾ ٺي لٽا نيرَ ٻُڏل هوندا، تہ پتو ڪونہ پوندو. جيتوڻيڪ ڪپڙا مرجن ٿا، مگر اهو ميل ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.

صرفي جي خيال کان ڪپڙا ٿُلها ڍڪين. گرميءَ خواهه سرديءَ ۾ ساڳي پوشاڪ پهرين. تُرت ميرائيءَ جي ڊپ کان ڪپڙا بہ رڱي پائين. وس پڄندي نيروتيءَ جو منهن ڪونہ ڏسن. ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. ڪين جيڪي ڪپي، تنهن جا صانع پاڻ آهن. جبلن ۾ لاٽو ۽ ٻيُر ٿئي جام. بس، اهي بہ شيون سندن رنگ ۽ ڌوپ ۾ ڪم اچن، جن تي پائي پيسو خرچڻو ڪونہ پوين. لاٽو ساڙي بنائين ڪاُر. ڪاُر وجهي ڪنهن ٿانءَ ۾، منجهس وجهن ميرا ڀُڄَ. باهہ تي رکي گرم ڪيائون تہ سارو ميل ڌوپجي صاف ٿي ويندو. اهو آهي ڌوپ جو طريقو. ٻير جي پلڙا ڪُٽي، ٿانءَ ۾ وجهي، باهہ تي رکن. جڏهن پاڻي جوش ۾ اچي، تڏهن وجهن منجهس لٽا. ٿوريءَ دير بعد لٽا رڱجي ڪارا ٿي پوندا. اجا بہ جي ڦٽڪيءَ جَٺَ ڏنائونس، تہ رنگ هيڪاري پڪو. مفت را چہ بايد گفت؟ ڏسبو تہ ننڍو وڏو سڀ ڪاري ويس ۾. زالون ڪپڙن رڱڻ ۾ لاک ڪم آڻين. ٻاهري لاک گهٽي ڪانہ ليين. ٻير جي وڻ مان لاک ڪڍن، جنهن کي چون "مَجُٺَ" اها بہ ساڳي ريت ڪم آڻين. "مَجُٺَ ۾ اُنَ رڱي، منجهانس فراسيون، خرزينون ۽ گهر جي سينگار لاءِ جهاٻا ۽ جُهوڙا ناهين.

پهاڙن ۽ پٿريلي پونن تان هلڻ ڪا سوکي ڳالهہ ڪانهي. پٿرن جون تيز اُڀريون پيرن جا پاڳا پيريو چڏين. پيرين اُگهاڙو ڪوٻاهر نڪتو تہ جڻ انڌي کان لٺ ويئي. وک پرڻ بہ موت ٿيو پوي. پانئجي تہ پيرن بدران اکيون پٽ تي رکجن تہ چڱو. اهڙي گهري هنڌ. نڪي ديسي ڪانپوري بوٽ جٽاءُ ڪن ۽ نڪي فليڪس جا ولائتي هلن. ڪهڙو بہ قيمتي بوٽ جي هڪ مهينو هليو تہ جس آهي، ڪاريگر کي! ملڪ آهي اُواجهو ۽ اوجهڙ. اتي

پيرن لاءِ پوش به ضرور کپي. اهڙيءَ اهم ضرورت جي تڪميل بلڪل ضروري آهي. ضرورت کين مجبور ڪيو ته پيرن جو بچاءِ به پيدا ڪن. نيٺ موچي به پاڻ ٿيا.

چمڙو سڪائي، سٽ ڏينهن ٿوهر جي ٿلهيار ۾ پوري ڇڏين. اهڙو ته نرم ٿي ويندو جهڙو ريشم. ڪانيءَ جي ڇُهنبياري مُني ڪوڙي، اُن تي وني زور سان اُن کي گسائين، ته وار ۽ ٻيو ميل ڇٽي ٿئي ڌار. پوءِ ڪات اڪهاڙا ڪٽي اچيو وٺس. وڏي ڪٽي منجهانئس اهڙا ته مضبوط پَيرڻَ جوڙين ، جي سال ڪن ته گُسن ئي ڪين. ٿوري تيل جي ڇٽ ڏيڻ سان وڌيڪ نرم ۽ جٽاءُ دار ٿيندا وڃن. پيرڻ، جنهن جي پيرن ۾ پسبا، سو پنهنجي ڀونجيءَ وارو سمجهبو. ڪي ته ويچارا اهڙا مسڪين آهن، جن وٽ نه ڪَلَ نه پيرَڻَ. پيرن جو بچاءَ ته انهن به لهڻو. قدرت سڀ ڪنهن لاءِ حيلو وسيلو خلقي ڇڏيو آهي. جبلن جي ڊورين، وٽين ۽ سيرُن ۾ ڦڙها جام ٿين. غريب ويچارا ڦڙهن مان سٽي-ڪٽي مُڃَ ناهين.مڃ وٽي نوڙين منجهان شاهلون جوڙين، جن کي " ڇاهلون" به ڪري چون. شاهل هلڪي وري اهڙي جهڙي چمپل. پيرن ۾ چڙهه ته آهي ئي ڪانه. حياتي گهٽ اٿس. مهينو ڪن ڪڍيائين، ته وڏو وس ڪيائين. " ڇهه ماهي ڇاهلَ، ٻاراهو وَڏُ هلي ڏينهن يا اڌ". تڏهن به چڱي ٻي ملهي ته آهي. شالون ۽ ٿوال ته کين نه خواب ۾ نه خيال ۾. هڪ چادر ڪوري ڪپڙي جي ڪلهن تي هوندين. جنهن مان سيپئي ڪم وٺن. سيءَ واءُ ۾ پنا ڍڪين. ڪڇهريءَ ۾ ويهي ساٿس ڪانپ ڪن. گاهه پني ڪٽڻ لاءِ ڪانيو ٻڌن. مطلب ته گهڻائي ڪم منجهانئس سڌ ڪن. ٻيا ڪپڙا اَيرا هوندن ته ڀولو ڪونهي، پر پڳ مڙيا ئي مَوچاري ٻڌن. ململ يا هرڪَ جو پٽڪو

ويهه-پنجويهه هٿ هوندن، پٽڪو ڪونہ رڱين، اتفاقاً ڪنهن جي سر تي ڪارو پٽڪو ڏسبو تہ اها غم جي نشاني سمجهبي آهي. جڏهن ڪنهن جو ڪو ويجهو عزيز فوت ٿي ويندو، تڏهن ڪارو پٽڪو ٻڌندو. قميص جو رواج ملڪ ۾ گهٽ، ڏيڍ وال ڪپڙي جي ڦَتي ٻت تي چوڙين. اميرن ۽ وڏ گهراڻن ڪي ڍگهين ويڪرين پانهن وارا جهولدار پهراڻ پيل ڏسبا. باقي سڀ ساڳي ويس ۾ هلن. سٿڻ بہ تہ- تاڪي ڪن. سنڌين وانگي اجائي ٻوجي سان ڪانہ پوين. مطلب تہ گوڏوال ڪانہ پائين، اڳڻن تي پيسوخير ڪو خرچين. اُنَ جا ڍيرا وٽي، انهيءَ مان اڳٺ ٺاهين، جيڪي سال هلن.

ڏڪيا بکيا آهن، پر پنهنجي غريبي حال ۾ مست آهن. ظاهري ڏيک-ويک منجهن جهڪو، صفائيءَ سٺائيءَ تي گهٽو ڌيان ڪونہ ڏين، پر ورلي بيمار ٿين. ميرائيءَ ۽ گدلائيءَ کي عيب نہ سمجهن. سندن سادگي، سندن عادت جو نتيجو آهي ۽ نہ ارادي جو باعث، ايتريقدر صحت جي قانونن کان بي پرواهہ هوندي بہ نرويا، سڊ ول، طاقتمند، هانيءَ ڪانيءَ سوڏا سنوان ۽ چاٻُڪ چيلهہ آهن. گرمي سردي مٿن خير ڪو اثر ڪري، هلڻ چلڻ ۽ باربرداريءَ ۾ مڙس مردانا. سفر ۾ ڪُٺَڻ ڪُهجَن جا نہ آهن. جبلن جي بلند چوٽين تان ائين ٽپال ماريندا ويندا، جئين گڊَ وَٽَن ۽ وڏين ٽِپن تان نينگ ڏيندو ويندو آهي.ضعيف يا روڳي ڪو ورلي ڏسڻ ۾ اچي. عام وچڙندڙ بيمارين کا بلڪل آجو گذارين. ڪوبہ ماٺهو بي ڊول ڇَيچَ ڇٽيل، پيٽَ پريل، نساهو نزورو ڪونہ هوندو. سيپئي ڪوپا، قداور ۽ جانٺا جوان. هر ڪنهن جو هڏ پينو. ڪم جو ڪُوڙو ۽ هڏ جو چور ڪو مشڪل ملندو.

جبلن تان لهہ-چڙهہ ڪرڻ، چشمن جو صاف ۽ کُلو پاڻي

پيئڻ، نُج گيهہ ۽ کير کائڻ، اهي سڀ سندن چڱيلائيءَ جا ڪارڻ آهن. گهڻي ڪم ڪرڻ ڪري سندن هاضمو چست رهي ٿو. بک بہ لڳين جام، تہ کائين بہ گهڻو. جيڪي کائين، سوبُت تي لڳين. دنيا جي عام وهنوارن ۽ پڻنچاتن کان ڇڙل ۽ آزاد آهن. نڪا اٿن گهڻي گهرج، نڪا گهڻي ڳڻتي. پنهنجيءَ ۾ پورا آهن.

زالون، مردن جهڙيون بهادر ۽ ٻلوان. زالن جي بلند همتي، چستي ۽ دليري ڏسندي، اسلاف ٿو ياد پوي! هر ڪنهن مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار. ڪو ڇڙو مرد زالن کان گوءِ ڪٽندو. گهرو ڪم تہ عورت جو ورثو اهي، پر ٻاهران ڪم بہ سولائيءَ سان سرانجام ڪن. مثلاً اُٺ لڏڻ، ٻار ڍوئڻ، وڻ وڍڻ، نشان چٽڻ وغيره. مطلب تہ هر ڪم ۾ پار. سڀ ڪم ۾ مردن سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيهن. زالون سادگيءَ سان هلن. لُڱڙ لٽو ڪاڌو پيتو سڀ سادو. نَٽُ گهڻو نہ زالن ۾، نہ مردن ۾. هو چون: "مرد ويرياٺي ننڍڙي، زال ويري سينگار." گهرگهاٽ بہ رواجي جهوپڙي، يا وڻ هيٺان هوندن. يا تہ اَڏن جي اوڙڪ ۾ رهن. گفتگو ۾ نرمي ۽ اُٺ —ويهہ ۾ ادب. مردن جي محفل ۾ ڏارين اڳيان زالون ڪونہ ويهن. نڪي حياءَ وچان ٻڙڪَ ٻولين. جا آهيرن آتڙي، سا هنن بہ سيباٺي. ڳاٽ ڪٽي ڳالهائڻ بہ گهوريو پر گهر اندران اُچل ڏيئي اڇاترو ڳالهائي، مردن جي ڪنن تائين پهچائڻ کي بہ عيب سمجهن. اُچو وڳو ڪونہ اوچين. وريتيون ڳُج يا ڪنجري ۽ نڪ ۾ نٿ پائين. ڪنواريون چولا ڍڪين. ڪنوارين نينگرين کي نڪ ۾ ٻُولو جنهن کي "ڏاندڙو" چون. رَنون (بيوهہ زالون) لسيون ڪنجريون، ڪاري سوسيءَ جي سٿڻ ۽ مٿي تي اَڇو رئو اوڍين. رناپي (بيوهہ پڻي) جي ٻي مکيا نشاني آهي نَڪُ ٻڻو رکڻ. وَر سواءَ وَني زيور پهرڻ کي عيب سمجهي.

ڪوهستاني هندو بہ سچاٽڻ ڪان پري آهن. سُتِ پُٽِ جهڙا مسلمان. چونا چيلهہ تي، ڏاڙهيون وڏيون ۽ وتيل، تاڪيي ڪن جو مٿي تي مولهاتو، بدن تي ڦُتي، گيگَم جون جهولدار سٿڻون. مطلب تہ شهري باشندو سهي ڪري ڪونہ سگهندو، تہ هيءُ هندو آهي يا مسلمان. هو پنهنجيءَ پر ۾ جيڪو فرق رکن ٿا، سو صرف هيءُ آهي، تہ هندو مرد اڪثر زَناني عالم وانگر سٿڻون سوسين، گريبن، گيگم وغيرہ جون پائيندا آهن. ڪي تمام ٿورا ڏاڙهي بہ وٺائين. چوٽيءَ جو نشان سڀ ڪنهن هندوءَ کي هوندو. اڌ مٿو ڪوڙيلٰ ۽ چوٽي رکيل هوندنَ. اها خبر بہ تڏهن پئجي سگهندي، جڏهن ڪو هندو پٽڪو لاهيندو ۽ سندس مٿو اُگهاڙو ٿيندو.

هندو زالون بہ گَج يا ڪنجري پائين. مسلماني ڪنجري ۽ هندو ڪنجريءَ ۾ تفاوت صرف ايترو آهي، جو هندو زالون ڪنجريءَ جي ڇاتيءَ ۽ پٺيءَ تي پرت پرين ۽ مسلمان زالون صرف ڇاتيءَ تي پرت رکن. هندو زالون سٿڻون بہ پائين ۽ پڙا بہ. بعضي سٿڻ مٿان پڙو پائين. بولي هندن ۽ مسلمانن جي ساڳي. ڪو بہ فرق ۽ ڦير ڪونهي. ڪوهستاني هندو ڏول مڙس آهن. وڙائتو جهڙن ڪو ورلي هندو ٿئي. مسلمانن جي صحبت مٿن بہ چڱو اثر ڪيو آهي. وڏا دلير مڙس آهن. هر هڪ وٽ هٿيار هميشہ تيار هوندا. نشان بازي ۽ تلوار هلائڻ ۾ بہ پڙ آهن، مطلب تہ مٿي آئي، مهل ڪيو وڃن.

-------

بعد ڪلاڪ کن مال کي آرام ڏين. ڏنار به اهو وجھه وٺي ماني ويهي کائي. گنديءَ پَلوَ ۾ ماني ٻڌل هوندس. مسافريءَ ۾ ٽانءُ ڪو نه کڻن. هڪڙي ٻڪري پاسي ۾ بيهاري، گرهه وات ۾ وجهي، مٿان کير جو گوهو هٽندو ويندو. ائين ماني پوري ڪري، ٻوڪو ڪڍي ٻُڪنَ ۾ پاڻي پي، وري به لٺ کڻي مال ڪاهي روانو ٿيندو.

سڄو ڏينهن جهنگ ۾ وڙ ڪِي، شام جو موٽي ماڳ اچن. رات پوڻ تي اُهي جهوپڙيون، جتي ڏينهن جو ڪا پهر به ڪانه هئي، اُتي عجب ڇهڇٽو لڳيو وڃي! سڀيئي اچي هڪ جاءِ تي ڪٺا ٿيندا. تڏو چلهه جي پاسي ۾ وجهي، باهه جي چوگرد واڙو ٺاهي ويهن. هڪڙي ئي ٿانءَ ۾ گڏجي کائين. کاڌي بعد سڄي ڏينهن جي ڪار گذاريءَ جون هڪٻئي کان خبرون چارون وٺن. وڏي خوشيءَ جي ڳالهه اها آهي، ته سندن ڪچهريءَ ۾ ڪا به درد دک جي وارتا يا شڪوه طرازي ڪانه ٻڌبي. سڀڪو پنهنجيءَ ۾ مست. هنن کي جيڪڏهن ڪا جهوري آهي ته اها پنهنجي ساهه کان به پياري مال جي. ساري رات اهو ئي ذڪر ڪن. ڪجَهُ ۾ ڪَبَت به اها ئي اٿن.

واندين کي نه گهر، نه گهاٽ. اَڏن ۾ غارن ۾ رهن، جيڪڏهن ڪنهن ميدان تي هوندا، ته ٻُجي وڻ (گهاٽي ڇانوَ وارو وَڻ) جي اوٽ ۾ کٽي ٽاڪ ٺاهيندا. وانيا، اجهو ائين الله جي توهه تي پيا تڳن ۾ هلن، نه اٽن ڳِبو نه سيءُ، مينهن واءُ جا ساٿوڪ آهن. ڪيتري به کٽي برسات وسي، پر ڪَڪِ ڪين ٿيندا.

بارش ڪوهستان جي جياپي جو وسيلو آهي. هنن جي مرده جسم ۾ جان پوي ئي تڏهن ٿي، جڏهن ڪا ڇَٽ ڦڙي پوي

سڏين "اوڙو". اهو پري کان اهڙي ڏيکائي پيو ڏيندو جيئن ڪو ڏڻ ۾ ماٿهو بيٺو آهي. مرون اڪثر ان کي ڏسي ڀڄي ويندا آهن.

جيڪي ڳوٺن ۾ رهن ٿا، سي البت ڪنهن حال ۾ آهن. جبلن ۾ پٿر جام ٿين، پر وٽن نہ ڏوڪڙ نہ پئسو ۽ نڪي اهڙو پٿر اٿن، جو پڪيون جايون ٺهرائين. اهي بہ ڪکائين جهوپڙين ۾ رهن. ننئن ۽ ڊورن ۾ سَر جام ٿين، جن مان ڏريون ٺاهين. ڪُنَن جي ڪپن تي پن جام مورجي، جنهن مان پکا ٺاهين. چار ڪاٺيون اُڀيون ڪري، مٿان وجهنس پکو ۽ پاسن کان ڏريون ۽ ٽري ۾ تڏو. بس، گهر ٺهي تيار ٿيو. غني خواه غريب جي گهر کي باهران ڊنگرن جو لوڙهو ڏنو پيو هوندو. چوري چپائي ملڪ ۾ ڪانهي، تنهنڪري گهرن جا در رات ڏينهن کليا پيا آهن. گهرن جا اڱڻ ڪشادا ۽ صاف. باهران پسگردائي کليل. ڪيترائي ڪٽي وٽن مهمان اچن. سيئي خدائي فرش تي پورا. جاءِ جي تنگي ڪنهن کي ڪانهي. شهري ويچارا جاين ۾ ائين ٽنگيا پيا آهن، جئين پڃري ۾ طوطو. جي مهمان وٽن آيو تہ ماني کارائي مسافر خاني جو ڏس ڏيندس. ڇا ڪن؟ لاچار کي آچار ڪونهي.

----

# گذران

ڪهڙي ڳالهہ ڪجي سندن گذران جي! حال نہ ڏنو پلو آهي. بيان ڪرڻ سان طاق لڳيو وڃن. انساني جياپي جو اهڙو رنگ ڏسي، لڱ تا ڪانڊارجن. سندن اهڙو حال ڏسي، بدن مان سيسڙاٽ نڪريو وڃي، پر اهو سڀ ڪجهہ اسان لاءِ. هو غريب پنهنجي غربت ۾ خوش. نہ سَتَر ڇيءَ جي سَڌَ رکن، نہ پاڻ ڪجائين. جيڪي ملين سو پنهنجو روز رازق ڪان عطا ٿيل سمجهي، صبر ۾ شڪر ڪن. ڪوهستان جي ملڪي حالت تہ اوهان ڏسي ورتي. اهڙي ملڪ ۾ انساني گذارو ڪيتري قدر سُڪيو هوندو. تنهن جو اوهين پاڻ فيصلو ڪريو. اناج جي پوک ملڪ ۾ ٿوري ٿئي. اوڙ جو ڏنڏو گهٽ. رويرو وڃي ڏسبو تہ اعتبار ئي ڪونہ ايندو تہ سچ پچ ڪي هي ماڻهو هت رهن ٿا. جي رهن ٿا تہ ڇا ٿا کائين ۽ ڪٿان ٿا آڻين؟ قدرت ڪي وڏا هٿ آهن. اُها ٿي سندن پرداخت ڪري. نہ تہ اهڙا انسان هڪ پل بہ پساهہُ ڪڍي نہ سگهن.

ملڪ ۾ شهر بحر ڪونهي، جتي ڪو ڏنڌو هجي. روهہ ملڪ. ڇاجي مزوري، ڇاجي ٻي ڪار! اصل بس. ڏٺيءَ جو نالو منو موچارو. انهيءَ هوندي بہ ڏسجي ٿو تہ روزانو آڪهہ ماڻهن جي پيٽ کائي ٿي، انگ ڍڪي ٿي ۽ برادريءَ جي ڏي -وٺ جو بہ پورائو ٿئي ٿو. ڪنهن وٽ هڪل ڪين تہ مهل ڪانہ گسائيندا، مرٽو-پرٽو پنهنجو سُرهو ڪن. ڪو ڪنهن وٽ هٿ ڪو نہ ٽنگي. هر ڪنهن اڱڻ ٽانڊو پيو ٽمڪي.

هو ڏنڏو ڪن ٿا. حيلي سواءِ وسيلو ڪونهي. سعيي ۽ ڪوشش سواءِ ڪي بہ نٿو ملي. هٿ چورڻ کان سواءِ سيڪا شيءِ پاڻ سري ويجهي ڪانہ ٿيندي. داڻي داڻي پهچائڻ جو ضامن بيشڪ رزاق آهي، پر انسان کي پنهنجو سعيو ۽ ڪوشش ڪرڻي. اُٺ جو گوڏو بہ ٻڌجي، ڏٽيءَ تي ڀروسو بہ رکجي. ڪم ڪار ڪن ٿا. پر منداڻتو. ٻارهوئي رُڌل ڪين آهن. موسم تي جيڪي ڪمائين، سو ٻيءَ مند تائين کائين. ڪفايت ۽ قناعت سان وقت گذارين. هٿ ۾ هٿيو اٿن مال. سيڪجھہ انهيءَ مان ئي پيدا ڪن. مال جي پيدائش آهي: اُن ، ڏاس ۽ ملِس . ڪاترو سال ۾ بہ دفعا رڍون ڪترين ۽ هڪ دفعو ٻڪريون. اُٺ، اونهاري کان سواءِ، ٻيءَ ڪنهن بہ مند ۾ ڪترين. اُن، ڏاس ۽ ملس چڱيءَ ٻها وڪامن، جن مان گهر ويٺي ڪين چڱي چوکي رقم هٿ اچي. سنڌ جا واپاري هتان ڪهي وڃي مال سودي اچن. مال مان ٻيو پيدا ٿئي مکڻ ۽ گيهہ. ڪوهستان جو نج گيهہ ڪٿان لڀي! مکڻ ۽ گيهہ جي وڪري مان چڱي چوکي ڳنڍ ٻڌن. جو هو غريب آهن پر کير وڪڻڻ کي عيب سمجهن. کير جو هڪ ڦڙو بہ پيسن تي ڪو نہ ڏين. اُجايل مسافر ڪو پاڻي گهري، تہ ان کي کير يا لسيءَ وٽو ڀري ڏين.

نَرينو سانُ هڪ سال جو ٻئي سال تائين تاتي وڪڻن. جهڪُون ۽ ڀوڏون، رڍون ڇاٻڪريون. جي ٻيءَ مند تائين پهچي ڪين سگهن، سي بہ وڪرو ڪن. انهيءَ ڪري وڪري مان بہ گهٽائي ڏوڪڙ ڪين هٿ اچين.

ڪوهستاني عورتون تمام ڪاريگر ۽ هنرائتيون آهن. اُنَ، ڏاسَ ۽ ملس مان گهر ويٺي تمام قيمتي شيون جوڙين. مثلاً: اوڇا، جوال، کَرِيتا، تنگڙ، مُرئيون، کُرزينون، فراسيون ، تاڪيون، اُٺن جا

ٽيپڙ وغيره. جي امير ماڻهو وڏي مُلهه وٺن. اوجن ۾ فراسين تي اهڙي چٽسالي ۾ نقشا رکن، جو ڏسڻ وارا دنگ رهجيو وڃن. ڊرائنگ جي ذري چُوڪ به اوهان کي ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي. ازانسواءِ زالون پرت پرڻ ۾ به ڪمال ٿيون رکن! سندن پرت جي سونهن، نزاڪت ۾ رنگن جي ملاوت ڏسي، عجب وٺيو وڃي. اهڙين وينجهار زالن ڪا اَٽِجاڻ ماڻهو ڏاجُ پوتُ تيار ڪرائي، ڌيئرن کي شاديءَ وقت ڏيندا آهن. اهڙي ڪمائيءَ مان سٺاءَ واريون زالون سچا گهر پالين.

باقي رهيو سُجو طبقو. انهن جو به الله ! اُهي وري مالدارن جو مال چارين. ڏاڍو جوان ۾ مال جو چڱو چارو وڌ ۾ وڌ چار رپيا مهينو يُئيءَ (ماهڙ) تي،مال چاري. انهن کي به پنيان ايترو ئي عيال هندو. جيترو هڪ پاڳئي کي آهي. الله ٿو پوري ڪرين. سخت پورهئي ڪرڻ ڪري، گرميءَ سرديءَ ۾ مال چارڻ ڪري، نوجوانن جي ڳلن ۾ ڳَڄَ پئجي ويندا آهن ۽ سندن چهري تي لالائي خير ڪا ليندي آهي. اهڙي افلاس هوندي به سدورا اهڙا آهن. جو پنهنجي ڪنهن مينڌ مٺَ کي ڦڙهو هٽي ڪو نه ڇڏين. جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيشَ پريان. انهيءَ جي مصداق، انهن جي به سار سنڀال لهن. مال چارڻ جي پورهئي کان سواءِ باقي مزوري اٺن اُٺن جي لَڏَ. وَڳَ ڌَٽين کان پورهئي تي اُٺ وٺي بار ڍوئين. تنهن مان پاڻ به گذارو ڪن ۽ ڌٽيءَ کي به حصو ڏين. اٺين پيٽ پالين. وس ڏينهان، جبلن ۾ ڦڙها جام مورَجن. ڦڙها وڍي، انهن جا بند ٻڌيو وڃيو وڏن شهرن ۾ وڪڻن. جن مَان رسا، توڪريون ۽ تڏا نهن. اهو هنر هنن جون زالون به خوب ڄاڻن. گهرن ۾ جيڪي نوڙيون، توڪريون ۽ تڏا نهن، سي به ڪٽيو وڃيو نيڪال ڪن. ڪوهستاني دڪاندار سنڌ مان اَنُ. ڪپڙو ، مرچَ، مصالح وغيره

جيڪي گهرائين، اُهو بہ اُنن جي وسيلي اتي پهچي. پاڻ بہ ساٿ سنيرائي، وڏن شهرن ڏي وڃن. موٽندي ان، ڪپڙو ۽ ٻيون ضرورائتيون شيون سانگي سان وٺيو اچن. گهر-ٻار جون اڪيون ساٿ ۾ هونديون. مائرون ۽ زالون پير پيون پڇائينديون ۽ فال وجهائينديون. ساٿ پري ڪان ڏسڻ ۾ آيو تہ سڪ منجهان سيئي اڳيرو وٺن ڊوڙي ويندا ۽ ڪانئن ڪينئن جون خبرون چارون پڇندا.

پنهنجي اَپري پاءُ کي نظرانداز ڪري ڪين ڇڏين. جي ڏسن تہ فلاڻو پاءُ اسان جو سُجو سڪٽو آهي، ڪيس طاقت ڪانهي جو ٻيو پورهيو ڪري ٻچا پالي، تہ پوءِ پاڳيا ان کي چوٽ تي مال چارڻ لاءِ ڏين. چوٽ تي مال چارڻ جو مدو چار يا ڇهہ سال ٿئي. انهيءَ عرصي ۾. مال ۾ جيڪو بہ واڌارو ٿئي، تنهن جو چوٿون حصو هن کي ملي، تنهن کان سواءِ پيٽ قوت لاءِ انهيءَ ساري عرصي جو کير، مکڻ، اُن، ڏاس ۽ پاڻ وغيرهہ جيڪي هجي، سو بہ پاڻ کڻي. انهيءَ ريت پنهنجن ٻچن جو گذارو بہ ڪري ۽ مُدي پوري ٿيڻ بعد پنهنجيءَ وارو بہ ٿيو. پوءِ انهيءَ همدرديءَ جو نتيجو اهو ٿئي، جو سُڃن سڪٽن جو تعداد وڃي گهٽبو ۽ پاڳيا وڃن وڌندا.

باراني پوک. ڪوهستان ۾ ڪتي ڪتي ٿيندي آهي. مينهن پوڻ تي کيت پوکين، پر انهن مان ايتري پيدائش ڪانہ ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن کي گهٽي زمين آهي تہ سال کن جو قوت ڪڍيو وٺي، پر جي هڪ اڌ کيٽ هوندس، تہ پوءِ مهينو کن مس جهلو ڪري. پاٽيءَ جي اٽاٽ ڪري پوک ڏانهن دل کٽي اٿن. ڪن هنڌن تي قدرتي چشمن جون وڏيون واهيون آهن، جتي ڪڻڪ جام ٿئي. ٿورو ياجي پُٽو بہ پوکين.

-------

# ڪاڏو

شهر کان پري، بستيءَ کان ڏور، جبلن ۽ جهنگلن ۾ سندن بٺاڻ. سَوَ ڪوهن تي ساٿ موڪلين، سو جڏهن خير سان موٽي! تيسين وينا واجهائين. جس آهي انهن کي ۽ سندن مائٽن کي. جن کين اهڙين اوکاين ۾ تڪليفن، گرمين ۽ سردين سهڻ لاءِ پڪو ڪري ڇڏيو آهي. اسان کي وقت تي ماني نہ ملي، تہ اکين اڳيان آنڌي اچيو وڃي. لڱ پيا لڇڪن. ڪم ڪرڻ کان جواب. هنن کي ويلا وچ پئجو وڃن، پر پرواهہ ندارد. ڪوسيءَ ٿڌيءَ جي ڪِري ڪانهين. پرسا ٻہ، مهل سر ملي تہ چڱو فاقي تي ڏينهن پيا لنگهن. اسان جا جيڪر پساهہ ئي پورا ٿي وڃن. اَنُ ڪو هوندن تہ کير مکڻ ضرور وٽن هوندو. وٽو مهيءَ جو ۽ چاڙو مکڻ جو سڄي ڏينهن لاءِ ڪافي اٿن. هرو پرو ٻي سمجهہ ۾ اياڻا ڪين آهن. ڳُٺي ٽُٺي جي خيال کان اڳيئي سٽ سٽيو ڇڏين. سمر جي ڪوٽ جو ڳُنڍڪو دل تي ٻينو ئي هوندن. اهڙي ڏڪئي وقت کي ٽارڻ لاءِ ڪونہ ڪو اُپاءُ سوچي ڇڏين. جئين آئيءَ ويل ڪنهن جو تڪيو تڪڙو نہ پوين.

اَنَ سواءِ ايمان ڪانهي. اَنُ آهي تہ ايمان آهي. پر جن ويچارن کي ان جي اوجَ گهٽ آهي، سي دل پلي، آهي. پرائي مڙسيءَ تي ڪيترو هلبو؟ جيسين اَنَ ڪَٺا اچن، تيسين ٻارن جو ڪُوڪُوَ ڪيئن بند ٿئي؟ تنهن لاءِ پاڻ کي هير ئي اهڙي ڏني اٿن، جو هوندي نہ هوندي وڃيو پار پون. رات جو کير ڏهي،

منجهس ٿوري سنباڻ ڏري وجهي چڏين. صبح جو ڪير ڇمي ڏڏنروٽيو پوي. ڪُنيءَ ۾ مانڏاٽي وجهي ويهي ولوڙين. چنبي جيترو مکڻ نڪريو اچي. وَٽو لسيءَ جو تِڪي مٿان مکڻ جي وَٽِ. چاڙهيو ڇڏين. نج کير جي لسي ۽ مکڻ اهڙو تہ ڳَمُ آهي جو سانجهيءَ تائين ڏيءُ. پاڻ خواه سندن ٻار اهڙي ڪاڏي تي اهڙا تہ هريل آهن. جو ڪڏهن بہ بدهاضمي جي شڪايت نہ ڪن.

جهڙا آهن کير جا خوراڪي، تهڙا آهن گوشت جا ڪايارَ. ڇڱو چوکو حلواڻ هڪڙوئي ماڻهو ٻڪيءَ تي ڪائي اُتي. اسين پاءُ کن ڪاڻڻ لاءِ هلاڪ. پر هنن وٽ سيرن جا ليکا لڳا پيا آهن. رڌي پڪي جي پوشيدائي ڪانہ ڏسن. پڪل گوشت کي رڌل گوشت تي ترجيح ڏين. گوشت پچائڻ جو تمام سٺو طريقو ڄاڻن. ٻَهُرو پائي ڪَلِين. هڏيون ڪري يعني سڌن وٽان ٽُڪا ڏيئي، هٽن سڌا. سڌِن يعني ڪاٺ جي سيخن جي ٻنجهي پاسي باهہ ٻاري، گوشتَ سڌن ۾ ٽنبين. گوشت کي ڪپ سان چيهہ ڏيئي، چيرن ۾ ڪارا مرچ ۽ لوڻ اُپورين. باهہ جيَ تَوَ تي گوشت پچي تيار ٿي ويندو. باهہ گوشت کان پري ٻارين. جيئن گوشت لُوساتجي نہ. ڪاڏي ۾ گوشت تمام لذيذ ٿئي. انهيءَ کي چون ميءَ پڪو. گوشت سان گهاٽي دل اٿن. جهڙا مرد آهن ڪاڏي جا خوراڪي، تهڙيون ئي زالون آهن ڪايارَ. گوشت تي ائين ڪرندا، جئين ڳجهہ ڊوندَ تي. ڏاڏ جواني يا مردانگي ڏيکارڻ لاءِ ميءَ کَس ڪندا آهن. رات جو ڪٽي ميءَ پچندي ڏٺائون. تہ ماڻهن جي وٺي، زوريءَ باهہ تان ميءَ جي ڇڙي ڪٽي، پچي ويندا. ان ۾ ڏاڍ مڙسي سمجهن، پر اهو سڀ ڇرچي طور ڪن. بعضي اهڙي ڇرچي ۾ اتفاقي موت بہ ٿيو پون.

رُڪ، رُڪ ڪي ڪپي. زور زور ڪي موڙي. زورائتا ماڻهو ئي دير هضم ڪاڏو زُود هضم ڪندا آهن، جن ڪي جائي چم کان پڙو گيهه، کير ۽ گوشت جو پيل آهي، تن ڪي ڪتان ٿو اُهک ٿئي.

آڪوري مال ۾ اتفاق بہ جام ٿين. ڪڏهن ڏسو تہ ڪو ٻهرُ و گهٽو ڪائي ٽِچي مري وين تہ ڪو ڦاٽي مئو. ڪنهن کي ڏنار هنيو ڏڪ، تہ ڪو مرض ماريو. مطلب تہ گوشت وٽن جام ٿئي. ايترو سارو گوشت هڪ ئي وقت ڪائي چِڏڻ انساني وت کان ٻاهر آهي، تنهنڪري پچائي، سڪائي رکن. گوشت ٻاقي، سڳي ۾ پُوئي، گهر ٽنگي چِڏين. ڪپ سان ٿورا چيهہ ڏيِي چِڏينس، جيئن اُس ۽ هوا اندرين تهن تائين پهچي. ائين گوشت ڪي ڏهـ-پندرنهن ڏينهن ويٺا ڪائين. ڇا مجال جو منجهانئس ڪا هُپ نڪري! سياري ۾ تہ مهينو-سوا گوشت رکيو هوندو، منجهس نڪا ٿئي بوءِ، نڪا ٻانس. جڏهن ضرورت پوين، تڏهن ڳپيُل ڪپي، ڪاڙهي يا پچائي ڪائي چِڏين. پاهو گوشت ٻاڪري گوشت کان وڌيڪ ڳمَ وارو ۽ دير هضم آهي. پر پهاڙي پهلوان انهيءَ تي اک بہ ڪانہ چندين. آيو ۽ ويو ٻهوَن سڀ ڏُنبيون ڏارين. ڪُوڪين سان ڪانہ پوين. وَس ڏينهان، مال اهڙو اڇي مڇي، جو مٿانئس مک ٻيٺي تِرڪي. هڪڙو پهرو پاتائون تہ راڄ ڪي ئي ڏهُ.

عجب حياتي انهن جي ٿي گذري، جيڪي مال جي سانگي تي وانديا ٿي ويهن ٿا. مسافريءَ ۾ نہ کٽي سگهن ٿانءُ ٿڦو ۽ نہ هند بسترو، گندِي ڪلهي تي، ماني راڄ تي، انهيءَ هوندي بہ اهڙي اوٺ اٿن، جو پنهنجو رڏو پڪو بنا سندبَ جي ڪري سگهن ٿا.

بڪايل، ۽ پنڌ جو ستيل ٻيو ماني هئي لذيذ ۽ مٺي. تنهنڪري پورُ ٻـ نالي ڪي اِن ڪو نـ ڇڏيم.

ايتري ۾ شام ٿي، ۽ سج لٿو. ڌنار ٻـ مال چاري گهڻڪاريندو ڪوڪاريندو واندو ٿي وريو. مائرن ڪي ڏسي وٿاڻ تي ڦرن ٽڪرن جي روسي لڳي ويئي. اها مهل اهڙي هئي، جيئن وڻ تي سج لٿي پکين جي چُون چُون لڳي ويندي آهي. زال مڙس ٻئي تور جي ميڙياني ۾ مشغول ٿي ويا. جيڪي سَرڳون هيون، تن جي ڦرن تـ جلدي ئي ڌائي ورتو، پر اَرڳون اوڏو ئي نـ سهن. ارڳن جي ڌارائڻ ۾ هئي تڪليف، لت جو لڪاءُ پيو پوي. هڪ جهلي تـ ٻيو ڌارائي. جنهن ڦر ڌائي ورتو ٿي، تنهن کي ويا ٿي تند جي ڳارن ۾ ٻڌندا. ميڙيانو ختم ڪري، ڏوپ ڪيائون. جيڪي وهڪي وييون هيون، تن ڏي تـ نهاريائون بـ ڪونـ. باقي، سُوئاڻن مان ڪير ڪُنا ۽ ڪاسا پري، کڻي آيا. مڙد نئين سر مون سان پليڪار ڪيڪار ڪئي ۽ خبرون چارون ڏنيون ورتيونسين. زال کي حڪم ڪيائين، تـ يڪدم اٽو ڳوهـ. مائي لڳي وئي پهنجي ڪم کي. مڙد ٻاهـ ٻاري، اُن ۾ ٻـ گول پٿر وجهي ڇڏيا. مائيءَ اَٽو ڳوهي، اُن مان ٻـ ڪچيون مانيون ٺاهي رکيون. مڙد ڇاڪيو جو تتل پٿر ڪانيءَ سان کڻي، ڌار ڌار مانين جي وچ تي رکيا، ۽ باقي پاسا مانين جا پٿرن جي مٿان ورائي ڇڏيا. نس پس فوٽ بال کڻي بنايائين، اهي گولا پوءِ هڪبئي کان پري پري ٽانڊن جي ڪِر تي کڻي رکيائين. ٻاهران ٻاهـ جو تَو ۽ اندران پٿرن جو سيڪَ. اَٽو پچي ڪوڪلا ٿي ويو. چنڊي ڦوڪي، اَٽو ڪپ سان ڪپي، پٿر ٻاهر ڪڍيائين . جڏهن اڳيان رکي ويهي ڪاڏوسون ، تڏهن خبر ڪانـ ٿي پيئي تـ سنبوسو آهي يا ڪا ٻي شيءِ! چيائين تـ" هن

ڪي اسين ڪُرو چوندا آهيون." پاٽيءَ جون وڏيون اويون پريون رکيون هيون، جن مان ٻڪن ۾ پاٽي پيتو سون. چو تہ وٽو هون ٿي هڪڙو جنهن ۾ کير پيل هو. ڪوهستاني ماڻهن جي رهائش وغيره هوبهو ٿر جي ماڻهن جهڙي آهي. مارو ماڻهو آهن. جن لاءِ ڪنهن سالڪ فرمايو آهي تہ :

جَني ڏاندُ نہ ٻَج، تني بہ تنهنجو آسرو
پوءِ اُيارين سج، اول رسائين اُن کي.

ماني کائي واندا ٿياسين. گهڙي ساعت ڪچهري ڪئي سون. اوياريون لهواريون خبرون چارون ڪري پاڻ وندرايوسين. رات جا چار پهر آرام ڪري صبح جو اٿياسين.

صبح جو آءٌ مڙيوئي هنن کان دير سان اُٿيس. جان اُٿي ڏسان تہ هڪڙي چمڙي جي مَشڪَ آهي، جنهن کي هڪ طرف کان ورتو آهي مڙد ۽ ٻئي طرف کان زال. پيا ڌونڌاڙينس. مون پڇيو: "هيءُ ڇا ٿا ڪيو؟" چيائون تہ: "هيءَ اِيزڪ آهي. جڏهن پاٽي پرڻ جي ڪم اچي، تڏهن سڏيونس اوئي. پر جڏهن کير وجهونس، تڏهن چئونس ايزڪ. البت کل رڱڻ ۾ ڏاهپ ڪندا آهيون. اوئي بنائڻ لاءِ جا کل رڱيون، تنهن ۾ صرف ٻَبُر جو چوڏو وجهون. بعضي ڪانهيريءَ جو چوڏو بہ ڪم آڻيون. پر جيڪڏهن کير وجهڻ لاءِ ايزڪ جي ضرورت پوي، تہ پوءِ ساڳيءَ کل ۾ ٻيرولي ۽ ڏاڙهونءَ جي ڇڏي وجهون تہ کل رَڇي نرم ٿيو پوي، ۽ رنگ بہ بدلجي هيڊو ٿيو پويس. جيڪڏهن انهيءَ ساڳي کل کي گيهہ وجهڻ جي لاءِ ڪم آڻڻو هجي، تہ منجهس ڪري ميندي‌ءَ جا پن ۽ کور وڻ جو۔چوڏو وجهون، وڏيڪ سني ۽

خوشبودار بنائڻ لاءِ کجور ڪاڙهي، ان جو رسُ وجهي، ڳچ ڏينهن رکي ڇڏيون. پوءِ صاف ڪري، گيهه وجهڻ جي ڪم آڻيونس ۽ نالو سڏيونس زِڪ." آءٌ ڳالهه بہ ٻڌندو رهيس، ۽ سندن پورهيو بہ پسندو رهيس. آخر ٿوريءَ دير بعد ڏسان تہ ايزڪ جي منهن وٽ مکڻ جا ننڍا ننڍا ڳنڍا اچي نمودار ٿيا آهن. مائي انهن ڳنڍن کي وٺي ٿي وٺي ۾ گڏ ڪندي. تيسين ايزڪ پئي ڏونڏاڙياٽون جيسين منجهانئس مکڻ پئي نڪتو. مکڻ نڪرڻ بعد باقي ايزڪ ۾ جهڻ وڃي بچي. هو ماني کائڻ بعد پاڻيءَ بدران جهڻ پيئن. جهڻ تمام ٿڌي آثر واري آهي. ڪهڙو بہ گرم کاڌو کائي، جيڪڏهن مٿان بہ- ٿي ٻتا جهڻ جا پرب تہ سارو ڏينهن پاڻيءَ جي طلب ڪانہ ٿيندي، مکڻ جا ذرڙا منجهس اَکُورا آهن. تنهنڪري طاقت واري بہ آهي. کير ۽ لسي ماٺهو تڪُون ڏيئي پيئن.

مانڊاٺيءَ ۽ ڪُنيءَ ڏاران نئين نموني کير ولوڙڻ جو نمونو ڏسي عجب ۾ پئجي ويس، ۽ اهڙي ويچار ۾ ئي هوس، تہ اوچتو واڙ ۾ ٻڪريءَ جي دانهن ٿي. ڏنار ڊوڙي ويو. زال کي هڪل ڪري چيائين: " ٻڪري ويائي آهي. وَٺو ڪٽي اچ تہ ڪَڙُ ڏُهانس!" مائي وٺو ڪٽي ويئي، ۽ ڪٽورو ٿوڀ ڪري آئي. يڪدم باهہ ٻاري اول تہ ٻڪريءَ جا پير سيڪيائون، انهيءَ لاءِ چُور اَچلائي. پوءِ ننڍاننڍا پٿر باهہ ۾ وجهي ڇڏيائون. جڏهن پٿر سخت تپي ويا، تڏهن هڪ - هڪ ڪري چنبي ٿوڪي ڪَڙُ ۾ وجهندا ويا. پٿر جي گرميءَ ڪري ڪڙ جوش کائي پسُ ٿي پيو. منجهس ٿوري کنڊ وجهي کٽي کاڌوسون، تہ عجبَ شيري پيو ڏئي! مائيءَ چيو تہ: " ادا. وَس ڏينهان. مال ۾ پَمُ پوي جام، ۽

واٺهڙو خواهہ ڏنار وٽن ۾ گدڙن وانگر لُوس لُوس ڪندا وتن. ماڪي ڪايو ڪن رَڄ.

انسان ويچارو اَنّ بنا بي ايمان آهي. بدن جي خشڪي ۽ اُڃ جي تلافيءَ لاءِ قدرت پاڻيءَ جهڙي عجيب نعمت پيدا ڪئي آهي. اوهان ٻيون کهڙيون بہ سرد ۽ پتڙيون شيون پاڻيءَ جي بجاءِ ورتايو پر اُهي پاڻيءَ جو ڪم ڪونہ ڏينديون. اهڙيءَ طرح بُک جي ٽارڻ لاءِ اناج کان سواءِ ٻيو سڀ ڪوڙ آهي. مگر لاچار کي آچار ڪونهي. ضرورت ۾ ماڻهن انساني ماس بہ ورتايو آهي. ويچارا غريب، جن کي پٽ تي ٿورو ئي ڪي سُجهي ٿو. سي ڪنهن بہ حيلي، پيٽ ڍلهي اچن. جو چُڳيَ، سوتڳيَ. پيٽ سان پٿر ٻڌي ويلا ڪاٽڻ هڪ ساهدار لاءِ مشڪل آهي. اهي بہ قدرت جون عطا ڪيل نعمتون آهن. منجهانئن ڪو تہ ڪارج سرندو!

# صحت

ماڻهن جو اهڙو ڏکيو گذر اَڙانگي رهائش بي قاعدي خورش، گرميءَ سرديءَ کان بچاءَ لاءِ اَجهو نہ اوٽ، تنهن هوندي بہ منجهن نِبلائي، سستي بي همتي ڪانہ ڏسبي. زالين مڙدين سڀ چست ۽ چالاڪ. پاري ۽ ساڙي سندن چهري جو رنگ وڃائي ڇڏيو آهي. اُس سندن ڪل ڪان ئي ڇڏي آهي. جبلن تي لهہ-چڙهہ ڪرڻ ڪري، پيرن ۾ تريا پئجي ويا اٿن. انهيءَ هوندي بہ منجهن ڪو ضعيف، نزورو ۽ هيٺو ڏسڻ ۾ ڪو نہ اچي. هر ڪو هڪبئي کان سرس سوايو. ڪير جو ڪنهن کان ڪَڙ ڪٽي؟ ڏينهن جو سخت پورهيو ۽ رات جو مال تي پهرو: ڪهڙي سخت نوڪري آهي! پر هنن کي اهڙي سختيءَ جو ڪو احساس ڪونہ ٿئي. هر هڪ مڙد پاڻ کي شينهن جو مَٽُ ۽ هر ڪا عورت پاڻ کي مرد جو ثاني سمجهي. جبلن جي هلڪي هوا زود هضم. نج کير ۽ گيهہ جسم لاءِ اڪسير اِجار. چشمن ۽ کوهن جو پاڻي ناپيد نعمت. قدرت کين سندن اَگلائيءَ جي بچاءَ ۾ اهي نعمتون عطا ڪيون آهن. جي سيني اُٿاين جي تڪميل ازخود پيون ڪن.

بهادري سندن اباڻو ورثو آهي. جنگ جهيڙي ۾ پٺي ڏيڻ مرد جو مَرڪُ نہ سمجهن. ڏڙڪي هيٺ لڪي مرڻ کان تلوار جو موت وڌيڪ پسند ڪندا آهن. ڊپ جي نالي کان تہ واقف ئي ڪونهن. بزدلي منجهن اصل ڪانهي. هڪڙو ڄڻو سَوَن جي سامهون وڃڻ کان ڪين ڪيٻائيندو، نڪي سندس پيڇڻ پُرندو. پر سينو سپر ڪري سامهون ٿيندو، هو هميشہ ائين چاهيندا آهن، تہ سندن نيڪ نامي ۽ سورهيائي پيئي ڳائجي. اتفاق سان ڪو

گيدي ثابت ٿيو تہ اُن ڪي ملڪ ڇڏڻو پوندو. نہ تہ ڇوڪر ٻاڪر، رن روڳڙي، اُتي وينئي پيا ٿوڪيندس. ڏٽيءَ ڪان هر وقت اهائي دعا گهرندا آهن تہ "يارب! ايمان جي سلامتي عطا ڪجانءِ."

ڪٿي بہ بہ جٽا گڏجي ويٺا تہ اَوس پنهنجي يا ٻئي ڪنهن جي سورهيائيءَ جون ڳالهيون ويهي ڪندا. ننڍن تي انهن ڳالهين جو وڏو اثر ٿو پوي ۽ اهي بہ وڏا دلير ٿيو پون. هنن وٽ اهو هڪ اَڻسڌيءَ طرح اسڪول آهي، جو ڪين بهادري ۽ دليريءَ جو سبق پڙهائي ٿو. انهيءَ اسڪول جا پروفيسر پاڻ آهن، تہ وري شاگرد بہ پاڻ ئي. انهيءَ اسڪول ۾ اجهو هن ريت تعليم ڏني ويجي ٿي:

جڏهن ڪو پهلوان، اڪيلي سر، ڪٿي دشمنن جي ٽوليءَ سان مقابلو ڪندي، قتل ٿي ويجي ، تہ انهيءَ پهلوان جي نيڪ يادگار ۽ پهلواني قائم رکڻ لاءِ انهيءَ جاءِ تي وڏو خرچ ڪري، هڪڙو لنبو پٿر کڙو ڪري ڇڏيندا. انهيءَ کي چون "مائي". پهاڙن جي چوٽين تي، هيٺ وٽ سان اهڙيون ڪيترون ئي مايون مون کي ڏسڻ ۾ آيون. گهڻو ڪري اهڙيون مايون واٽن ۽ رستن تي رکندا آهن يا جتي واقعو ٿيو هوندو اُتي ٿاهين. پر جيڪڏهن ڪو مردانو مڙس "ڪڙئيءَ" راند ڪندو يعني هڪ پير تي ٽپا ڏيندو تلوار ڦيرائيندو پڇنڊڙ جي پنيان پيو هوندو تہ ان جاءِ ڪان وٺي ويندي جتي دم ڏنو هونداٿين، اوستائين، وکَ وکَ تي پٿرن جا وڏا ڍِڳ رکي، سندس ٽپن جا نشان ٺاهي ڇَڏيندَا. جن مان آٺهڙو واٺهڙو سيڪو سهي ڪندو تہ هتان ڪو بانڪو دشمن پنيان پوندي، مري ويو آهي. گيديءَ لاءِ بہ ٽِپَ ۽ مائيءَ جا نشان ساڳيءَ ريت رکن، پر ان جي سڃاڻپ لاءِ پٿرن جي ڍير تي ڇاهلون

۾ جهونا پراڻا پادر اڇلايو ڇڏين. واٿڙو بہ ڪوهستاني رسم موجب انهيءَ ڊير تي ڪجهہ نہ ڪجهہ اڇلايو وڃن. جيڪڏهن ڀيو ڪي بہ نہ پڇين، تہ هڪ پٿر کنيو ان کي ٺُڪ هنيو وٺيو ڊير تي اڇلائين. سندن ننڍا اها رويڪار روزانو پيا ڏسن ۾ کين يقين ٿيو وڃي تہ جيڪڏهن اسان بہ جنگ جهيڙي ۾ منهن موڙيو تہ اسان جا بہ اهڙائي حال ٿيندا. ڳالهہ هيئن آهي تہ گيدي پٽي جو طعنو نہ فقط گيديءَ کي هڻن، پر سندس سڄيءَ ڪُر کي لوئين. هو چون ٿا: تہ" مرد جو اُهو اصول هئڻ گهرجي تہ بر هجي يا شهر هٿيار هٿ ۾ هجي يا نہ رات هجي يا ڏينهن . ڪنهن بہ وقت ڪا آفت سامهون اچي، تہ انهيءَ وقت ان جو مقابلو ڪجي. اهڙو عذر ڪڏهن بہ پيش نہ ڪجي تہ هٿيار هٿ ۾ نہ هو. هٿيار بہ تڏهن ئي استعمال ڪري سگهجي ٿو. جڏهن اندر ۾ ايمان آهي. بي ايمان کان بندوق بہ ڪانہ ڇُٽندي."

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ڪڇي جوان ڪنهن طرف ٿي ويو. هڪ هٿ ۾ تلوار هيس ۽ ٻئي ۾ ڍال، رستي ۾ ڪو اَڙٻنگ جوان گڏجي ويس، ڏڪو هڻي، تيز تازي ڪٽي هليو ويس، ڪڇي ويچارو بہ هٿ ٺيون منهن پٽيندو گهر آيو. ماڻهن پڇيس: "تہ توسان ڪهڙي ويڌن ٿي آهي؟ هٿيار تہ تو وٽ مضبوط هئا، پوءِ وڙهئين ڇو ڪين؟" وراڻيائين: " ادا، ڪهڙي ٿا ڳالهہ پڇو؟ هڪ هٿ ۾ ترار ٻئي ۾ ڍال. وڙهان سوڪُري سان وڙهان؟ پنڊ جا ٻئي هٿ مُندريا پيا هئا. "

حاصل مطلب تہ هٿيار کان وڌيڪ ضرورت آهي ايمان جي.

وڏي خوبي، جا ڪوهستاني ڪُوبن ۾ آهي، سا هيءَ تہ هو پنهنجن پهلوانن جو وڏو احترام ڪَندا آهن. انهن کي عزت جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. هنن جي نالي ۽ يادگار زنده رکڻ لاءِ هر ڪا

ڪوشش ڪن. اتي پَٽَ فقير رهندا آهن، جي شاعر بہ آهن. اهي بهادر جي ساراهہ ۾ قصيدا چون، گيديءَ جي گلا ڪن. مانجهين جا مائٽ وڏيون رقمون ڏيئي، پنهنجن جون ساراهون چوائن.

مون ڪي هڪ محفل ۾، علو فقير، ڏاڍيون ڪَهاوتون پڙهايون. هن جڏهن پهلوانن جي ساراهہ تي چئي، تڏهن ڪچهريءَ تي خاموشيءَ جي لهر ڇانئجي تي ويئي ۽ سڀ ڪنهن جي وات مان جوشيلي آواز ۾ "واهہ واهہ!" جا نعرا بلند تي ٿيا. ننڍا وڏا سڀ گد گد. جڏهن ڪنهن بزدل جي پاڄ جو ذڪر شعر ۾ تي آيو تہ انهيءَ وقت منجهن ٿهڪرو پئجي تي ويو. شرم! شرم! جا آواز تي نڪتا. مون بخوبي سمجهيو تہ اهائي تعليم آهي، جا پهاڙي جوانن ۾ مردانگيءَ جو انگ وڌائي ٿي.

مون کي اتي هڪ 'مائي' اڏيل ڏيکاريائون. چيائون: "تہ هيءَ مائي ڪيرٿر چٽي جي آهي. هن غريب کي صرف هڪڙو باريڪ هو. جنهن تي واپارين جو بار ڍوئي ٻچن جو گذارو ڪندو هو. هڪ ڏينهن سندس باريڪ چرڻ ويو تہ وري موٽيو ئي ڪين. اول تہ سمجهيائين ڪيڏانهن تَسي (گُسي) ويو آهي، پر پوءِ پتي ڪيڏڻ لاءِ پير ڪنيائين. پير ڪَڙيندي، جان وڃي تہ اُٺ مئو پيو آهي! اوسي پاسي جاچ ڪيائين، تہ چيتي جا پير لڳل هئا. هن غريب جون جڏهن پنهنجي مئل اُٺ تي اکيون پيون، تڏهن ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين باهہ وٺي ويس. ارادو ڪيائين تہ منهنجو سر بہ اُٺ سان! سو ويهي چيتي جي واٽ نهارڻ لڳو. هٿ ۾ هٿيار هوس فقط هڪ سونٽي. چيتي جي عادت هوندي آهي، تہ اول جانور جو ڪنڌ مروڙي، ان کي ماري، پوءِ گهڙيءَ دير بعد موٽي اچي ان جو ماس کائيندو آهي. اها تڪ جهلي، هيءَ جوان ويهي

رهيو. شام ٿي ڏسي، تہ چيتو پنهنجي شڪار جي سار لهڻ پيو اچي. هن کي بہ دل هئي. مُئي مارائي ڌاران موٽڻ عيب ٿي سمجهيائين. جڏهن چيتو نزديڪ آيو، تيڏهن وٺي هڪل ڪيائينس. بس، اهائي گهڙي، ڳنڍجي ويا. اوٺيءَ جيئن وڌس ٻڪُ، تئين اوچتو چستي ڪري سندس هڪڙو هٿ وات ۾ وجهي ويٺو باقي رهيس هڪڙو هٿ. مڙس هو مردانو. چيتي کي ليٽايائين. ٻيو تہ اوزار هوس ئي ڪونہ. باقي بچيل هٿ سان نڙيءَ تي ننهن ڏيئي گهوگهاٽي ويهي رهيس. چيتي بہ چنبن سان سندس جسم جا خوب ٻاگهَا پيليا. پر هن بہ ڪين ڇڏينس. آخر ٻئي ساٿا ٿي ڍرڪي پيا. ايتري ۾ رات گذجي ويئي. ڳوٺ وارن کي وسوسو ٿي پيو. سي گهوڙا ڪري نڪتا. وڃي ڏسن تہ ٻئي جوان سڙهہ ٿيا پيا آهن. چيتو بر وقت دفن ڪري، مڙس کڻي آيا ڳوٺ، جتي جهيڙو ڪيو هئائون، اُتي اڄ تائين "مائي" اُپي آهي.

---------

# هٿيار

ڏيهي حڪومتن ۾ هٿيار رکڻ جي جهل پل ڪانهي. هرڪو لانچيو پيو گهُمي. ڏنارن ڪي ساڻ بندوق ۽ تلوار ضرور هوندي. ماڻهو پنهنجا هٿيار پاڻ ٺاهين. ڏوڪڙ پيسو گهڻو خرچ ڪرڻو ڪونه پوين. ڪچو لوهه ڪٽان هٿ ڪري، اُن ڪي ڪٽي ڪاڙهي، ٺپي ٺاهي، جيڪي ڪپين، سو ٺاهين. ڪوهستاني تلوارون تمام سٺيون ٿينديون آهن. هتان جي تلوارن ڪان ٻيءَ طرح جون آهن. اهي ٻگهيون، پوئتي وريل، آبدار ۽ تمام تکيون ٿين. ننڊي ۽ هالو چالو تلوار ڪي " شڪيلو" چون. جاسچي رُڪَ جي ٺهيل نہ هوندي آهي، سندن بندوقون، ٻگهين نلين واريون، جهڙا ڏڦا. ٻگهي نليءَ واري بندوق ڏُور–مار ٿيندي آهي. بندوق، بندوق تي ڏار ڏار نالو رکن. ڪا "روم" ڪا "زينا"، ڪا توپيدار" تہ ڪا "جامڪيدار". پر بندوق سيڪا گولي مار، چيرن واري بندوق ڪانہ رکن. چو تہ اها نڪو مار ڪري، نڪو خاطريءَ جهڙو خوني ڏڪ هڻي. هنن ڪي ڪپي خوفناڪ جانورن ڪان بچاءُ ۽ دشمنن جو موت. اهي ٻيئي ضرورتون گوليءَ سان ئي پوريون تي ٿيون سگهن.

هٿيار هلائڻ جو چڱو آزمودو اٿن. توبچي ڏاڍا سٺا آهن، تمام پري رکيل نشان کي بہ گوليءَ سان اڏائي سگهن. نشان ۾ سِيون، ڪوڏيون ۽ بصر بہ چُٽي ويندا. پنهنجي لُڱِڙَ لٽي، مال وَجَهہ ۽ جسم ڪان وڌيڪ هٿيارن جي پرگهور لهن. شڪار جا ڏاڍا شوقين آهن. پکين جي شڪار تي پنهنجو باروت ڪونہ کپائين.

چيتو سرهُ، گَڏُ ۽ هرڻ سندن خاص شڪار آهي جبلن تي لهڻ-چڙهڻ جو استعمال اڳيئي اٿن. بندوق اڏيءَ تي رکي، شست اهڙي پوري وٺن، جو ڪڏهن بہ گولي ڪانہ گسين. هڪڙا آڙ ڪري اڳيان پٿر يا ٻوٽو ڏيئي ويهي رهندا، ۽ ٻيا شڪار کي وجي تاهہ ڏياريندا. جڏهن شڪار آڙ وارن جي سامهون ايندو، تڏهن فائر ڪندا. نشانبازيءَ ۾ گوءِ ڪٽڻ لاءِ ڏاڍيون هوڏون ٻڌن. ڪا شادي مرادي تي، تہ اُتي بہ لانچيا ايندا. هڪڙا هوندا ڪاڄ جي ڪم ۾ رڌل، تہ ٻيا وري ميدان تي نڪري چٽيندا نشان. ميل پنڌ تي نشان رکي، اُتي چاري بيهاري، پوءِ شاٽ ڪندا. جنهن جو ڏڪ نشان ۾ پورو لڳو، تنهن کي چاري جهنڊيءَ سان اشارو ڏيندو. اهڙيءَ ريت دائمي استعمال ڪرڻ سان بندوق هلائڻ ۾ ماهر ٿي ويا آهن.

جهڙو اٿن بندوقبازيءَ ۾ پورو استعمال، تهڙو تلوار هلائڻ ۾. ترار جي ڏڪ ڪان بچاءَ لاءِ ڪيڙيون ڪٽن، جن کي عام طرح "سپر" يا "ڍال" چئبو آهي: ترار کي "ڪنو" بہ چون.

بعضي وڏيون وڏيون شرطون رکن. جتي تمام پري پري کان ناميارا توبچي ۽ پهلوان ڪَهي اچن. اُتي انعام رکندا آهن: مثلاً ريشمي لونگي، اُٺ، گهوڙو ڍڳو وغيره. اهي سڀ طريقا هن کي هٿيارن هلائڻ ۾ ماهر ٿيڻ لاءِ شوق ڏياريندا آهن.

بارُوت پنهنجو پاڻ ٺاهين. انهن ڳالهين ۾ وڏا اوتي آهن. هڪ سير شوري ۾ ٽي سير پاڻي وجهي ڪاڙهين. جڏهن شورو ڳري وڃي، تڏهن پاڻي آنرائين، تہ شوري جو ميلاپ وڃي ٽَرُ ونندو. پاڻيءَ مان ڪچرو ڪڍي وٺن. سرد ٿيڻ تي پاڻي ڄمي پوي. ڄميل پاڻيءَ جي پنجين حصي جيترو گندرف ۽ ڪپ يا ٻاهڻ جي وڻ جا ڪوئلا توري ڏار رکن. گندرف ڪٽي ڪپڙ-ڇاڻ ڪري ڏار

رکن. شورو ۾ ڪوئلا گڏي ان ۾ ڪٽيل گندرف وجهي، وري ٽنهي شين کي گڏي ڪٽين. ڪرل ڪرڻ وقت ڪارن مرچن سان ڪاڙهيل پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻندا وڃن، جڏهن ٽيئي شيون پاڻ ۾ ملي هڪ صورت اختيار ڪري ويندريون، تڏهن ڇڻبو ته باروت ٺهيو. اهڙو باروت بندوق ۾ ڪم ڏيئي سگهي ٿو. باروت برابر پچي راس ٿيو آهي يا نه، تنهن جي پرک هن ريت وٺندا آهن. باروت مان چپٽي ترڻيءَ تي رکي، پري کان باهه جو اشارو ڏينس. جي ٻريو ته آهي پورو جي نه، ته ٻيهر متاڪٽ ڪن. گوليءَ کي سڏين "ڪانُ" ڪان اڪثري سيهي مان جوڙين سيهو رجندڙ ڌاتو آهي. جهڙي به قالب ۾ وجهبو اهڙي شڪل اختيار ڪندو. اهڙيءَ ريت هٽراڌو سانچي ۾ گوليون جوڙين.

---

# دولت

دولت ڪٿان آئين؟ وڻج واپار هُو ڪونہ ڪن. زمينداري ۽ جاگيرداري هنن کي حاصل ڪانهي. سڪن ۽ باسين تي پيٽ پورائو مس ڪن ٿا. علم ۽ هنر کان بي بهره. نوڪري چاڪري هنن کي ڪانهي. پيسي جي مهر ڏسڻ لاءِ پيا واجهائين. انهن وٽ ڇا هوندو؟ ڏوڪڙ ميڙڻ کان وڌيڪ شوق اٿن مال ڌارڻ جو چون: "سون رَتيءَ کان رت رتي چڱي." جنهن کي ٻہ-ٽي ساهدار در تي هوندا. تنهن کي چون " ياڳيو" ڪارپت بہ ان جي چڱي. واپاري وڙو بہ ٻہ ٽَڪا اُن کي رکي.

مال هنن جي اڪُٿ ملڪيت آهي. سال بسال وڌائي، پر ڳُٿائي ڪين. بي.اونو واپار آهي. جي داءُ لڳو تہ نفعو ۽ جي نہ لڳو تہ نقصان ڪونهي. گهڻ-خرچائون ڪين آهن. جيڪي هٿ چڙهي، تنهن کي ساهہ برابر سانڍين. هلڪي سلڪي ضرورت تي ڳنڍ ڪانہ کولين. وڏي آپدا ڪا سر تي آين، تہ پوءِ مري جهري، ڪُسندي ڪنجهندي، هڙ ۾ هٿ وجهندا. نہ تہ بس. ويلا ڪاٽڻ قبول ڪندا. پر خرچ ڪونہ ڪندا.

ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ جي مصداق، ڪن وٽ تہ اَڪٿ خزانا بہ گڏ ٿيو وڃن. پر سپ بيڪار. نہ پنهنجي ڪم لائين. نہ ٻئي کي ڏين. رکيو سڙيو وڃن. ماڻهو جيڪو اتفاق مان زمين کوٽيندي خزانو لهن ٿا. سو تحقيق اهڙن ماڻهن جوئي پوريل ڏن معلوم ٿئي ٿو سون رپيو. ڏوڪڙ پيسو ميڙي چونڊي جيڪي هٿ چڙهين. سو سپ وڃن

زمين ۾ داخل ڪندا. پتو ڪنهن کي ڪونہ پوي، سندن مٿي پڄاڻا اهو سڀ ٿئي پرائو ۽ وارث چَپَ چٽيندا رهجيو وڃن.

ڪوهستان ۾ تمام ٿورا ماڻهو دولتمند آهن. ڏاها ماڻهو جن کي پنهنجي عاقبت جو اونو آهي، سي پنهنجي ميڙي چونڊي ميڙي ڪانڪن. باريڪ بينيءَ سان جاچبو تہ ڪين ملي بہ گهٽ ئي ٿو. پوشاڪ ۾ ڪاڏي جي سادگيءَ ڏي نهارڻ سان ائين سمجهجي، تہ هنن وٽ ڪي ٿيلهيون ناڻي جون هونديون ڪي قدر اها حقيقت صحيح بہ آهي. گهڻا اهڙا آهن جن جي دولت جو پتو ئي ڪونہ پوي، سندن هلت چلت اُٺ ويهہ ۽ پوشاڪ سادي. ڪير لکي سگهي، تہ هي ڪي دولت پرور آهن؟

ٻڪر، گڏو، پوڙهي ٻڪي، ٻڳي لڳي داڻا پيا وڪڻن. گيهہ مکڻ، اُنَ، ڏاس ۽ ماس لاءِ واپاري ڪهيو وٽن وڃن. تڏن، نوڙين ۽ ٽوڪرين مان زالون چڱو چوکو ڪمائين اوجا. فراسيون تاڪيون، ٽنگڻ ۽ ڪريين مان خوب ڪٽيو ٿئين. مگر سڀ اٽليپ. پتو ڪونہ پوي تہ ڪهڙي بئنڪ ۾ ٽا جمع ڪن. سندن حال اهڙا جهڙا علم پورهيتن جا. دولت جو نشو جلهڻ اَهکو. پر هي مڙس وڏ ـ پيتا. ڪنهن سان ڪين ڇُلن. دک سک سڀ اندر سانڍين. اڻ هوندي شاڪر تہ هوندي صابر. آئيءَ ويل، زمين مان زرجا ڪُنا ڪڍي ٻاهر ڪن. هو چون: " اسين گڏ ئي اهڙي ڏينهن لاءِ ڪندا آهيون، جيئن جهڙ مهل ڪم اچي." تن کي تسيو ڏيئي بہ وڃن پاڇي وجهندا. ڪي تہ اهڙا بہ ننڌَ آهن، جو پنهنجي اولاد ۽ وارثن کي بہ پتو ڪونہ ڏين، جيڪي وَر چڙهين، سو وڃن ٿم ۾ ٿميندا. پوءِ جي مري ويا تہ ٿهيو. ساري ملڪيت زمين جي حوالي.

هڪڙي بخيل ياڳئي جي ڳالهہ تي ڪيائون، تہ ڪيرٿر جبل جي وَٽِ سان رهندو هو. ڪيس بيشمار مال هو. جنهن جُوءِ ڏانهن سندس مال پهرندو هو تيڏانهن ٻين جون واهون بند ٿي ويندي يون هيون. وَڳ ۽ ڌاڻ هڪ طرف تہ ڪيرا ڳُ ٻئي طرف. ڏڻ جي پکيڙ اهڙي، جو هنئين لٺ پٽ تي ڪانہ پوي! ان ڪي پنهنجي مال مان تمام گهٽي آمدني هوندي هئي. پر جيڪي ڪيس ملندو هو سو ڪنهن کي ڪين سلينبدو هو. علي الصباح ڏڻ ڪاهي روانو ٿيندو هو تہ ڳٽِ بہ پاڻ سان ڪٽندو هو. شام جو هٿين خالي موٽي ايندو هو. خبر نٿي پئي، تہ اهو ڏن ڪٿي ٿو پوري. ڪڏهن ڪٽي سندس پٽ ڪانئس ملڪيت بابت پڇندا هئا، تہ هنن کي چوندو هو تہ اڃا آءٌ جيئرو آهيان. اڄ ئي ڇو منهنجي ملڪيت جي پيچ پيچ لڳائي وينا آهيو؟

حياتيءَ تي بقاءَ ڪونهي. آخر هر ڪنهن کي اَجل جي دعوت جو سڏ پرڻو آهي، ۽ موت جو چشڪو چکڻو آهي. گهٽين ٿورين ڏينهن، هيءُ ڪَنيل اچي بيمار ٿيو. جڏهن سڪرات اچي لڳيس، ۽ زبان تي مهر خاموشي لڳي ويس، تڏهن وري بہ پٽن دل جهلي پڇيس: " بابا سائين! هاڻي هلڻ جو وقت آهي. مهرباني ڪري ٻڌايو تہ عمر جي ڪمائي ڪٿي پوري اٿو؟" ضعيفيءَ ۽ موت جي خوف ڪان صرف ايترو چئي سگهيو "ڦوڙ" ، مڙيئي مُنجهي پيا. ڪنهن جي بہ سمجهہ ۾ ڪين آيو تہ ڇا چيائين. ڦوڙ جبل جي اونهي غار کي چئبو آهي، تنهنڪري ايترو سوسمجهيائون، تہ جبل جي ڪنهن ڦوڙ ۾ ملڪيت غرق ڪئي اٿس مگر پتو ڪين پين، تہ اهو ڦوڙ ڪهڙي هنڌ آهي. خير، هو تہ راهہ رباني وٺي راهي ٿيو. گهٽين ٿورين ڏينهن، هڪ ماٺهوءَ ڳالهہ

ڪئي، تہ انهيءَ پير مرد کي آءُ گهڻو ڪري فلاڻيءَ جاءِ تي بيٺل ڏسندو هوس. پارپتي تي وچي ڏسن تہ برابر هڪ اونهو ۽ ڊگهو غار آهي. يقين ٿين تہ اباڻي ميڙي چونڊي اتي ئي غرق ٿيل آهي. گهار جو منهن اهڙو تہ سوڙهو هو جو منجهس ماڻهوءَ جي لهڻ جي جاءِ ڪان هئي. عمق جاچڻ لاءِ منجهس هڪ نوڙي وڌائون تہ 150 فوٽن تائين پاتار جو پتو ڪونہ پيو. اوسي پاسي ڪان بہ کوٽڻ جي ڪا جاءِ ڪانہ هئي. لاچار ويچارا منهن مٿو پٽيندو ڪرم ڪُٽيندا گهر آيا. انهيءَ پير مرد جا پٽ اڃا بہ زنده آهن. ڪين گهڻو ئي مال آهي. هنن ملڪيت جي غرق ٿيڻ جي شڪايت سرڪار جي ڏيان تي بہ آندي. سرڪار هڪ آفيسر جاچ لاءِ موڪليو. جنهن رپورٽ ڏني تہ غار ۾ ملڪيت الائجي ڪيتري هوندي. جي نہ هوندي تہ سرڪاري خرچ ضايع ٿيندو تنهنڪري ڇڏ ڪانہ ڪيائون. اهڙا گمنام شاهوڪار گهڻائي هوندا. پر سندن پتو لهڻ مشڪل آهي.

------

# غيرت

غريب آهن: طبع مانيٽي، تورـ ڳالهائو پوشاڪ سادي، رهائش فقيراڻي زبان جا مٺا، قول جا سچا، هرو ڀرو ڪنهن کي ڏک ڪونہ ڏين ڪنهن مان وسهيا تہ پيرُ ڪري پوڄيندس، جي ڪنهن کان ڪٽا ٿيا تہ اکين جو رت سمجهندس. جسور ۽ غيور آهن. نہ ڪنهن جي هلڪائي ڪن، ۽ نہ پنهنجي ڳلا سهن. نہ پرائو پٽ ويچارين، نڪي هروڀرو ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍن. زبان تي پورو ضابطو اٿن. پُلئي چُڪئي، واتان ورڻ ڪين ڪڍندا. ڳار گند مان ڪين ڄاڻن. هلڪائي ۽ ٽرڙائي ڪنهن ۾ ڪانہ. ننڍو خواه وڏو سڀ باحياءَ ۽ با ادب. ڳلا غيبت کان ونئن وڃن. نہ ٻُڌن، نہ ٻُڌائين. تلوار جو ڌڪ سهن، پر زبان جو وار مور ڪين سهن. "خير، ڪيئن" جي گفتگو تہ ٺهيو پر جهيڙي ۾ بہ گارگند ڪونہ ڪن، بد زبان ماڻهوءَ کي گيدي ۽ نامرد تصور ڪندا آهن. ڪنهن جي عادت نہ آڻين، تہ هٿن جي صفائي ڪندس. مگر ٻنيءَ تي بيهي تنوار ڪونہ ڏيندس. دشمن جي ڳلي ڪپڻ لاءِ جڏهن سندن ڪرائي قوت واري آهي، تڏهن اجايو وات ڇو وڃائين؟

قرض يا اُوڌر اُڳاڙيندڙ ڪو ڪَهي وٽن آيو، تہ جڻ ڪَڇُن مان ڪانُ نڪري وين. گهُرندڙ کي پنهنجي اڱڻ تي اچڻ ۾ عيب ڄاڻن. سمجهن تہ واپاري وڙو ڪپتئي جي گهر ۾ ايندو اهڙو ڳجهو طعنو مور ڪين سهن. تنهنڪري ڪهي وڃي ليکو چوکو ڪري چڪائي اچن. نہ ڪنهن جو تڏو تڪين، نہ اڻ ڪوٺيو ڪنهن

جي اڱڻ وڃن. ڪاري ۽ ڪاريءَ کي وس پڄندي ڪپايو ڇڏين. عزازت تہ درڪنار، پر پنهنجي پاڙي ۽ قبيلي جي ننگ تي سرَ جون سَٽون ڏين. سندن اهڙي مرجات ۽ مٽيا ڏسي، ٻي پهچ ۽ ايڻَ ڪهي اچي سائڻ گڏ اولا اَڏين. پنهنجي اَيرَي سَيرَي کي هڪ اک سان ڏسن. ہہ اڪيائي ۽ رياءُ داري ڪانہ ڪن. ڪو پنهنجن ڪان ڏُڪجي وڃن آيو تہ ان تان قربان پيا ويندا. هتن جون ڇانئون ڪندس. ايتري اُڪنڊ ڏيکاريندس، جو پنهنجا ئي وسري ويندس.

-----

# ايمانداري

ڪهڙا نہ ڏکي انسان آهن! ڪهڙي نہ ڪٺن زندگي ٿا ڪاٽين! ڪيترين نہ مصيبتن جو مقابلو ٿا ڪن! ڪيڏو نہ خفو سر تي ٿا کڻن! زماني سندن بيوسي ۽ بيڪسيءَ جو فائدو وٺي، مٿن ڪيڏا نہ ڪلور ڪيا آهن! اها ڏکي زندگي، اها وحشياڻي رهائش، اها خستاحالي ۽ تن برهنگي، ڀوڳي بکن ۽ ڏکن جي تڪليف: مگر مجال جو سندن ايمان کي ڪو لوڏو اچي پارو وڃ ساڙي، بارش جبل ڏاري، قحط سالي سطح زمين جي رونق بدلائي، مگر هنن خانہ بدوش ۽ ابوجهہ انسانن جي ايمان کي ڪو ڪوسو واءُ ڪونہ لڳي. سندن ايمانداريءَ جي ساک اها، جو هڪ پُڇ، تہ ٻيو نہ پُڇ. لکن جي ملڪيت وٽن رکي وڃ تہ پولو ڪونهي. سچ ڳالهائڻ جي منجهن پختي عادت آهي جيڪڏهن ڪنهن جو پار پلاند ڪنهن ڏانهن هوندو تہ لڪ لڪاءُ جو خيال ڪونہ ڪن پڌري پَٽِ سچ چئي ڏين. سچيءَ سٽ جو ساٿُ ڏين. ڪوڙي ۽ ڪُلال سان ڪانہ پوين. هزارين حاجتن هوندي بہ ڪنهن جو تڪيو ڪين تڪين. ايڻ ۽ اعليٰ جي ايمانداري ساڳي ڏسبي، لُچ لفنگ جو وٽن تِر نہ ڪو تاڪُ. هرڪو هڪٻئي سان وسهيو وينو آهي تہ ڪارائي ڪنهن جي ڪانہ لڪندي. جيڪو ڪندو، سو اوس پريندو ۽ سلهاڙيو ويندو. پڌري پٽ، چونہ ڪنهن جي ملهائتي چيز پيئي هجي، نانگ

سمجهي ويجها بہ ڪين ويندس، نہ رڳو ايترو ڪو ڪائين، پر هٿ۔ سَچَ ڪرڻ ڪان بہ پيا ڪيہائيندا.

ويئيءَ۔ ڏٽي ڏونگر ڪين ڏوري: نڪي هٽي ڪٽ، نڪي ووڙي وٽڪار. فقط سکرن تي ساک پُڇا رکي، وڙول (ووڙ) ڏيئي، ستن پٽن جو پيءُ ٽي وچي ويهي رهندو، سلامت هوندي تہ اچي سهڙندي، ۽ جي ڪپي ويئي تہ ڪل ٻُجَ جو پورو عيوضو ملندس. چڱا مڙس ڪک ڪان وٺي لک تائين ڪنهن ويل چيز جي ڪوڙي ساک نہ پرين. جي وٽن هوندي تہ موٽائي آٽي ڏيندا. ۽ جي واءُ بہ ڪونہ هوندن، تہ جواب ڏيندا. اهو جواب ڏٽيءَ لاءِ ڪافي تسلي بخش تيندو. ساک ڏيڻ ڪا سوڪي ڳالھہ ڪانهي. هڪ دفعو ڪنهن ڪوڙو ويساھہ ڏنو تہ عمر پر پت ويس. نہ فقط ايترو پر جماعت جو ڏنڊ بہ پريندو. اها عادت سندن اولاد تي بہ اثر ڪري. ڪوڙي ڪپتي جي پيڙهيءَ مان ساک ڪانہ وٺن. هلڪي سلڪي ڳالھہ تہ نهيو، پر خون جهڙي ڏوھہ لاءِ ڪوڙي ساک ڪانہ پرين. خوني جي وٽن ويٺو هوندو تہ ڪن ڪان جهلي ڪڍي ڪندس باهر. وڏي خوبي منجهن اها، جو ڏوھہ ڪري پنهنجي چڱن ڪان ڪونہ لڪائين. انهن سان سربستي سچي ڪن. انهن سببن ڪري ملڪ ۾ گناھہ گهٽ تين تا. هڪيئي ڏي ڪو پار پلاند هوندن، تہ ان جي نبيرڻ لاءِ نڪا آهي. لکت جي ضرورت ۽ نڪا شاهدن جي گهرج. ماٺهو ڪوڙ ڳالهائڻ کي عيب سمجهن. ڪنهن جو پاءُ پاٽيءَ جو ڏانهن رهيل هوندو سوچٹو چٹي ڏيندا. گوٹ ناٹ ڪانہ ڪن. سب ڪم اعتبار ۽ زبان جي سچائيءَ تي پيو هلي. ڪو مقروض جيڪڏهن فوت تي ويل آهي.

۽ سندس قرض جي پورين ڪي ڪل بہ ڪانهي، تڏهن بہ ان جا پويان چئن چگُن جي چوڙ تي سارو وهنوار ڇُڪتو ڪري پريو ڏين. ماڻهن ۾ ڪُويساهي ڪانهي. ويساهہ وسهوڙا آهن. جهڙا اٿن ايمان سالم، تهڙيون اٿن دليون صفا. راڄ جي پريي مڙس تائين ڪو ورلي فيصلو وڃي، نہ تہ سڀ پنهنجو پاڻ نبيرين.

------

جو ڪنهن جي ڪائي ڪٽي. ڪنهن کي هيٺي حال ڏسي، پڳ پاهون ڪرڻ ۾ نہ بندو راضي ۽ نہ خدائي خوش. ڏبو تہ ونبو، ڪبو تہ ملندو. نہ تہ ڪوڙو پهہ. پاڙو پيغمبرن کي بہ پيارو هو. رشين منين بہ ان جي رکشاڪئي. الله کي اچن، وڃن نہ موران. ٿوري بہ چئن ڪتن سان سونهي.

اهي خوبيون، جي هر هڪ انسان ۾ هئڻ لازمي آهن، تن سان هو سراپا سينگاريل آهن. پاڙي ۾ ڪنهن کي پڏائون تہ مٿي ۾ سور پيو آهي، تہ آڪهہ سميت اتي ڳاهٽ ٿيندا. بيمار جي ٽهل ٽڪور ۽ گهرو ڪم ڪان گهريتن کي روڪي سڀ ڪمام پنهنجي سر تي ڪٽدا. سڄيون راتيون جاڳي، اُياري اُٿندا. اويل سويل ڪوسيءَ ٽڏيءَ. بيمار تان پيرو نہ پيڃندا. پاڙي ۾ ڪنهن سمر ڪٽايو ، تہ ان جي سڄي آڪهہ تيسين پاڻ ڪارائين، جيسين هو پاڻ پرا ٿين. وري ڪنهن کي بہ اوپالو ڪونہ ڏين.

پرڏيهي ڪو ڏُلي وٽن آيو، تہ ان تان گهوريا پيا ويندا. ان جو ڏک سک پنهنجي مٿي تي ڪٽندا. سام پئي لاءِ ساهہ ڏين. قضا الاهي، ڪنهن جي گهر موت ٿي پيو تہ ان جو سارو ڪمام پنهجي سرتي ڪٽن. مياتيءَ کي ڪل ئي ڪانہ پوي، تہ مردي جو ڪفن دفن ڪيئن ٿيو. خرچ پکو پاڻ ڦوڙي ڪري پرين. ڪانڌيي جي خرچ لاءِ پهرو بہ پنهنجو ئي پائين. مياتيءَ گهر، ان رات باهہ ڪانہ ٻري. سيني پاتين کي پاڙي وارا ڪُني ڪري ڪارائين، اهڙي مانيءَ کي " لنگهٽي" چون. گهر_گهر مان پنهنجي سرنديءَ سارو روڪڙي رقم بہ ڪڍيو ڏين. انهيءَ همدرديءَ جو اهو نتيجو ٿئي، جو مرڻي تي آيل خرچ سارو نڪريو اچي ۽ بعضي چڱي بچت بہ ٿيو پوي.

-------

# انصاف

چگن وٽ فيصلو ويو تہ ڇڻ حقدار کي حق مليو. نڪا ٽئي آڌي پُڇا, نڪي پُڇجن شاهد ۽ نڪا ٽئي انصاف ڪرڻ ۾ اينگهہ. مدعي ۽ مدعاعليہ آمهون سامهون ويهي، ساڪائتي ڳالهہ ڪري اٿن. اَمين ڳالهيون ٻڌي يڪدم فيصلو ڏين. فيصلو اهڙو جهڙو منديءَ تي ٺِڪ. ٻيئي ڌريون خوشيءَ سان قبول ڪن. اَمين وري پيءُ يا پُٽَ تان بہ ڪين گسن. ڏوهہ ۾ آيو تہ ڪاٽ پيو. گڏهہ ڳابي جو وهنوار بجاءِ خود, پر خونن جا معاملا بہ ائين نبيري اٿن. انصاف ڪرڻ ۾ نڪا ٽئي چگن کي تڪليف ۽نڪي وري فريادي ۽ جوبدار ڦرجن. ٻيئي پاسا آسانيءَ سان نبريو وڃن.

چگن جي ڪچهريءَ ۾ جوڙ ڪوبہ ڪونہ ڳالهائي اگرچہ ڪو لچ لفنگ آهي ۽ امينن کي شڪ ٿو پوي, تہ هيءُ شخص ڪچهريءَ ۾ ڪوڙ ڳالهائي, ڪُوهنواري ڪندو تہ اهڙي ڪان مُور پُڇا ڪانہ ڪَن. يڪدم انهيءَ جي راڄ وارن مان . ساڪائتي ۽ پڇا جهڙي ماڻهوءَ کي گهرائي وٺن: انهيءَ کان مجرم بابت ساڪائتي ڳالهہ پڇن. جيڪڏهن اهو چڱو مڙس پنهنجي يعني هن مجرم ماڻهوءَ مان وسهي ويو. تہ ان جي طرفان ويساهہ ڏيندو. پر جي اعتبار ڪونہ آيس, تہ ساک ڪانہ ڏيندو. ساک جو نہ ڏيڻ معنيٰ دال ۾ ڪجهہ ڪالا هي، انهيءَ حالت ۾ عيوضو پري ڏيڻ لاءِ مجرم يا مجرم جِي راڄ وارا ٻڌل رهندا. ۽ عيوضو پري ڏيندا. مطلب تہ ويٺيءَ-ڏٺيءَ کي ڏپ نڪو ڏاءُ. مجرم تہ فقط ڪيل گناهہ جو عيوضو پري ڇٽندو پر انهيءَ سان گڏ پاڙي جي معيار بہ

ويندو :هڪڙو ياڳو قومي سردار ڪٽندو ۽ ٻيو ياڳو بي گناهہ ڏر. ڏنڊن جون رقمون جدا جدا انداز ۾ هونديون اهو سڀ امينن تي ڇڏيل آهي. تہ ڪيترو بہ ڏنڊ وٺن.

جتي چار چڱا ويهي اهڙو فيصلو ڪن، اتي ڌرين کي ملندڙ رقمن مان گهٽي ڇڏ ڇوٽ ٿيندي آهي جن کي ڏنڊ جي رقم ملٽي هوندي سي چڱن جي محابي چار ڏوڪڙ ڇڏي بہ ڏين. بعضي تہ سموري رقم تان هٿ کنيو ڇڏين. اهي سڀ احسان انهن چڱن تي ڪن. باقي حاڪم جو ڏنڊ سو ڪنهن بہ حالت ۾ آٽي پهچائٹو آهي، خون جو ڏنڊ هڪ هزار رپيا. تنهن مان ست سؤ فوتيءَ جي وارثن کي ملن ۽ باقي ٽي سؤ رپيا حڪومت ڪٽي. جيڪڏهن فوتيءَ ڌي خونين جو اڳيئي خون جو پلؤ پلاند رهيل هوندو تہ پوءِ خون ۾ خون پاڙيندا. باقي سرڪاري ڏنڊ ٻنهي ڌرين کان وصول ڪيو ويندو. ڪاري ۽ ڪاريءَ جي خون جي ڪابہ پڇا ڪانہ ٿئي، جڻ تہ ڪُتا مري ويا. ڏنڊ جي وصولي هر حيلي ڪن. ست راڄ پني بہ پورائو ڪرٹو پوين. حاڪم پنهنجو حصو تہ جبراً وٺي. پر جي ڏوڪڙ پيسو ڏيئي بہ سگهيا، تہ مال ملڪيت ضبط، جيڪڏهن ڪو صفا سُڃو آهي، تہ ڪاٺ ۾ قابو. پل پيو جيل جون هوائون کائي.

ٽورائيءَ واريون قومون ۽ گهٽ ذات وارا ماڻهو. گهٽائيءَ وارن قومن ۽ اوچ ذات وارن ماڻهن کان وڌيڪ سلامت آهن. هندو مڱڻهار ۽ گڏا: اهي قومون انهن ٻنهي درجن ۾ اچي وڃن ٿيون. هندو ٽورائيءَ واري قوم ۾ ڳڻيا وڃن ٿا. مڱڻهار ۽ گڏا گهٽ ذات وارا تصور ڪيا وڃن ٿا. گهٽ طاقت ۽ ٽورائي سبب حڪومت

انهن جي خون بها ٻيٽي مقرر ڪري ڇڏي آهي. جيئن ڪين ڪو هٿ نہ لائي. يعني انهن جي سنڀال جو حڪومت کي ٻيڻو خيال آهي. انهن مان ڪو بہ قتل ٿيو تہ قاتل ٻہ هزار رپيا جرمانو ادا ڪندو. عورت جو خون بہ انهن قومن جي قطار ۾ شمار ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ اها بہ ضعيف آهي. ماڻهو پنهنجي پاءَ پلاند عيوض انهن شخصن تي هٿ ڪونہ هلائين. انهن جي فرياد تي حڪومت وڌيڪ ڌيان ڏيندي آهي. ڏنڊ جي وصولي تمام نرمائيءَ سان ٿئي. مجرم کي ڏنڊ جي رقم ڀڏائي ، ضامن وٺي، ڇڏي ڏين. جيڪڏهن هو پهچ وارو آهي تہ يڪدم پنهنجي هڙان ڀريو ڏئي. نقدي نہ هوندي اٿس تہ ملهہ سارو مال جو وڳر ڏيئي پاڻ آجو ڪندو. پر جي هيڪاري هيٺو آهي تہ پوءِ جهولي ڪٽي ڪاهي پوندو راڄ ۾ . راڄوئي ڪيس چڱي مدد ڪن. اهڙي وقت مدد ڪرڻ کي فرض سمجهن. هڪڙي چڪر سان راڄ مان ايترو تہ آٽي، جو ڏنڊ بہ ڏئي ۽ خرچ بہ ڪيڏي. راڄ اتفاقي حادثي لاءِ مدد ڪري. باقي ڄاڻي سمجهي گناهہ ڪندڙ کي ڪابہ هٿي ڪانہ ڏئي.

ارڏائي ۽ ڌِڱامُشتي مدار رکي ٿي مُٺ ۽ پُٺ تي. اکين جي لَتَ هيٺا بہ ڪانہ سهن. " ننگ آيد" جي مصداق، ڪڏهن هيٺن کان بہ هَڇا ٿيو پوي. قانون جي شڪنجي کان ڪوبہ بچي ڪونہ سگهي. امير خواهہ غريب لاءِ ساڳيو ڪاٺ، ساڳيو قيد. پوءِ جيڪڏهن ڪو مفلس ۽ نادار ڏوهہ هيٺ آيو تہ ان لاءِ ڏنڊ ڀرڻ تمام ڏکيو ٿيو پوي. اهڙيءَ حالت ۾، جهٽ پٽ، چار چڱا ۽ نياٽيون ميڙ وٺي، سندن تڏي تي وڃيو ڪرن ۽ ڏوهہ بخشائين. تڏي آئي، کي تنگ ڪونہ ڪن. دل جا ڪشادا ۽ ننگائتا وري

اهڙا. جو پيش پيل کي خون بہ معاف ڪريو ڇڏين. نياڻيءَ جو تہ گهڻو احترام ڪن. ڏکويل دل هوندي بہ نياڻي آئي ، سڀڪجھہ وساري ڇڏين.

فريادي ۽ جوبدار جيڪڏهن پاڻ ۾ ٺهي ويا تہ پوءِ حڪومت وچ ۾ دست اندازي بلڪل ڪانہ ڪري. هڪ دفعو معاف ڪيل قصور جي وري اُپٽار ڪانہ ڪن. معافي گهرندڙ کي نہ فقط قصور معاف ڪن پر ان کي پنهنجي دل جي صفائي ڏيکارڻ لاءِ، بہ- ٽي ڏينهن روڪي خوب مهمانيون ڪرائين. ساڻس ڪا نياڻي آيل هوندي تہ ان کي اوچي اوچ اوچائي وڏي شان مان سان موڪلين. وري اهڙي وير جي يادگيري بہ ڪانہ ڪن. " تڏي آئي تنگ نہ پئجي، توڙي هجن وير هزار."

پاڙي ۾ جي ڪنهن غريب اچي اوتارو اڏيو تہ ان جي سدائين سار لهن. صبح شام وٽانئس وَرُ واندو ڪن. اتفاق سان جي ان جو ڪجھہ زيان ٿيو تہ ان جي تلافيءَ لاءِ سر جوڙ سٿون ڏين. پاڙي جا سرها ۽ ننگائتا اهڙا آهن، جو پاڙيسرين جي بچاءَ لاءِ ڪيترن ئي جانيون قربان ڪري چڪا آهن. جيئن ڪنهنجو مرٽو سرهو ڪن. تيئن ڪنهن غريب جو پرٽو ٿئي تہ اهو بہ سرهو ڪن. گهٽن ڪنئي چِپَرُ بہ ڪڇيو وڃي. ڪاج ڏٿين کي ڪل ئي ڪانہ پوي تہ ڪم جو پورائو ڪيئن ٿيو.

اهڙو روهہ ملڪ، جتي نہ پوليس نہ پهرو اتي هر هڪ رهاڪو پاڻ کي شهري باشندن کان وڌيڪ سلامت سمجهي ٿو. ڪيترن غريبن جا پڪا رڻ پٽن ۾ اڏيا پيا آهن، پر ڪو بہ ڪنهن کي اوڏو ڪو نہ وڃي، ۽ نہ ڪنهن جو زيان ڪري. مسلمانن جي

وڏن خواهہ ننڍن ڳوٺن ۾ صرف هڪ-هڪ هندوءَ جو دڪان آهي. جتي هو باعيال رهن. ڏيتي- ليتي سڀ اوڌر ۾ اعتبار تي ٿئي. ڪنهن جي بہ پائي ميري ڪانہ ٿئي جيڪڏهن ڪنهن ڏيتي-ليتيءَ ۾. ڪيهايو ۽ مُنهن موڙيو تہ يڪدم چڱن وٽ فيصلو وڃي. ٻي رياڻيءَ جو فيصلو وري اهڙو. جو پائي-پائيءَ تي رکي وٺي ڏينس. هندڪي مسلمانڪي جو سوال ئي اُتي ڪونهي. نڪو آهن اتي اخبارون ۽ نڪو ڪوڙو ۽ غلط پرچار نڪي آهن ملڪ جا هاجيڪار اڳواڻ ۽ نڪي وري مهاسيائي ۽ خلافتي. سيڪو ٿڏو ٿانهريو وينو آهي. سڀ پاڻ ۾ پائرن جيان اٿن ۽ ويهن. شاديءَ ۽ غميءَ ۾ بہ هڪٻئي سان سدائين همدوش. راڄ ۾ ڪو اَيرو سيرو فيصلو ٿيڻو هوندو. ۽ جتي چار چڱا اچي ويهڻا هوندا، اتي پاڙوسي هندوءَ کي ضرور ڪوٺيو آڻين. جي ڪوٺ ڪانہ ڏنائونس تہ سنگت جي ميار ڇڪين ۽ گلارو ڪرين. جنهن جو هنن کي گهڻو احساس ٿئي . نيٺ معافي وٺي جند ڇڏائين. هندو دڪاندار سوين ربين جو سامان مسلمانن کي اعتبار تي اُڌارو ڏين. ۽ وري اهڙي ئي ميٺ محبت سان واپس وٺن. ڪنهن دڪاندار جو گراهڪ جيڪڏهن فوت ٿي ويو، تہ ان جو قرض سندس اولاد پريو ڏئي دل جي ڳنڍي منجهن اهڙي، جو هڪ دفعو ڪو وٺن وڃي تڪي، تہ هوند ورڻ جي وائي ڪين واري. مهمان سان ڪچهريءَ ۾ هندو مسلمان گڏجي اچي ويهن. ڪنهن هندوءَ گهر ناچاقائي ٿي، تہ مسلمان ٻارين-ٻچين سندن خدمت ۾ پيرن ڀر ٿي بيهن. اهڙيءَ طرح هندو بہ مسلمانن سان ساڳيا پير ڀرين. سندن همدرديءَ ۽ قرب کي ڏسي حيرت وٺيو

وڃي. هو لاڪيٽا لَلهَنگ، ۽ ڳالهين جا ڳَهير آهن. ڪنهن سان بہ ڪُمُهرائي ڪانہ ڪن. دوست تہ نهيو پر جي ڪو دشمن وٽن لڙي آيو تہ هٿن جي ڇانوَ ڪندس. پنهنجو ڪو اَيرو ٿي پيو ۽ ڏوٿ ڏينهن گهارڻ لڳو تہ ان کي ڇڏي ڪونہ ڏين. گهر-گهر مان پهرو ڏيئي، پاڻ جهڙو پاڳيو بنائيندس. انهيءَ رواج ڪري اڪثري سيئي هڪ حال ۾ آهن. ڪو بہ هڪ، ڪنهن بہ ٻئي کان اڳرو ورلي ڏسبو.

---

# مهمان نوازي

ڀهراڙيءَ جي مهمان نوازي ڪنهن کان ڳجهي ڪانهي، پر هن طرف جو ڍنگ ئي نرالو. زماني کي جاچي ڏسجي ٿو تہ جتي سادگي، نهٺائي ۽ غريبي گڏ آهن، اُتي محبت، همت، عزت ۽ دولت هڪيون آهن. سادگي عجب چيز آهي! هر برائيءَ جو بچاءُ، ۽ هر بيماريءَ جو علاج سادگيءَ مان سرجي ٿو. سادو ماڻهو هر ڳالهہ ۾ سادو. سندس گفتگو سادي، اُٿ-ويهہ سادي، کاڌ-خوراڪ سادي، پَهرر-اوڍَ سادي. اهڙي ماڻهوءَ جي دل سادي، ۽ طبع بہ سادي.

هوڏانهن ظاهري ڏيک ۽ زبان جي بي لغامي انساني دماغ ۾ تڪبر جي هوا ٿي ڦوڪي. پر جيڪو انهيءَ عيب کان آجو آهي، سو اشرف، انسانيءَ لاءِ باعث فخر آهي. آئي جي آدر ڪرڻ، بيمار جي ٿهل ٽڪور ڪرڻ ۽ هيٺي جو حال ونڊڻ اهڙي ئي ماڻهوءَ جو شيوو آهي. ننڍو خواهہ وڏو، هيٺو خواهہ ڏاڍو، غني خواهہ غريب، شاهہ توڙي گدا، ايڻ توڙي اعلي، ساديءَ سمجهہ ۾، سڀ سمان آهن. اعلي کي ايڻ تي ترجيح ڏيڻ هن جي ضمير کي پسند ڪونهي. اهڙي وٽ وڃبو تہ اَبالو ڪين ٿبو پر مڙيوئي مان لهبو.

هٺ يا غرور رڳو آهي ساڙو. جڳ کان آڪري ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ هر امر تي پاڻ کي قادر تسليم ڪرڻ ۽ پوُت جي واءُ سان اکيون آسمان ۾ جهلي هلڻ! ڪنهن ڏينهن اونهيءَ ۾ اُهريندا. اهڙا، جي ڦندڪَ سان پيچ ڇنديِن، هر چيز جي استعمال ڪرڻ ۾ ڏوراڇائي ڪن، سي ضرور لڙي مٽان پون، ۽ تحقيق ڏکيا ٿين.

غريبي گذاري جي قدرت جو هڪ پوشيده راز آهي. سيئي سرنديءَ وارا هجن ها تہ هوند قدرت جو گاڏو گهلڻ ڏکيو ٿي پوي ها. مالڪ کي سڀ مٺا آهن. سيني تي هڪجهڙي نظر ٿو ڌري. هيءَ دنيا ڪتاب آهي، تنهن ۾ جيڪي اسين ڏسون ٿا, سو اسان لاءِ ڌار ڌار آزمائشي سبق آهي. سچائيءَ ۽ سڪٽائيءَ کي اسين خدائي قهر ڪوٺي سڏينداسون. قدرت جي راضپي ڪانہ ٿي ٿاهي. "لا تَحرّڪ ذرّت اِلاباذنہ" يعني ڪوبہ ذرو ڌڻيءَ جي حڪم ڌاران چُري نٿو سگهي.

ڏکئي بکئي کي پانڌيڙوءَ جو گهڻو احساس ٿئي ٿو. مسافر جي تڪليف کي پنهنجي مشڪلات سان ڀيٽي نتيجي تي اچڻ، اهڙن ماڻهن لاءِ آسان آهي. اَميرن کي غريبن جي گذر جو ڪهڙو پتو؟ هو پاڻ ڍاوا تہ جڳ ٿي ڍائو. پاڻ ساوا تہ جڳ ٿي سائو. هو پنهنجي هوند جي نشي ۾ مخمور ۽ مست. ڪل ڪانہ پوين تہ دنيا ڪئين ٿي هلي. پر ڏکئي کي ڏک جو احساس هوندو. منهنجي تہ اهائي صلاح اٿو تہ جيڪڏهن مسافريءَ ۾ ڪٿي مهمان ٿي وڃو تہ لنگهي وڃو غريب جي اوتاري تي، ۽ وڃي مهمان نوازيءَ جو سبق سکي اچو. هنن جي مهمان نوازيءَ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! هو سمجهن ٿا تہ بختاور سو. جنهن گهر مهمان آيو. آءَ-ڀلائي ڪرڻ تہ سندن مَرڪُ آهي. باقي رهيو روز پاٽي، سو جهڙو حال حبيبان، تهڙو پيش پريان. تنهن هوندي بہ ڪو اڀالو ٿي وڃائڻ ڪونہ ويندو. جيڪي رات جا چار پهر رهندو، سو چڱو مانُ ماڻيندو.

"مهمان" لفظ جي پوري پوري معنيٰ ادا ڪن "مها" معنيٰ "وڏو"، "مان"، "عزت". يعني " وڏيءَ عزت وارو". سچ پچ جيڪو وٽن ويو، تنهن وٽن وڏو مانُ لڌو. ڪو اجنبي اوچتو وڃي ڪٿي اوطاقي ٿئي، ته ائين ڪونه سمجهن ته هيءُ فلاڻي در جو مهمان آهي، پر سڀئي ائين سمجهن، ته اهو اسان مان هر هڪ جو مهمان آهي". جن ڪي پنهجي رهائش لاءِ پورا پڪا ڪينهن، تن وٽ اوطاقون ڪٿان آيون؟ ڏنگرن جي اوٽ ۾ تڏو ڪٽي ڏيندس. پوءِ هڪ-هڪ ٿي پيا ايندا. خوش خيرعافيت ڪرڻ بعد مسافريءَ جي مقصد جا حال احوال وٺندس. ماني ٽڪر وقت سر ڪائي، پوءِ شهرين وانگر هن ڪي اڪيلو ڇڏي، پاڻ وڃي آرامي ڪونه ٿين. جيڪڏهن سرديءَ جي موسم هجي ته وچ ڪچهريءَ ۾ وڏو مچ ڪٽي ٻارين. حقو تانڪي رکن اڳيان. ڪچهريءَ جو سينگار حقو اٿن. واري تي وجن سوُٽا هٽندا. سڄي ڳوٺ جا مرد ماڻهو اچي مهمان وٽ مڙندا. زماني جون اوپاريون لهواريون ٻڌندا ۽ ٻڌائيندا. جاءِ جي تنگي ته هنن وٽ آهي ئي ڪانه. خدائي وسيع فرش آهي، جنهن تي جيترا آيا، اوترا پورا. ڪچهريءَ جا ڪوڏيا آهن. هونئن ته روزانو پاڻ ڪي وندرايو ويٺا آهن، پر جيڪڏهن ڪو وٽن مهمان آيو ته پوءِ اڳيون پويون ڪسرون ڪڍن. اورچ وري اهڙا، جو اُپاري اُٿن. اوجاڳي جا پڪا، ۽ ويهڪ جا ڏاڍا. مڙس ڪانپ ڪڍي ويٺا ته صبح تي ويندن.

-------

# ڪچهري

اوهان سوين سئنيمائن ۾ شغل ڏٺا هوندا. ڪيترين محفلن ۾ شريڪ ٿيا هوندا، هزارين پروفيسرن جون علم و ادب تي تقريرون ٻڌيون هونديون، ڪيترن ئي سالڪن جي صحبت اختيار ڪئي هوندي، گهڻئي تعليمي نماءَ ڏٺا هوندا. پر آءُ دعوي سان چوندس، تہ انهن سڀني مشغولين ۾ تماشن کان وڌيڪ پُراٿي ۽ بامعني مشغولي آهي ڪوهستاني وينجهارن جي ڪچهري، ماٺهوڏسو تہ صفا ڇٽ. لڱن تي پورو لٽو بہ نہ جُتين ۾ گدلا، جن سان ماني کائڻ بہ ڪراهت. پر هو جيڪي ٻولين ٿا، سو اسان نہ پڙهيو ۽ نہ ٻڌو: اسان جا سنڌي مصنف، شاهہ صاحب ۽ سامي صاحب جي رسالن مان چند بيت ڏار لکيو ڪتاب تيار ڪري ڪٽي اسان اڳيان رکن. اسين بہ هر هر ساڳي ڳالهہ پيا پڙهون. پر هنن وٽ اهو قصو ڪونهي. نئين سج نئون سبق. مهمان سان ڪچهري تہ ڪن، پر وقت ڪيئن گذري، ڪچهري ڪيئن رونق افروز ٿئي، تنهن لاءِ جيڪي ڪن ٿا، سو سراپا علم ادب جو بحر بيڪران آهي. لٽريچر تي ليڪچر آهي. ڪُهني ۽ وساريل تعليم آهي.

ڪچهريءَ جا گهڻائي رنگ بدلائين: ڇو تہ هڪ رنگ ۾ هلڻ ڪري ويٺل ڪڪ ٿيو پون. ڪوهستاني ماٺهو ساز سرندو ۽ راڳ جا ڏاڍا شوقين آهن. ڳوٺ- ڳوٺ ۾ بہ-ٽي پنگا مڱڻهارن جا ضرور هوندا. مڱڻهار متل ڪچهريءَ ۾ ازخود اچيو حاضر ٿين. سُرندا ساز ڪيِي وڃي وڄائين. ڪچهريءَ جو رخ وڏڙن جي مرضيءَ موجب ڦري گهري. ماٺهن ۾ گهڻو رواج آهي نڙ تي بيتن

چوڻ جو. وڏڙن کي گهڻو ڪري اچي شاهه صاحب جي بيتن مان مزو. شاهه جي رسالي کي بلڪل عزت جي نگاهه سان ڏسن. روحانيت ۽ وحدانيت جو ڪلام سمجهن. تنهنڪري اُن جا بيت گهڻي چاهه سان چون. چو ته شاهه صاحب جو رسالو سڄو آهي تمثار ٿيل جابلو ٻوليءَ سان. ٻين سُرن کان سسئي-پنهونءَ جي سرن وارا بيت کين وڌيڪ رس ڏين. تنهنڪري اُهي ذوق شوق سان ياد ڪن. انهن سُرن ۾ " جابلو سنڌي" شاهه صاحب خوب ڪم آندي آهي. جيئن ته:

اڳي اِنْ هياس، جِنْ پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا،
هاڻي اِن ٿياس، جِنْ جت نه نينم پاڻ سين.

هياس، ٿياس، نِينم: اهي اَلفاظ ڪوهستاني زالون عام طرح ڳالهائينديون آهن. سنڌ ۾ ڪٿي به اهڙا لفظ استعمال ڪونه ٿين. جڏهن ڪچهري رس ۾ ايندي، تڏهن وڏڙا حڪم ڏيندا ته ادا، معذوريءَ جو سر وڄايو.

جهنگن جا پنڌ ڪشالا، جبلن جا لڪ لانگها، ونڌُرَ جا وَرَ وَڪُڙَ، هاڙهي، پٻ ۽ هڱور جون ارڏايون. واءُ ۽ سج جي بيوفائي، اُنن ۽ اوٺين جي دشمني، اهڙي ته ترنم سان ادا ڪندا، جو جڻ ته اجها ٿي سسئي ويچاري اکين آڏو واڪا ڪندي وڃي. هڪڙو ته شاهه صاحب جو ڪلام رسيلو ۽ پر معني، ٻيو ته هر موقعي ۽ مهل سان نهڪي اچي، تنهنڪري ٻڌندڙن جي ۽ چوندڙن جا وچ ڪٽايو ۽ ڳَچ ڳاريو ڇڏي. دنيا جي ڪوسيءَ ٿڌيءَ مان جيڪي لنگهيا آهن، تن جا سُتا سور جاڳائي، ڇاتيءَ وارا ڇيهه ڏيو ڇڏي. هو جابلو ماڻهو هنن کي جبل سان پياسَ. جن بيتن ۾ جبلن جو بيان ۽ نالا اچن، تن کي گهڻي غور ۽ خوض سان ٻڌن. سسئيءَ

ويچاريءَ جو ٻـ اڇي جبلن سان ڪم ڦاٿو هو. تنهن تـ هر هر پيئي جبلن سان ونڊُرَ ڪئي.

ڏونگرا ڏوراپو ڀهريون ڇُنديس پرينءَ ڪي:
ڀهڻ پير پٿون ڪيا، تريون ڇڃيون تو.
رحم نـ پيوئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو.
واڪو ڪنديس ووا مون سين جبل تو جاڙون ڪري.

پٿر بيجان، بيحس وحرڪت. سسئيءَ کي ڪهڙو جواب ڏين؟ هن جي اندر ۾ پنهونءَ جي سڪ جا جيڪي اڌمان اُٿيا ٿي، سي دل ۾ سانڍي ڪين ٿي سگهي. مجبوراً ٻاڦ ٻاهر ڪيڍٿي ٿي پيس. اهڙو درد جو اظهار ويو ٿي وڻ وڻ کي لوئيندو ۽ لوساٽيندو.

ڏکي ۽ ڏونگر ٻئي وينا رُون،
ڪنهن کي ڪين ڇُوَن، منجهن جو پريتٽون.
ڪي جي ڪڍيائون پار، ڏکيءَ ڏونگر پاڻ،
سٽي سا تنوار مرون پيا ماميري.

سسئي کي پڇاڙيءَ تائين پڪ ڪانـ ٿي، تـ پنهونءَ سان ملڻ لاءِ منهنجي اڳيان ڪير تو رڪاوٽون وجهي. ڪڏهن ڏيرن کي پيئي ڏوهـ ڏئي تـ ڪڏهن اُنن کي ويٺي لوئي. رستي جي اٽانگائي ڏسندي، جبلن تي پيئي ڏمر ڪري. ڪنهن مهل تـ سيني کي گڏي پيئي پنهنجو دشمن سمجهي.

اُٺ ويري، اوٺارَ ويري، ويري تيڙم ڏير،
چوٿوَن ويري سج ٿيو. جَنهن اُلهي ڪئي اَوير،
پنجون ويري واءُ ٿيو. جنهن پنهونءَ لتيا پير،
ڇهون ويري ڇِپرُ ٿيو. جنهن سنوان ڪيا نـ سير.

ستون ويري چنڊ ٿيو جوڪڙيو نہ وڏيءَ وير،
واهيري جي وير، ڇُلون ڪيان ڇپرين.

سسئيءَ جو سُر سچو آهي درد ۽ دک. پڏڻ وارن تي اهڙو اثر ٿئي، جو اُهي پس غائبانہ سسئيءَ سان همدرد ٿيو اوچنگارون ڏيو روئن.

نوجوانن ڪي وري اچي لوڙائو بيتن مان مزو سي انهيءَ مهل سانوڻ فقير کي ياد ڪن. سانوڻ فقير، ناري ڊوري جو ويٺل ذات جو خاصخيلي، پنهنجي وقت جو چڱو شاعر هو. هو قد جو بندرو ۽ بت جو اَپرو هو. سندس شعر ۾ چُستي، جوش ۽ جذبو تمام گهڻو پريل آهي. دنيوي عشق جي چماٽ راهان رد ڪري ڇڏيو هو ، پر پوءِ اچي رستي تي پيو . هو پاڻ بہ ناڙي هو ۽ پاڻ سان هميشہ هڪڙو ناڙي همراهہ بہ ڪٽندو هو. ميلن ملاڪڙن تي ماٺهو دعوتون ڏيئي گهرائيندا هئس.

پنهجا بيت پاڻ نَڙَ جي سُر تي چوندو هو. هر هڪ بيت چوڻ بعد پاڻيءَ جو گلاس پيئندو هو. جئين تہ تخلص جو اثر شاعر تي گهڻو ٿيندو آهي. سانوڻ فقير هر هڪ بيت ۾ پنهنجو تخلص: سڙيو مران سانوڻ چئي، يا سورن ۾ آهيان سانوڻ چئي، ڪم آڻيندو هو. ائين چوڻ سان سندس جسم کي گويا باهہ وٺي ويندي هئي ۽ سارو بدن جُهنجهڪَ ڪائي ويندو هوس، تنهنڪري پاڻي پيئڻ جي ضرورت محسوس ڪندو هو. بعضي تہ سچو مٽ پرائي رکندو هو. جنهن مان لوٽا پري اوتيندو هو. هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ وفات ڪئي اٿس. سانوڻ فقير جا ڪي بيت تفريح طبع لاءِ هت ڏجن ٿا:

(1)

اَڏ لوئيءَ جو انگ تي، اَڏ ۾ ڪانبا ڪيائون،
پنوريءَ پٽن تي، وچي ڦرڙا ڦيريائون،
ٻڪر ٻاٻاڻن جا، ڇيلا ڇوڙيائون،
سڙيءَ جو سانوڻ ڇئي، سنجهي نہ ساريائون،
واري وار يائون، ورندا خط وصال جا.

( 2)

اَڏ لوئيءَ جو انگ تي، اَڏ ۾ خان ڪَڙيو،
ونهين ويڙهيچن سان، منهنجو مَنُ مڙهيو،
ونهين ويڙهيچن لاءِ منهنجو ساهہ سڙيو،
آٽين چاڙهين سومرا! ڇنديو ۽ ڇڙهيو،
ڪوٽ مٿانرا ڪنگرين، مون سڏ ڪيا سڙيو،
سڙيو مران سانوڻ ڇئي، لنگهندي ڪونہ لَڙيو،
پنهوارن پڙهيو منهنجو ڪاٹڙ پاسي ختمو!

(3)

اَڏ لوئيءَ جو انگ تي، اَڏ ۾ ڪن اوڙَڪَ،
مارو وچن مال سان، ڏوٹيو هٹن ڏَڪَ،
مارو وچن مال سان، ڦيريو هٹن ڦڪَ،
مارو وچن مال سان، ميڙيو آٹين مڪَ،
هن ساهہ جي سانوڻ ڇئي، مون کي پوري نہ آهي پڪ،
حاڪيماٹا حق، مون پارڻ ڪان پري ٿيا.

(4)

اَڏ لوئيءَ جو انگ تي، ٻيو ڪجهہ نٿي جاٹان،
ڪعبي سندي ڪندَ تي، منهنجا نبي ناناٹان،

ڪعبي سندي ڪنڌ تي، بيٺا چاري چاچاٽان،
قطب سندي ڪنڌ تي، منهنجا مارو ماماٽان،
پُورب سندي پارَ ڏي، منهنجا آهن اباٽان،
ڏکڻ سندي ڏس تي، منهنجا ڏوٿي ڏاڏاٽان،
سانگين سنگهارن کي مان چاٽان سچاٽان،
منهنجن مارن جا ملير ۾، آهن پٽن ۾ پاٽان،
منهنجن مارن جا ملير ۾، آهن ترن ۾ تاٽان،
منهنجي آسَ اَڏي ويٺا آهن پکا پراٽان،
مون ڏي مڪائون ملير مان، دُعا سندا داٽان،
هت ساعت نہ تڪان سانوڻ چئي، پرين پچاٽان،
مون کي ماٺتاٽان، سک نہ وسرن سومرا!

( 5 )

سرتيون! پرتيون پير کي، آءُ جا هلڻَ هاري،
جيڏيون منهنجي جيءَ تي، برهہ لڳو باري،
ساجن سُتي سُور جي هڏن تي هاري،
اڳيان پٽيون پنڌ جون بيحد بسياري،
اڳيان پٽيون پنڌ جون بر سُڄن باري،
اڳيان پٽيون پنڌ جون ٻي واٽن تي واري،
سورن ۾ سانوڻ چئي، ڪندو پنهل پوئواري،
لڪئي جي لاري، پيئي پنهونءَ چام سان.

ائين نہ سمجهو تہ انهيءَ ڪچهريءَ ۾ ڪي فقط ٻڌيسر هوندا، پر گهڻا جوان سالڪ، سگهڙ ۽ شاعر بہ هوندا! جيئن جيئن ٻين شاعرن جا جوشيلا شعر ٻڌندا ويندا، تيئن تيئن سندن

جذبات ۾ بجليءَ جون لهرون ڊوڙنديون رهنديون. نيٺ پاڻ جهلي ڪين سگهندا، ساز بند ڪرائي، ماٺيٽي مجلس شروع ڪندا.

هوڏيل جوان آمهون سامهون ٿي ويهي بيت بازي پورائين. سندن وضع قطع ڏسندي، ڪو به اعتبار ڪري ڪونه سگهندو ته هنن ۾ ڪا ايڏي مٺيا هوندي، پر جڏهن ڳلن، تڏهن ڏندين آڱريون لڳيو وڃن.

آءُ خوشقسمتيءَ سان هڪ اهڙيءَ ڪچهريءَ ۾ وڃي شريڪ ٿيس، جتي رڳي سياڻن جي سٿ هئي. ٻه جهونا جوڳي نڪري ٿيا نروار، اچي ٻڌائون هوڏ. ڪچهري ءَ جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيائون. ٿورو وقت اڳ ٻڌل شاعرن جا شعر پئي ڇيائون ۽ ٻڌائون. پر هاڻي ته اکين آڏو جوان ڳوڏا ڀڃي ويهي وندارڻ لڳا. هڪڙي جو نالو هو ابراهيم ۽ ٻئي جو عبدالله. گهٽائي موتي هارڀائون. مون کي هر هڪ جو فقط هڪ-هڪ شعر حافظي تي تري ٿو اچي. ڪوهستاني شاعرن جي شعر سان واقفيت ڪرائڻ لاءِ اُهي به شعر هتي درج ڪريان ٿو:

## شيخ ابراهيم

سَرَتَر، ڪَرَ ڪڪر، جت جهول، جبل، جهنگ جهر،
پَٽَ رَٽَ، گهٽَ وَٽَ، پٽيُون، جت واٽُن ونگا وَر،
جل جبل، ڪوهه، روهه رُڃ، جت ڏينهن تتا ڏُونگر،
ڪوريون، ٻيريُون، ڳڳريون، ٽمر ٽميچا ٿُوهر،
ڪار سنبهار، سرهه ورهه، جت سڪا ساوا سر،
گل ڦل، امل باغ برن ۾، جت باس موچاري ٻر،
سور، نور، نونڌڙا، جت خرگوش هئا ۽ خر،

باز ڪانءَ، سرڻ، سوُ ڪان، جت پپيها ۽ پاليهرَ،
مور، تلور، عقاب اُتهين، ٻيا قمري ڪبوتر،
پتيون پتين جا، "ابراهيم" چئي، سندا ٻانيڻ ٻر،
سي سڀ ويچاريءَ وساريا، هلي باسي بر،
ويس وڳا سرتين ڇانيا، اُتي بيٺي اَپڇر،
ڪمي ڪسبڻ تنهن جا، تا زر گهڙين زيور،
هل ڦُل هندورا، هند ٻيا، محل، ماڙيون ۽ گهر،
سينهن سيونگ، سک گهٽا، وٽن موڪ مجر،
ستيو ٻُٽي سُج ۾، هوءَ تي ور لاءِ ڏئي وَرَ،
سا سسئي منجهه سنگهر، نيئي معذور، ميڙ تون.

شيخ ابراهيم پنهنجو چوهه چنڊيو ۽ جوش ڏرو ڪيو ته يڪدم عبدالله پنيرو سرڪي اچي سوڙهو ٿيو. وارو خالي نٿي ڪيائين. جيئن ٻوءِ تيئن ويس تي جوش وڌندو. عبدالله خان پنيرو گهاٽا ملڪ گهميل تي معلوم ٿيو. هن صاحب ڪي زماني جو چڱو آزمودو هو. سارو نقشو چٽي ڪٽي ڪچهريءَ ۾ پيش ڪيائين. مڙس هو جوشيلو، تنهن ڪٽي ڪهاوت شروع ڪئي.

**عبدالله خان پنيرو**

هن دنيا جي دؤر ۾ جيڪي آهن جُنگَ،
تن جئيڻ آهي جنجال ٿيو جهڙا ٻوڙا گُنگَ،
هاٿي هرگز ڪونه رهيو، ويا شينهن پلنگ،
چيتن سان چور ٿيو، روَبهه ڪن تا رنگ،
گدڙ مارين شير کي، هٽي تير تفنگ،

ڦوڪون هڻن فيل ڪي، ڳوهون ڳاڙهي رنگ،
گينڊي سان گهمسان ۾، تو سيڙهو ڪري جنگ،
ڪرڙي ڪري ڪَرَهہ تي واڳوءَ ساڻ نهنگ،
وڙهن وڏي واگهہ سان ڪُڪُڙَ سي ڪولنگ،
ماري بحري باز کي ٽيٽهيَر هٽيو ٽنگ،
وَر ڪريو واسينگ کي تا ڏيڏر هڻن ڏنگ،
ڪِپُر هلن ڳلا تاپيا واسينگن ونگ،
باز آهن بند ۾، چڙِيون هڻن ٽيون چنگ،
هاٿي هيٺا هنجهہ ٿيا، ڪاوڙ ڪن تا ڪنگ،
سڪَنِ سُڪي گاهہ لاءِ، عربي گهوڙا جُنگ،
ڪَنڌي چَرن خرَتا، داٽا چٽا سنگ،
اشراف گذارين اَوک ۾، عمر ڪاٽين انگ،
ڪميني ڪمذات کي آهن مزا ۽ منگ،
رب جا اِهي رنگ، "عبدو" ڏس عجب ٿيا!

مطلب تہ گهڻو ئي ڏنائون ورتائون . اهو بہ هڪ قسم جو مناظرو هو. مشاعرو هو شعر گوئيءَ تي هوڙ هئي، شاعراڻو بحث هو. ميزبانن ڏاڍيون چٽاپيٽيون ڪاڍيون. هڪٻئي جا ڳجهہ کولي ظاهر ڪيا.

نيٺ پات-بازي پوري ٿي. شعر شاعري پوري ٿي. چند منٽن لاءِ ڪچهريءَ تي سناٽو ڇانئجي ويو. وري بہ دليون تحرڪ ۾ آيون. هڪڙي منجهائڻ هڪل ڪري چيو تہ "پاڻرو اچيو ٿي

سوڪڙي." سيني يڪ آواز ڪري چيو تہ " پلي ڪري اچي." مون تہ سمجهوئي ڪين تہ ڪهڙي ٿو سوڪڙي پيش ڪري؟ خبر تڏهن پيئي، جڏهين سڄيءَ ڪچهريءَ جو ڏيان پاڻ ڏي ڇڪائي، هڪڙي ڳجهارتَ ڪٿي ڏنائين. ڳجهارت معنٰي " ڳجهہ". سو بہ پرائو ڳجهہ. خدا ڄاڻي تہ سالڪ جو خيال ڪهڙو؟ مراد ڪهڙي؟ هو تہ اڳيئي انهيءَ وٿ جا واپاري هئا. سي لڳي ويا ڳجهارت ڳولڻ ۾ . ڳجهارت هن ريت هئي: عورت نالي ڇا ڪريان، هو ويا نالو مرد ڇڏي؟ هُنِ ڳَڏِ ڪيو نہ هڏو مان نہ رهندي هڏي ڪهُہ منهنجو ولايت ويو. متي لوهہ جن لڏي. دعا ڪريو. ڙي جيڏيون! مانَ عورتَ نالي سان ڳڏي.

سالڪ ڳجهارت ڏيئي خاموش ٿي ويهي رهيو. ٻيا سيئي اچي ويچار ۾ پيا. اول فيصلو ڪيائون تہ سُر جاچجي سُر هٿ ڪرڻ کان پوءِ ڳجهارت ڳولڻ سولي ٿي پوندي. چو تہ اوٿائتا ڏڪ هٿيا. سي ڪارگر ٿيندا. بي اوٿو جهنگرُ جُهڳِلڙَ مان هڙ نڪي حاصل. اهي پهہ پچائي، پاڻ ۾ پهي، نيٺ انهيءَ خيال تي متفق ٿيا تہ هي سسئيءَ جو سُر آهي. سُر هٿ ڪري، اچي پيا جهٽَ هٽڻ تي. ڳجهارت ۾ مکيہ بندَ ست آهن. (1)عورت، (2) نالو، (3) هڏو (4) لوهہ، (5) ڳهُہ، (6) ولايت، (7) عورت.

هاڻي ڪوشش ڪري انهن نالن ۽ بندن جا اصلي نالا ڳولڻ لڳا، جن ۾ سالڪ لڪ ڪري لڪيل راز رکيو آهي. ڳجهارت هئي سسئيءَ جي سر ۾. تنهنڪري سسئيءَ جي روپ ۾ لِڪِي ويا، اهڙي معنٰي وارا نالا ونندا ويا، جئين اُها مراد برصواب ٿئي. سوبن نالا عورتن، هڏن، ڳهن، لوهن ۽ ولايتن جا

ساري ويا. نيٺ هڪڙي جهور پوڙهي، عورت "حليمان" جو نالو ورتو. ڳجهارت ڏيندڙ يڪدم رڙ ڪري چيو " بس! بس!" اتي چؤڌاري واه واه! پئجي ويئي. ڇو ته ڳجهارت پڄي پيئي. ڳجهارت جو هڪ بند ٽٽو ته سڄي ڳجهارت ٽٽي. چيائونس ته هاڻي حل ڪرينس. هن ريت ڳجهارت حل ٿي:

(1) عورت جو نالو حليمان. (2) مرد جو نالو بيگ.

(3) هڏي جو سنڌو. (4) ڳهه جو وَرُ.

(5) ولايت ڪيچ. (6) لوهه جا گُر.

(7) عورت سسئي ۽ (مرد جو) نالو پنهون.

انهيءَ ريت سيئي بند نروار ٿيا، پوءِ سڄي ڳجهارت پڄي ٻڌايائين جا هن ريت هئي:

هلي مان ڇا ڪريان؟ هو ويا بي گرا ڇڏي،
هنن هَڏ ڪيو نه سندو مان نه رهندي سنڌي،
ور منهنجو ڪيچ ويو مٿي گونرن لڏي،
دعا ڪريو ڙي جيڏيون! مانَ سسئي، پنهون سان گڏي.

1_ حليا مان مان مراد: هلي مان.

2_ بيگ مان مراد: بي گرا.

جڏهن ڳجهارت جو فيصلو ٿي ويو تڏهن ٻئي پاسي کان هڪڙي جوان رڙ ڪري چيو ته " ادا، هيءَ به وٺي وڃو." انهيءَ به هڪ ڳجهارت ڪچهريءَ ۾ ڪٿي اچلائي. چيائين ته:

'جت اُتَ ڪاڪَ جي ، اُتان آءَ ڪيئن ذات ڙي!'

ڪچهريءَ ۾ سيئي سُڏِير ويٺل هئا. ڳجهارت جو اچڻ ۽ هنن جو سرُ سهي ڪرڻ. چئي ڏنائون تہ اها ويچاري سهڻي آهي. ڳجهارت جا بند تي : اُٺ، ڪاٺ ۽ ذات. سيڪو پنهنجي پنهنجي منهن ڳولڻ لڳي ويو. باقي ڳجهارت ڏيندڙ ڪَنُ ڏيئي ويهي ٻڌڻ لڳو. مون کي تہ وڏي ڪماليت ڳجهارت ڏيندڙ جي ڏسڻ ۾ آئي. بس، هڪڙي ٽولي اٺ وارو بندَ ڳولڻ ۾ لڳي ويئي، جنهن ۾ چار-پنج ماڻهو شريڪ هئا. هر هڪ ماڻهوءَ پنهنجي پنهنجي خيال، ڄاڻ، سمجهہ ۽ يادگيريءَ موجب نالا پئي ورتا. ٻي ٽولي ڪاٺ جي ڳولا ۾ مشغول تہ ٽئين، ذات جي ظاهر ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهي هئي، اتڪل ويهاري کن ماڻهن انهيءَ شغل وشغف ۾ ڀاڱ ورتو. هر هڪ کي ڪن ڏيئي ساڳئي وقت ٻڌڻ بہ ڪا سولي ڳالهہ ناهي. ڳجهارت جو دستور آهي. تہ ڪنهن بند جو نالو ونجي ويو. يا ان نالي جهڙو هم آواز لفظ ٻيو ڪو چئي ويو. تڏهن بہ ڳجهارت ختم سمجهڻ گهرجي. اهڙي پختائي رکڻ لاءِ دماغ کپي. ائين بہ نہ ٿئي جيئن ڪو ماڻهو گهربل نالو وٺي وڃي، ٻڌندڙ جي ڌيان ۾ ئي نہ اچي. جيڪڏهن ائين ٿيو تہ اها ڪاريگر لاءِ عيب پري ڳالهہ ٿيندي.

نيٺ ڳجهارت جو ڳجهہ وجي لڌائون. هڪڙو جوان اُٺن جا قسم ۽ عضوا ڳوليندي ڳوليندي، اٺ جو تارون چئي ويو ۽ ڳجهارت " واهہ واهہ" تي ويئي! چيائونس تہ " هاٿي کولي ٻڌاءِ" . چيائين تہ "اُٺ جو تارون، ڪاٺ جي ڏَڪِ يا ڏاڪَ ۽ ذات جي لنگهُي." سيئي اسم ٻُڌي. يڪو جملو هن ريت نهي ويو: " جت تارو تي ڏڪيا، اُتان آءُ لنگهي ٽڙي!" سهڻي پنهنجي ساهڙين کي چئي رهي آهي تہ "ميهار جي محبت مون تي اهڙي غالب آهي،

جو سندس لاءِ اهڙي ڏکئي وقت، جڏهن درياءَ ۾ ترندڙ ماڻهو درياءَ جي دهشت کان ڏکيا ٿي، تڏهن بہ آءُ اتان لنگهي ويس.

پوءِ تہ اچي ڳجهارت جي پرٽ پرٽان شروع ٿي. هر ڪو واري سان چوندو ٿي ويو. ڳجهارتون بہ سڀ سرائتيون. بيسري ڳجهارت غلط سمجهي ويندي آهي. تنهنڪري اهڙي ڳجهارت پيش ڪانہ ڪن. سُروزي ويچارو منهن مونن ۾ پايو ماٺ ڪيو ويٺو هو تنهن کان بہ سَنو ڪين ٿيو پڙڪو ڪائي اٿيو. چيائين تہ " ڪچهريءَ ۾ چپاتن جي چيلهہ هميشہ ننڍ نهوڙي، تنهنڪري منهنجي بہ ٻڌي ڇڏيو." اتي تہ واڳو وات ڦاڙيو ويٺا هئا، تن لاءِ جيڪي ٿي آيو سو ٿورو. وهاڻن تي ويهي، ڪانيون ڪڍيو ويٺا هئا، ۽ جي ٽڪا ٿي تہ اِرڪ پر ليٽيا ٿي. مطلب تہ پاسو سانهي، وري اُٿيا ٿي. چيائون تہ "ادا، تون بہ ٻڌائي ڇڏ." سروزيءَ کنگهڪار ڪري چيو تہ:

"وکر جنين سان هوم سي ويا ڪانيءَ ڪوهيارا، ڪپڙي اولارا، ريچ نہ پيس تن جي."

جيئن تہ هن ڳجهارت ۾ لفظ ڪوهيارو اڳيئي استعمال ٿيل آهي، تنهنڪري سر سمجهڻ لاءِ جهوتُن کائڻ جو ڪو ضرور ڪونہ هو. "ڪوهيارو" معنيٰ " پنهون" تنهنڪري ڳجهارت سسئي ۽ پنهونءَ جي سُر ۾ سمجهجي. ڳجهارت جا چار بند آهن. (1) وکر، (2) ڪانئي، (3) ڪپڙو (4) ريچ. دستور موجب سيڪو هڪ-هڪ بند وني ڳوليندو ويو. گهٽن کنئي ڇپر بہ ڪڇيو وڃي. ڳوليندي وڃي مثان پيس نيٺ ڳجهارت پڳي. هڪڙو بند پڳو تہ سڀي ڳجهارت ڇٽي.

ڳجهارت کي وڌيڪ پائدار ڪرڻ لاءِ، سالڪ جا منجهس لِڪَ رکن ٿا. سا هيءَ آهي: ٻه اسم ساڳيءَ معنيٰ وارا جيڪڏهن گهربل آهن ته انهن مان اهو اسم ڪارائتو سمجهبو جنهن سان ڳجهارت جو تعلق هوندو. مثلاً ڪِڙڪي معنيٰ دَري، پر جيڪڏهن ڳجهارت ۾ ڪِڙ ڪِي لفظ گهربل آهن ته دري چوڻ سان ڳجهارت ڪانه پڇندي.

سروزيءَ جي ڳجهارت ڪاٺ جي ڪڙڪي چوڻ سان ختم ٿي وئي، تنهنڪري ڪٽي پڌري ڪيائين. (1) وَکر جو ڪنڙو (2) ڪاٺيءَ جي ڪِڙڪي (3) ڪپڙي جي لينگ، ليڙ يا اڳري (4) رڇ جو طبّاخ. "طبّاخ" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ٻورچي". سنڌي ٻوليءَ ۾ نڪر جي وڏي ٿالهه کي ٻه طبّاخ چون، جنهن ۾ ٻورچي اَٽو ڳوهيندا آهن. جڏهن سيئي بند ظاهر ٿيا، تڏهن سيني کي گڏي منجهائن هڪ غير موزون، پر بامعنيٰ ۽ آوازن تي پورو شعر چئي ويو. جو هن ريت هو: " ڪَنَ رَسُ جنين سان هوم، سي ويا ڪڙڪي ڪوهيارا، لينگين اولارا، طبع نه پيس تن جي."

سسئي ٿي چوي ته هن سان منهنجي من جو پانڌاڻ هو سي ڪوهيارا لڪي ڇپي هليا ويا. آءٌ ان جي ڏک ۾ پنهجي ڪپڙن کي ڦاڙي ڇيري لينگون ڪري ڇڏينديس. مون کي اهو ٻه ارمان آهي، جو آءٌ جتن جي طبعيت تي پئجي ڪين سگهيس. جيڪڏهن مون کي هن جي انهيءَ چوراٽيءَ طبع جي خبر پئجي وڃي ها، ته هوند ائين رهجي نه وڃان ها."

آخر مهمان جي ڳڻَ پرکڻ لاءِ کيس اشارو ڪيائون. ڇي ، ڪوئي خالي سڪٽا نهين، سيڪي اندر لعل. مهمان جنهن وٽ اچي ميڙو متو هو، سو ٻه ڪو وڏو وينجهار ۽ جهانديدو ماڻهو هو. "

ياران بي جهرمر لائي، ميڏا روح به نہ رهيا." اُن جي مصداق، هن جوان ڪان بہ سنو ڪين ٿيو. چيائن تہ "هڪڙي هتان بہ اچيوَ ٿي". سيني چيو ڀلي ڪري اچي.

مهمان ڪچهريءَ ڏي منهن ڦيري، اوچي ڳاٽ هڪ ڳجهارت هن ريت ڏني: نالن ۽ نرنائن ڪان آيس مان تہ ڪالَ، ميان!

نالن ۽ نرنائن لاءِ منهنجو جيءُ سڪي ٿو جال، ميان!

مٽيو بہ هيس نال ميان! پر نالن ڪٽي نانءُ ڪئي آهيان.

مهمان، ڳجهارت ڏيئي، ماٺ ڪري ويهي رهيو. جوان ڳجهہ ڳولڻ ۾ جنبي ويا. مهمان ٿيو ڏاريو، سو ڪٽي ڪُرا انهيءَ طعنيَ تہ هيڪاري ماريا. جيڪو زور هئن، سو هنيائون. نيٺ وچي ڳجهارت ڀڳائون. ڳجهارت ۾ جي سالڪ لڪون ڪيون هيون، سي هن ريت پڌريون ٿيون:

نالن ـ ڪرڙن.نرنائن ـ ڪنڊن

نالن ـ مينهن وساين.نرنائن ـ منگهن.

مٽيو – لعل.نال – لِڳَ.

نالن – قيدن (قادن).نانءُ – ڪارو.

(نوٽ: ڪرڙ، ڪنڊا، منگها وغيره ماٺهن جا نالا بہ آهن.)

جڏهن ڳجهارت جا بند ظاهر ٿيا، تڏهن سڄي ڳجهارت هڪ نئون روپ وٺي نروار ٿي.

ڪرڙن ۽ ڪنڊن ڪان آيس مان تہ ڪالَ، ميان! مينهن وسي، منگها ٿيا، جن لئي جيءُ سڪي ٿو جالَ . ميان! لِڳَ بہ هيس لال، ميان! پر قيدن ڪٽي ڪارا ڪيا.

پلهار پئي ٿي. سهڻي بہ اهڙي ئي عورت هئي، جا ساهڙ جي سامهون سدائين پئي ويئي. الله جي قدرت! جو لاکي جهڙو ڪڇ جو حاڪم، اوڏڻ کي وٽيو. پر ماريءَ کي عمر سومرو سنڌ جو بادشاهہ ڪين وٽي، سوڪين وٽيو!

آءٌ ڪچهريءَ جو رَسُ پڌندو رهيس. پر منهنجي اندر جا ڪشمڪش پيدا ٿي، تنهن منهنجي طبع ۾ عجيب انقلاب وجهي ڇڏيو. آءٌ انهيءَ وقت پنهنجن خيالن ۾ محو ٿي ويس ۽ ائين ٿي ڀانيم تہ ڪنهن نئين دنيا ۾ اچي پهتو آهيان. ڪچهريءَ ۾ ڇا هو؟ عجيب فلسفو ۽ عجيب شاعري. نج سنڌيءَ ۾ اهڙو پيچيدو ۽ ڳوڙهيءَ معنيٰ وارو شعر نہ اوهان پڌو هوندو ۽ نہ مون ئي سمجهيو هو. شعر ۾ اهڙو ڳجهہ رکي وجڻ ڪا گهٽ ڪماليت ڪانهي. سنڌ جي سالڪن ۽ شاعرن کي جيڪڏهن ڳولي هٿ ڪبو سندن گوهرافشانيءَ کي جي صفحي ڪاغذ تي آڻي عوام جي اڳيان پيش ڪبو تہ آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ دنيا جو ڪوبہ ملڪ ادب يا ساهت ۾ اسان سان ڪلهي جوسي ڪونہ ٿيندو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سوين ڪوهستاني، دنيا ۾ هزارين اهڙا املهہ موتي گوشہ نشين آهن، جي نہ پنهنجي پڌرائي پسند ڪن ٿا، نہ ڪين ڪنهن پڌري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اوهين صرف چند منٽ متين ڳجهارتن تي ويچار ڪريو. پاڻيهي نتيجي تي اچو آءٌ تہ انهن اٽپڙهيلن جا اهڙا ٻول ٻڌي حيران ٿي ويس. ههڙي ڪيميا ائين متيءَ ۾ پيئي رهي، ڪلر کائي وڃيس! تنهن مان ڪهڙو سود؟ اهي رهن ٿا جهوپڙين ۾ ، ڳوٺن ۾ ۽ جهنگن ۾. اُتي وڃڻ لاءِ نہ موٽر ڪم اچي، نہ

گاڏي، پيرين پيادو سج جو سفر ڪبو. اهڙي تڪليف غريب گوارا ڪندا. باقي ساون ساڄن کي سمرٽي ڪانہ ٿيندي. غريبن جي ٻڌي ڪير؟ اُنهن تي وسهي ڪير؟ جڏهن خوش آمد ملڪ کي ڪائي ويئي آهي تڏهن تہ اهڙا ملهائتا موتي بيقدرن آڏو اڇڻ ڪان عار پيا ڪن.

هيءَ بہ هڪ شاعري آهي، مگر ڪُهني. دانائي جا نڪتا آهن. پر اسان جي سمجهہ کان پري، اڄ بہ دنيا شاعرن کان خالي ڪانهي، پر اهڙو هڪڙو تہ مثال پيش ڪريو. اڳين ۾ پوين کي جاچي، پيٽي جيءَ اندر جهاتي پائي ڏسو تہ دنيا شاهراهہ ترقيءَ ڏي گامزن آهي. يا پويان پساهہ کٽي رهي آهي. ويچاري سنڌڙي، جنهن جي ڪڇ ۾ اها ڪوهستاني آبادي بہ آباد هئي، سا باب الاسلام سان گڏ دارالعلم والادب بہ هئي. پر اڄ ڇا آهي؟ هَنجهہَ هلي ويا ملڪ مان جاءِ جهلي زاغن.

مهمان ڪو مَ چورِ بَلا هو. جڏهن آيس جوجڪي، تڏهن وينجهارن جون وايُون ئي وِلليُون ٿي وييون. اهڙي تہ پلٽ پلٽيائين، جو ڪچهريءَ ۾ نئين روح ڦوڪجي ويو. ڪو ونجهو ئي ڪونہ وجيس، سيني جون ڏنڌين آڱريون لڳي وييون. جيڪي ننڊ جي گهومات ڪري اُونجهريا ٿي، جن کي رکي رکي ڏگهيون اُباسيون ٿي آيون، سي هاڻي سجاڳ ۽ سرتيا ٿي پيا. بيتن ۾ ڳجهارتن جي بوند برسي ويئي. هاڻي نئين هنر جو وارو آيو. جنهن جو نالو ئي " هنر" آهي؟ مهمان، سيني ڏي منهن واري، اَتمُ پري اوچي ڳاٽ ٿي چيو تہ هڪڙو هنر ٻڌو.

آهي. مذڪر ۽ مؤنث اسمن جي لحاظ سان. اهڙيءَ طرز ۾ متاڪث ڪرڻ فائدي واري ٿيندي، جا اصلي ڳجهہ سان ويجهو تعلق رکڻ واري هوندي. مثلاً:

جيڪڏهن ڳجهارت ۾ (1) ڪَپڙو (2) ڪَپڙَ جو (3) ڪپڙ جي، لفظ ڪم آيل هوندا، تہ اهي پنهنجي پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب پٺيان ڳولبا. جيڪڏهن صرف "ڪپڙ" لفظ ڳولڻو هوندو تہ وينجهار ڪپڙ مان ڪنهن بہ نهيل شيءِ مثلاً: پٽڪو، ڪوٽ، سٿڻ وغيره جو نالو ڪونہ نهاريندا، پر تاڪيو بافتو هرڪ وغيره نموني سان نالا وٺندا. اگر " ڪپڙ جو " لفظ ڪم آيل هوندو تہ پوءِ هر ڪنهن انهيءَ شيءِ جو نالو وٺندا. جا ڪپڙ مان نهيل هوندي. جيئن شال. خميس (قميص)، رومال وغيره. مؤنث جي حالت ۾ " ڪپڙ جي" لفظ هٿ ڪرڻ لاءِ، ڪپڙي جي ڪنهن بہ جنس مؤنث واري نالي لاءِ ڳولا ڪندا، جو پڻ ڪپڙي جو ڪو ڀاڱو يا حصو هوندو. جيئن تہ ليڙ، ٻانڊاٽي، اگڙي وغيره. اهڙي ويچار رکڻ سان اُهي ئي ماڻهو ڳجهارتون ڳولي سگهندا، جن کي تمام گهڻي عام واقفيت هوندي ۽ تيز حافظو رکندڙ هوندا.

هنر جي ڳولا لاءِ حافظي جي گهٽ ۽ اعليٰ خيالن جي گهڻي ضرورت آهي. هنر ڳوليندڙ جو ڪم ٿيندو هنر ۾ ڪم آيل پيچيدن لفظن کي ڇنڊي ڇاڻي، منجهانئن اصلي سچن لفظن جي صورت ناهڻ. جهڙيءَ ريت مهمان پنهنجو هنر صاف ڪري ٻڌايو.

لفظ "آڙيءَ" مان ورتل لفظ "اڙي".

لفظ "ٻولهاڙيءَ" مان ورتل لَفظ "ٻول هارِي" يا "ٻول وارِي".

لفظ "هنجهہ" مان ورتل لفظ " هنج" معنيٰ " گودِ".
لفظ " منگهہ" مان ورتل لفظ " منگهہ" – بادگير.
لفظ "ڪانير" مان ورتل لفظ " ڪان+ وير ـ نشان چٽيندڙ.
لفظ " نيرگيءَ" مان ورتل لفظ " نير رنگ" – نيرو رنگ.

مارئي ٽي عمر سومري کي چويو تہ " اي عمرا تون 'اڙِي!' اُنهن کي چؤ، جيڪي توسان ٻولَ واريون آهن." اڙي جو لفظ. نڪاح واري زال لاءِ صرف سندس مڙد ڪم آڻي سگهي ٿو. ٻيو ڪو بہ مڙد هن لاءِ اهو لفظ استعمال ڪري نٿو سگهي. اها حجت اٿاريندي، مارئي عمر کي چوي ٿي تہ "پنهنجين نڪاح ٻڌل زالن کي 'اڙِي' چؤ. جو تہ اُهي توسان ٻول ٻڌل آهن. هنج ۾ ويهڻ جي آچ بہ انهن کي ڪر، جيڪي تنهنجي محلاتن ۾ بادگيرن هيٺ رهن ٿيون يعني جيڪي راڻيون آهن. اي عمرا توکي شال بندوق جا ڪانَ ڏاهي ناس ڪن! تون اشراف عورتن، ۽ انهن جي شريف مائٽن کي، جو بدناميءَ جا نيرا ٽڪا ڏين ٿو؟" جڏهن اهڙو ڏو معنيٰ شعر ماڻهن ٻڌو، تڏهن زور ڪياٺونس تہ اجا بہ ڪي خدا جي ڏني مان ٻُڌاءِ . مهمان چيو تہ " ادا! منهنجي زبان ڪانہ ٿي گسَي. مون کي بہ آهي ويهي اُيارڻو. تنهنڪري پلي رينا ٻڌو . "

هيءَ پَسي حيران ٿئين، ڏسي ڏونگر ۾
لاهي پَسين ها لِڱن تان، ڏسي ڏونگر ۾
ڏسي ڏونگر ۾ . پوءِ چڙهي وئين. چانديو چوي.

هيءَ هنر اڳين کان گهڻو نرالو آهي. هتي صرف هڪ لفظ ڏونگر جي ۾ سڄي معنيٰ لِڪائي وئي آهي. لفظ ڏونگر هر هڪ سٽ ۾ جدا جدا معنيٰ رکي ٿو. اهي مختلف معنيٰ وارا لفظ گڏجي، وري سڏي سنواتيءَ معنيٰ وارو شعر پيش ڪن ٿا. جو

حقيقت تي مبني ۽ بامعنيٰ آهي. دراصل ڏونگر معنيٰ جبل آهي، پر هتي ڏونگر = ڏون+گَر. هاڻ ڏون = ٻہ، ۽ "گَر" مان مراد " گهر" جي ورتل آهي. سڄي لفظ جي معنيٰ ٿي: ٻہ گهر.

مومل ٿي سوڍي کي چٿي تہ " هاءِ، افسوس! تون ٻہ ماڻهو گهر ۾ ڏسي، حيران ٿي دهلجي وئين؟ تو جهڙي سور وير مرد جو اهو شان نہ هو. تون اسان جي لڳن تان لٿو لاهي، ڏسي، پوري پڪ تہ ڪرين ها، جڏهن تو کي شڪ پيو تہ مومل سان گڏ پيو ٻہ گهر ۾ ماڻهو آهي. پر تو ائين ڪين ڪيو. فقط ٻہ ماڻهو گهر ۾ ڏسي، سواءِ جاچ جاچ ڪرڻ جي، مَهريءَ تي چڙهي، هليو وئين!"

مومل ۽ راڻي جي قصي جي اوهان کي اڳيئي سُڌ آهي تہ هو ڪيئن وڏ وڙا هئا.

اجا وينا ئي هئاسون تہ وٺي هينيون بيت ڏنائين:

تو نہَ پاري، سُومرا! سا پاري پَليتن،
ڪڏهن ٻُڌيسين ڪانہ ڪا پَٽَ تي پلتن،
آٽي چاڙهي سومرا! پٽي پليتن،
سانگي ماڻهو پَنَ چَرا، رات بہ پَليتَن،
جوڙي ڏنيئي جانِ ۾ ، هوند بہ پَليتَن،
اِهو پَهُ پَليتنَ، آچيو عمر چام کي.

هيءُ هنر بہ مٿئين هنر وانگر هڪ لفظ " پَليتَن" جي ڦير گهير واري معنيٰ تي مدار رکي ٿو.

1. پَليتَن= پَلي تَن، تن پالي تاتي وڏي ڪئي.
2. پَٽَ تي پليتن =جي گهر ۾ اَن جي پَلي.
3. پَٽي پليتن = تن مَتَرنَ جي پَلي پَٽي.

4. رات بہ پليتن =رات بہ تن گذاري.

5. پليتن= پَليتي واري بندوق.

6. پليتن =پليد، بدنيت ماڻهن.

مائي عمر کي ٿي چوي تہ " اي عمر! تو مون کي پالي وڏو ڪين ڪيو آهي. مون کي منهنجن مائٽن ئي پاليو ۽ تاتيو آهي، تنهنڪري آءٌ انهن ئي سنڌي آهيان. منهنجا مائٽ اهڙا تہ غريب آهن، جن وٽ ڪڏهن بہ اَن جي پَلي رکيل ڪانہ ہُئي. هنن هميشہ مَٽَرن ۽ چَڻَن جي پَلي پَٽي آٽي چاڙهي، ۽ انهيءَ تي ويلو واريو. هو مال جي سانگي تي رهندڙ ڏوٿي ماڻهو آهن. اج رات بہ هنن وٽن جي پنن يعني ڏُٿَ تي گذاري آهي. منهنجي مائٽن کي تنهنجي هن ڪُڌي ڪرتوت تي اهڙي تہ ڪاوڙ آهي، جو جيڏهن هو توکي ڏسن ها تہ هوند پَليتي واري بندوق تنهنجي جانِ ۾ هڻي . تو کي پورو ڪن ها. تون جو پرڏيهان پنڌ ڪري، فقط مون مسڪين عورت کي کڻي آيو آهين، تنهن لاءِ آءٌ سمجهان ٿي تہ اهو ڏسُ تو کي ڪن پليد ۽ بدنيت ماڻهن ڏنو آهي."

آيو وارو چوٿين بيت جو.

وٿيا ويڙهيچَن، ماُرن مَنَهڙا،

اُئي پاس اَڏيا آهن ماُرن مَنَهڙا،

ماُرن مَنَهڙا، ڏاريا سپ ڏندن سان.

هتي بہ هڪ لفظ " مَنَهڙا" ۾ سچي معني تڪيل آهي. هن شعر ۾ مارئيءَ پنهنجي مائٽن جي رهائش ۽ جسماني سينگار جو ذڪر ڪيو آهي. شاعر پنهنجي شعر ۾ " منَهڙا" لفظ تي ايهام ڪري، شعر جو مطلب ۽ معني ڳجها رکيا آهن. هن شعر ۾ ٿي

دفعا "مَنَهڙا" لفظ ڪم آندو اٿس، جو هر هڪ دفعي سان پنهنجي پنهنجي معنيٰ ٿو ڪڍي.

1. منهڙا معنيٰ مٿي جا وار ۽ زالون وارن کي گهڻن ئي نمونن سان ٺاهينديون آهن. ڪي چوٽي ڪريو ڇڏين، تہ ڪي ڳُلا ڇڏيو ڏين. ٿر ۽ ڪوهستان جي پاسي زالون وري وارن جون ڇَڳُون چيري، مَنَهڙا يا مينڍيا ٺاهين. انهيءَ ڪري " منهڙا" مان مراد " مٿي جي وارن" جي وٺبي.

2. مَنَهڙا معنيٰ مَنَهن، ڇَنا، ننڍڙا ڀَڪا.

3. مَنَهڙا معنيٰ مانَ نُنهنڙا، يعني پنهنجا ننهن.

انهيءَ مان " ماُرو مانُنهنڙا" معنيٰ " منهنجا ماُرو پنهنجا ننهن".

مارئي پنهجي مائٽن کي ياد ڪريو چوي ٿي تہ " اڄ منهنجي مائٽن پنهنجي مٿي جا وار وٺي ٺاهي ۽ مَکي، انهن مان مينڍيا ٺاهيا آهن شايد هنن کي ڪا خوشي حاصل آهي. برسات وُٺي آهي، سو خوش ٿي، پاڻيءَ جي پر ۾ پنهنجا مَنَهنَ منڍيا اٿن، يا پڪا اڏيا اٿن. منهنجا ماُرو غريب آهن. ايتريقدر جو هُو پنهنجا ننهن بہ ڏندن سان چِلي لاهيندا آهن.

وري بہ ڪا بس ٿئي! پلٽ هُئي، سا پئي پَلٽي.
عمرا اسان جي ڏيهہ ۾، جي هجن تلواريون،
ڪڏهن ڇڏنن ها ڪينڪي تنهنجون تلواريون،
هٿن ها هٿن سان تو کي تلواريون،
اِهي تلواريون، ماٽين هوُند ملير ۾.

مارئي ويچاريءَ عمر جتي قيد ۾ بند ۾ رهي ڏاڍا ڏوٽ ڏينهن ڏٺا گهٽيون ئي عمر کي آزيون نيزاريون ڪيائين. قادر جو قهر ياد ڏياريائين. پنهنجي بيڪسي ۽ بيوسي پيش ڪيائين. پر عمر تي اهڙو تہ انڌ جو ڀُوتُ سوار هو جنهن کي ڪا بہ ڪانہ دل سان لڳي. جڏهن مُور ڪَڪ ٿي، تڏهن " تنگ آيد بہ جنگ آيد" جي مثال، کيس ڏپ ڏيڻ لڳي. جَلَ ڪاوڙ جا جڏهن جيءَ ۾ لڳس، تڏهن دل جي بخار ڪيڻ لاءِ ڏند ڪرٽي، ڪي جو ڪي چوڻ لڳي. شاعر هتي بيان ڪيو آهي تہ ڪيئن نہ مارئي، عَمر کي مخاطب ٿي، دليرانہ نموني سان. پڌري پٽ سچ چئي رهي آهي!

1۔ تلواريون = تل+ واريون يعني گهوڙيون، جن تي تَلَ پوندا آهن.

2۔ تلواريون = تَر + واريون يعني تنهنجي تَر يعني ڳوٺ ۾ رهندڙ يعني تنهنجي ذات واريون.

3۔ تلواريون = تلواريون. نالو هٿيار جو.

4۔ تلواريون = تَلَ تِر + واريون يعني خال ۽ خط واريون خوبصورت زالون.

مارئي عمر کي چوي ٿي تہ " اي عمر! جيڪڏهن اسان جي ملڪ ۾ منهنجي مائٽن کي تلن واريون تکيون گهوڙيون هجن ها، تہ هوند هو تنهنجي ذات وارين کي ڪڏهن بہ ڪين ڇڏين ها. جيئن تون مون کي زوريءَ کڻي آيو آهي، تيئن هو منهنجي عيوضي تنهنجيون بہ کڻي وڃن ها. هو اڄ تنهنجي مٿان اهڙا ڏمريا وينا آهن، جو تون جي انهن جي سامهون ٿين، تہ هوند توکي پنهجن هٿن سان تلواريون بيهي هڻن. نہ فقط ايترو پر تنهنجُون

حسين ۽ جميل، خال ۽ خط واريون سومريون، منهنجي عيوض ڪٽي، وڃي ملير ۾ ماٽين ها."

جهَلَ جوان ڪي آئي ڪانہ ٿي، هڪ بيت پيو بہ هلائي ڏنائين:

اُتيو آڌيءَ رات جو، ٿي لتاڙي سيسر،
هٽيو ٻانهن، هلي وڃي، ٿي لتاڙي سيسر،
ڪاهيو پوي ڪنن ۾، ٿي لتاڙي سيسر،
لتاڙي سيسر، جي ميهر وڏا مُنهين ٿي.

شاعر هتي سُهڻيءَ کي ياد ڪيو آهي. سُهڻيءَ جي سڪ جو بيان سيني شاعرن وڏي چاهہ سان ڪيو آهي. سهڻي پنهنجو فرض وڏيءَ همت سان پورو ڪندي هئي. هڪ ضعيف زال لاءِ اهو تمام مشڪل ڪم آهي تہ آڌيءَ رت جو سانوڻ خواهہ سياري، اُوتڙان تڙ ڪري، گهڙو ڪٽي، گهڙي پوي، درياءَ جو پيٽ بي انت آهي. ڪنهن کي بہ ڪل ڪانهي تہ اُن جي اندر ۾ ڪهڙا پوائتا جانور پيا تڙپن. درياءَ جي دهشت کان مرد مونجهاري ۾ پئجيو وڃن. هت تہ هڪ ڪمزور ۽ هيٺي حال عورت جو ڪم هو. پنهنجي ڪُڙم قبيلي واري هئي، ميهر سان سندس محبت سُڌَ عالم آشڪار هئي. ماٽن جي مٽس چونڪي، اڳيان دريائي دَرندن جو خوف. ميهر سان ٻولن ٻڌي هئي. ايتري ڪشمڪش هڪ نفيس دل برداشت ڪري. سا ڳالهہ اعتبار ۾ اچي نٿي سگهي، پر سهڻيءَ سيني جي دلين تان اهو شڪ دور ڪري ڇڏيو ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ جن کي سچي سڪ آهي، تن لاءِ آسان آهي: ساهہ جو ڊپ، ڪاري رات، ڪُنن جا ڪڙڪاٽ، درياءَ جي دهشت ۽ ٻنڌ پري. اهي سڀ مشڪلاتون مُنهن ۾ هيس، پر دل

ڪانه ڏهليس. منجهائن هڪ به سُهڻيءَ جي سڪَ ۾ رڪاوٽ ڪانه وڌيَ. هوءَ ته ويران ويروڌَ هئي، شاعرن وڏي چاهه سان سُهڻي ڳائي آهي. هتي به سندس دليري ۽ سچي محبت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. " سيسر" لفظ ۾ ٽي پيد پريل آهي. جو هن ريت ڦرندو گهرندو پنهنجي سچي مطلب واري جاءِ وٽندو ويو آهي.

1ـ سيسر= سي =اُهي + سي= ماڻهن جا مٿا.

2ـ سيسر= پاڻيءَ جي ازدها جو نالو.

3ـ سيسر = سي= اُهي + سر= نالو گاهه جو.

4ـ سيسر = سي= اُهي + سر =ڳجهيون (ڳالهيون).

شاعر سُهڻيءَ جي سڪَ جو بيان هن ريت ٿو ڪري ته سُهڻي آڌيءَ رات جو جڏهَن گهر جا ڀاتي سڀ سُتل هئا، تڏهن اُنهن جي مٿن ڪان ڦري، گويا انهن جا سَر لتاڙي، ٻاهر نڪري ٽي ويئي. جڏهن درياءَ جي ڪناري تي پهتيَ ٽي، تڏهن سيسرن جهڙا خوفناڪ جانور به لتاڙي ٽي ويئي. اهي ٻئي منزلون جڏهن جهاڳي پار ٽي پيئي، تڏهن بيخوف ٿي ، ٻيلن ۽ جهنگن جا سَر، جي درياءَ جي ڪناري سان جام ٽيندا آهن، سي به لتاڙيو ٻانهن لوڏيندي هلي ٽي ويئي. سُهڻي جڏهن ميهر ڏانهن ويئي ٽي، تڏهن رات جي تاريڪي ، دريائي جانورن جو خوف، ۽ ٻيلن جي ڪنڊن، ڪانئين ۽ گاهه جي ٻُورن ٻُوٽن جي هن ڪي ڪابه پرواهه ڪانه هئي، ڇو ته هوءَ اُهي ڳالهيون پنهجي اندر ۾ اوريندي ٽي ويئي، جيڪي ميهر سندس من تي وڌيون هيون.

اهو هڪ فطرتي امر آهي ته ڪوبه ماڻهو جيڪڏهن ڪي ڪجهه پنهنجي اندر ۾ اوريندو ۽ پنڌ ڪندو ويندو ته پنڌ جي

ڪل ڪانہ پونديس. جو پنهنجي ڏُنِ ۾ هوندو تنهن کي خوف ۽ ٿَڪَ جي ڪل ڪانہ پوندي. اهڙيءَ ريت سُهٽيءَ کي بہ سڄيءَ رات جي ڏکن ڏاکڙن ۾ صرف بہ ڳالهيون ياد پيون ٿي: هڪ گهر، ٻيو ميهر . وچ واري منزل تہ جڻ هئي ڪانہ. جيڪڏهن هئي تہ ان کي ميهر جي محبت لَڪايو ڪين ٿي.

مهمان ڪچهريءَ کي چڱو وندرايو وينو هو تہ اوچتو ڪُڪڙ بانگ ڏني. چيائون تہ "اُٿو سَهائو ٿي ويو." ڪچهري خير خوبيءَ سان برخواست ٿي. سيڪو ويو گهرو گهر. آرام ڪرڻ لاءِ تہ باقي وقت بچيو ئي ڪونہ. سيئي هئا مالدار. وڃي مال جي ميڙيائي ۾ لڳا. اسين بہ مهمان پَرَڇَ تي پئي رهياسين. اُهائي مهل هئي تہ مانيءَ تي چاٽو مکڻ جو رکي، بہ وٽا مهيءَ جا پري. کٽي آيا. ماني کائي، هر ڪنهن ورتو پنهنجو رستو. مهمان جي ٿهل ٽڪور جهڙو مرد دل کولي ڪن. تهڙو ئي زالون. زالون تہ مردن کان بہ وڌيڪ نالي واريون آهن.

ڪوهستاني زالون سمجهنديون آهن تہ مرد جي غير حاضريءَ ۾ مهمان جي خاطر تواضع ڪرڻ سان پنهنجي مرد جو ئي ناموس وڌائڻو آهي. شهري زالن کي جيئن نئين نئين فئشن اختيار ڪرڻ جو شوق ٿئي، نت سٽ سان گهمڻ ۾ فخر ٿئي، ۽ ڏارين مردن سان هينڊشيڪ ڪرڻ پنهنجي لاءِ نيڪ تهذيب سمجهڻ جو سبب ٿئي، تيئن ڪوهستاني زالن کي وري سادگيءَ مان اچي مزو. اوچيءَ اوچَ تي نفرت ٿئين. مرد جي تڏي سرهي ڪرڻ لاءِ فخر ٿئين. وڏي خوبي منجهن اها آهي، جو مهمان ڪنهن بہ وقت آيو تہ طعام تيار. آڌيءَ مانجهيءَ جو خيال ڪونہ ڪن. نڪي ڪوسي تڏي ڏسن. شهري قانون اتي ڪونهي. يعني

تہ " مهمان مهل سر آيو تہ ڪاراڻبو نہ تہ ڀَل پيو ڀاتون ڪائي. " هو مهمان کي بکيو ترسائڻ پاڻ لاءِ عيب سمجهن. خبرن ٻارن پڇڻ کان اڳ ، مهمان کان مانيءَ پاڻيءَ جي پڇا ڪن. هنن کي خاطري آهي تہ رڳو حڪم ڪرڻ جي دير ٿيندي، جنهن وقت حڪم ڪبو اُن وقت ماني تيار . اهڙو جواب گهران ڪڏهن ڪين ملندو تہ " هن وقت اوير ٿي ويئي آهي، ڪير دونهان جهپيندو؟ نوڪرياڻي ڪانهي، ڪير تنبُ ڦڪائيندو؟" " اويرو مهمان، پٺائي پاڻ " وارو مثال هنن وٽ ڪونهي. اهڙي محتاجي ۽ بيوسي مغربي تهذيب جي شيدائي شهرين کي پلءِ پيئي آهي. تہ هو انهيءَ عيب کان آجا آهن.

-----------

# بيماري ۽ علاج

ڪل نفس ذائقة الموت. يعني تہ دم دم ۾ پساهہ بساهہ موت چڪائيندڙ آهن. جو نڪر نهيو آهي، سو ضرور ڀڄندو ۽ جو ڄميو آهي، سو ضرور مرندو. مرڻ ناهي ميهڻو پرڻو ناهي گار. سڀ ڪنهن کي موت جو چسڪو چکڻو آهي. پر ڪُوڙيءَ دنيا جو واءُ سيڪو پيو گهري تہ چار ڏينهن وڌيڪ تڳان ۽ ڇُٽان.

هڪ تندرستي هزار نعمت. جڏائيءَ کان جاڏائيءَ ۾ مزو سرير سگهو تہ سنسار سگهو جيءَ جڏو تہ جهان ئي جڏو. کائڻ پيئڻ، گهمڻ گهترڻ جو مزو بہ چاقائيءَ ۾. جڏهن چڱيلائي اهڙي چڱي آهي، تڏهن ضروري آهي تہ ان جو احتياط بہ ڪيو وڃي، جابلو جوان صحت جي سلامتيءَ لاءِ کهڙو تا جتن ڪن؟ جيڪڏهن ڊاڪٽرن سان انهيءَ جو ذڪر ڪجي، تہ هوند هڪدم فتويٰ ڏين تہ اُهي ئي ماڻهو چوويهن ڪلاڪن جي اندر وڃي سرڳواسي ٿيندا؛ مگر قدرت جو نظام. کهڙي مجال جو نڪتہ چيني ڪئي وڃي، اُچن ۽ اوچن ۾ تِر جو تفاوت ڪونهي. ميرا ۽ ملوڪ هن جي نظر ۾ هڪ. شاهہ ۽ گدا جو سنڌوئي ڪونهي. جو جتي، سو تتي ئي خوش، امير ۽ اُمراء سيجن تي، غريب غربا سيلهن تي، هڪجهڙي ننڊ ڪن ۽ سيني لاءِ پوري وقت تي اُيري ۽ لهي، وسي ۽ اوڪائي. هڪڙا ڊنگهر جي ڊار بيا محلن منجهہ محفوظ. جسماني طاقت ۽ دل جي همت اجا بہ هُنن ۾ سرس.

موت ۽ حياتي، ڏک ۽ سک، عزت ۽ ذلت جڏهن سڀ سندس وس آهي، تڏهن سيڪو لکيو لهندو. " وَتُعِزُّ مَن تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَن تَشَاءُ" يعني اي ڏٽي! جنهن کي وڻئي، تنهن کي عزت وارو ڪرين، ۽ جنهن کي وڻئي، تنهن کي بيعزت ڪرين. لکيو منجهہ نراڙ قلم ڪياڙيءَ نہ وهي. ائين چوڻ تہ عيش ونشاط واري زندگيءَ کي وڌيڪ جٽاءُ آهي، ڏکن ڏولائن واري حياتي هڪدم ختم ٿيو وڃي، منهنجي خيال ۾ گناهہ پرٽو آهي. اوهان درياءَ جي ڪناري تي ملاحن جا ٻار ڍنگهر جي ڍار تي غريبن جا ڄاوا، آرهڙ توڙي سياري ڏٺا هوندا. اٿن ڪو لڱن تي لٽو ؟ اجا بہ ٻاهرين دنيا وڃي ڏسو سارو ڪٽنب نيم برهنہ. ناهي گندي، ناهي سيءُ. جبل ، لاڙ کان، سياري ۾ سخت سرد، ۽ اونهاري ۾ وڌيڪ گرم. جبل اهکو ۽ اٿائو، آڏ ترڇا آهڙا ڏونگر کي ڏاڪا. نہ منجهس ويڄ نہ طبيب، تڏهن بہ ماٺهو وڌيڪ تندرست. شهري، بازاري چٽي جا عادي، تنهنڪري هڪ نہ ٻئي مرض ۾ ڦٿا پيا آهن. غريبن کي مليٰ پورو پنو ۽ چڊو پادو . رُکي ۽ سُڪيءَ تي پيا گذارين. گهٽيءَ گهرج کي ٿورو آچين، تنهنڪري هاضمي تي بوجو گهٽ. آبهوا صاف ۽ سٺي، کير ۽ گيهہ نِڄ. جبلن جي لهہ-چڙهہ سندن لاءِ مڪمل ورزش. هاٺي ٻڌايو تہ ڇو روڳ پرائي؟ جهنگ جو ڏُٿُ، جنهن جي رس مان نهي ماکي، جا ستن مرضن تي پوي. اهڙي ڏُٿُ واپرائڻ مان ڪنهن بہ خرابي ٿيڻ جو امڪان ڪانهي، سدائين خوش گذارين. ائين هرويرو ڪونهي تہ سدائين نرويا ۽ نمرا آهن، بيمار بہ ٿين ٿا، مگر شهرين کان گهٽ. گرميءَ ۾ اُساتجي پوڻ، جهولي جي جهڙپ لڳڻ، سرديءَ ۾ پاسو جهلجڻ، ڪچي ڦڪي

ڪائڻ ڪري وهاڻجي پوڻ ۽ ڏک لڳڻ ڪري ڦٽجي پوڻ، اهڙا ڪيس البت گهٽا ٿيندا آهن. ٻيون بہ ڪي هلڪيون بيماريون ڪين ٿين، تن جا ويچ پاڻ آهن. سياري ۾ نمونيا گهٽي ٿئين، ڇو تہ ايترو اوڇڻ ڪتان آٿين، جو سيئي پاڻ ڍڪين!

(1) اُس ساڙيي کي ٿڌي پاڻيءَ ۾ وهنجاري. آمريءَ ۽ ڪنڊُ جو شربت پيارين، تہ نئون نمرو.

(2) وهاڻيي يا ڦٽائتي کي گيهہ ڍڪ پرائي، مٿان ڪتاڻ ڪارائين، تہ اوچلاَ ڪريو پٽُ چنڊيو ڇڏي.

(3) نمونيا يا پاسي جهلجڻ واري کي نڪي لائين پَلَستر، ۽ نڪو لڳائين جاڻَ جو تيل. ڪُڪڙ جا چُوزا چلي، پاسن تي ٻڌي، مٿان پاهي ڪل چاڙهي ڇڏين. انهن شين ۾ ايتري تہ گرمي آهي، جو لڳل ڦڦڙ ازخود آجو ٿيو پوي. جيڪڏهن ڪو غريب آهي، ۽ وٽس ڪَلَ هٿ ڪرڻ جي پهچ ڪانهي، تہ پوءِ پاهو يعني رڌن جو پاڻ گرم ڪري، ان جون تتاڪون ڏين يا زمين تي باهہ ٻاري، گرم رک تي بيمار کي سمهارين، تہ چڱيو پوي. هنن وٽ پنهنجو پَلَستر بہ آهي، ٻاجهريءَ جي اٽي جو ڏريو رڌي، پاسن تي ٻڌيو ڇڏين تہ سُڌ پُڌ ولائتي پلستر جو ڪم ڏئي.

(4) شهري ماڻهن جو آخري علاج آپريشن، يا سول اسپتال تائين وڃڻ آهي. پر جابلو ماڻهن جو علاج آهي " ڪل وجهڻ" ، جي اُن مان نہ چڱو تہ بيمار مان اُميدون لاهي، الله ۾ آسرو رکي ويهي رهندا. سياري ۾ پاهي، ۽ اونهاري ۾ ٻاڪري ڪل وجهن. ٻاڪري ڪل ۾ خاص ڪري نيري ٻڪريءَ جي ڪل وڌيڪ مجرب ۽ مفيد سمجهن. ڊاڪٽرن ۾ " اصل ايمان ڪونہ ڄمين. البت ويڄن تي اعتبار رکن.

نڪ مان رت ايندو هوندس تہ بيهي ويندس. اهڙي ماڻهوءَ کي ڪلَ تہ اوّل چاڙهين. ڪلَ بہ پنهنجي گرمائش ڪري، نسون کولي وجهي ٿي، ۽ جميل رت وري بہ دؤرو ڪرڻ شروع ڪري ٿو انهيءَ ڪري آرام اچيو وڃي.

بندَ سندّ جو مڙڻ ۽ هڏي جو ڀڄڻ، اُتي عام ڳالهہ آهي. ڇو تہ جبلن جي لهڻ چڙهڻ ڪري پير ترڪي ڪرڻ جو گهڻو امڪان رهي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾ پنهنجو علاج پاڻ ڪن. انساني عضوو تہ ٺهيو پر چوپائي جانور جي اعضا بندي بہ اهڙي ڪن جو ڏسڻ وارا حيران ٿيو وڃن!

زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪا قدرت جي مخلوقات آهي، سا سڀ هڪبئي جي مدد، آڌار ۽ ڪم لاءِ خلقي ويئي آهي. سڀ وَٽون هڪبئي جي ڪم اچن ٿيون، هر چيز انساني فائدي لاءِ آهي. جنهن شيءِ کي اسين بيڪار سمجهون ٿا، جنهن مان عمر پر اسان ڪو ڪم نہ ورتو آهي، سا شيءِ تحقيق اسان جي فائدي لاءِ خلقي ويئي آهي، پوءِ جيڪڏهن اسان اُن مان ڪو ڪم نہ ورتو تہ اُها اسان جي ناداني آهي. اسان کي حڪيم خواهہ ڊاڪٽر ۽ ٻيا ڪاريگر يا ٽوٽڪائي، هر چيز ٺاهي ٺپي تيار ڪري آڻيو ڏين ٿا، تنهنڪري انهن جي اصليت معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪو ويچار ڪونہ ٿو ٿئي. جهنگ جي ٻوٽي، مفت هٿ ڪري، روايت رواني ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ مان جيڪا ولايتي دوا ٺهيو اچي، اُن لاءِ هڪ ٻاٽليءَ تي ڏهہ رپيا بہ اسين خوشيءَ سان ڏيون ٿا. اسان کي جيڪڏهن انهن ٻوٽين مان دوا تيار ڪرڻ جي تربيت ايندي هجي، تہ هوند ٻنا پئسي وڏين بيمارين جو علاج

ڪري سگهون. ڪوهستاني علائقي ۾ ڊاڪٽر يا حڪيم ڪين آهي، صرف ڪي ٽوٽڪائي هوندا آهن. تنهنڪري انهن کي سيڪا ضرورت پاڻ پوري ڪرڻي پوندي آهي. جهنگ جون ٻوٽيون، جي حڪمت سان ڀرپور آهن، انهن کي جاچي ۽ آزمائي، هنن پاڻ وٽ مجرب نسخا رکيا آهن. ڪنهن بہ بيماريءَ جي علاج لاءِ ڏسُ پڇبو تہ تمام سستو ۽ سٺائو ڏسُ ڏيندا. انهيءَ ڏسَ تي عمل ڪرڻ سان سچ پچ ماڻهو ڊاڪٽرن جي موتمار فين کان بچيو پون، ۽ فائدو بہ پوين. انساني جسم ۾ جيڪي بيماريون ٿين ٿيون، تن مان ڪي يا سيئي هنن کي بہ ضرور ٿينديون هونديون، پر هو ۽ هڪ بيماريءَ جو علاج پاڻ ڪن. جنهن لاءِ نہ خرچين ڏوڪڙ ۽ نہ وڃائين وقت. گهڻو ڪري سيڪا سٽا وٽن موجود هوندي، نہ تہ بہ، گهر کان ٻاهر نڪتا تہ دوا تيار. جهڙو ڪن ماڻهوءَ جو علاج، تهڙو مال جو.

---------

# چوپائي مال جي بيماري ۽ علاج

چوپايو مال بہ ساهدار وَٿُ آهي. بيماريءَ انهيءَ کي بہ ٿئي. گرميءَ سرديءَ جو اثر ان تي بہ ظاهر ٿئي، مگر هو وينجهارَ پنهنجي حڪمت عمليءَ ۽ دانشمنديءَ سان بيزبان جانورن جو بہ علاج اهڙو ئي سولو ڪن، جهڙو مريض انسان جو.

جيڪڏهن ڪنهن جانور جي پيٽ ۾ ڦُر مري وڃي، تہ ان کي يڪدم هنجهُو، واهو ڳڙ ۽ جاڻ گڏي، گهوٽي پيارين تہ ڦُر يڪدم ڪريو پوي. هنجهو ۽ واهو جي ملي نہ سگهيا، تہ ٻاڳيءَ جي پاڙ ڳڙ ۽ جاڻ گڏي، گهوٽي پيارين. اهي شيون هر ڪنهن پاڳئي وٽ هڪيون حاضر هونديون آهن. ڏڪ لڳڻ ڪري، يا هڪبئي کي اُکلون هٽڻ ڪري، چوپائي مال کي ڇيچ ٿي پوندا آهن، يعني پيٽ جي عضون مان ڪو عضوو ڇڄي پوندو آهي. اهڙي بيمار جانور کي ڦٽڪي ۽ تازو کير گڏي پيارين تہ تندرست ٿيو پوي.

اوگهَر جي مرض ۾ مال جو اوهُ سُڄي پوندو آهي. ۽ منجهانئسَ کير جي بدران پاڻي پيو ايندو آهي. تنهن لاءِ ميٺ مهٽي، شيردان تي مکي چڙين، ۽ پيرن تي تتاڪون ڏين.

خاص ڪري ٻڪرين کي هڪ زڪام جهڙي بيماري ٿيندي آهي، جنهن کي پرسينڻ سڏين. انهيءَ بيماريءَ ۾ ٻڪرين جو نڪ وهندو آهي. ۽ انهيءَ ريزش ڪري ڇاتي بند ٿي پوندي اٿن، جنهنڪري ڇَرُ ۽ پيئڻ بہ ڇڏي ڏين. انهن کي ڪارو تماڪ اگرٻيءَ

۾ ٻڌي، ساري رات پاڻيءَ ۾ پسائي، صبح جو تيل سان ملائي نَڪَ ۾ وجهن. ائين ڪرڻ سان ٻڪرين کي ڇڪون اچن، ۽ ڇاتي ڪليو پوين، ڪنهن به چوپائي جانور کي جيڪڏهن ڦُر اُمهُاڙو آيو، ته ڪمال ڪري ڏيکاريندا. اهو ڪمال نه جانورن جي اسپتال جو ڊاڪٽر ڪري سگهندو ۽ نه سول سرجن. هو ڇا ڪن جو ننڍڙو مگر تيز ڪَپُ ڪٽي، هٿ ڌوئي صاف ڪري، انهن تي گيهه مکي، جانور جي سار يعني فرج ۾ هٿ لنگهائي، هڪ ئي هٿ سان سڄو ڦُر ڪوري ڪپي، ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪن ائين ڪرڻ سان جانور کي ذرو به ايذاءُ ڪونه پهچي ڦُر جيڪڏهن اُمهُاڙو آهي، پر جيئرو آهي ته ان کي هٿ سان سيري سُمهُاڙو ڪري. سلامت ڪڍيو وٺن مون کي ياد ٿو پوي ته ڪراچيءَ جي جانورن واري اسپتال جو جهونو ۽ مشهور ڊاڪٽر حاجي سانگي خان ٻاهر ويو. ۽ اوچتو وڃي اهڙي ڪيس تي پهتو. هڪ ماڻهوءَ جي چالاڪي ۽ قابليت ڏسي، ڪيس سرڪاري طرح جانورن جي اسپتال ۾ نوڪر ڪري رکيائين.

چوپائي مال ۾ بيو بہ هڪ عجيب مرض پوندو آهي، جنهن جي علاج کان ياڳيا بنهه بيخبر ۽ قاصر آهن. اهو مرض آهي نڪاڻ. مرض جو نالو " نڪاڻ" هڪ صفاتي نالو آهي. مرض جي حالت جاچي، اهو نالو ڏنو ويو آهي، هن مرض مان ڪوبہ ساهدار بچي ڪونہ ٿو سگهي. چڱي ڀلي ٻڪري تنهنجي اڳيان نينگ ٽپا ٻيئي ڏيندي. جنهن لاءِ تنهنجو خيال ائين ڪڏهن ڪين چوندو تہ هن ۾ ڪا سوڙائي آهي. سا اوچتو تنهنجي اڳيان دانهن ڪري، ڪِري پوندي. منٽ-اڌ ۾ ڌڻي پهتس تہ سير

وهائيندس، نہ تہ مري مردار ٿي ويندي. اهڙي قسم جي مرض کي ”ٽڪاڻ“ چوندا آهن. ٽڪاڻ جون علامتون هي آهن:

چڱي ڀلي ٻڪري شرم ٻوٽيءَ وانگر ڪومائجي، چارئي پير جهلي، ڪنڌ ڀڄي، ويهي رهندي. پيشاب ۾ رڳو رت ايندس. ڌنار ۽ ڌٽي انهيءَ موذي مرض کان گهٽو واقف آهن. سي يڪدم سهي ڪندا تہ ٽڪاڻ منهن ڪڍيو آهي. ٽڪاڻ معني ٽڪاءُ وانگر هڪ آواز يا هڪ رڙ بعد موت جو اچڻ. هن مرض جو رخ اهڙو تہ خراب آهي، جو هڪ ـاڌ ڏينهن ۾ سڄا ڌڻ ناس ٿيو وڃن.

هڪڙي ڌنار ڳالهہ ٿي ڪئي تہ ” شام جي وقت ۾ واڙي آءُ هڪڙي چڱي متاري ٻڪري ڏهي رهيو هوس تہ اوچتو ٻڪريءَ دانهن ڪئي، مون جيسين منهن متي ڪيو تيسين ٻڪريءَ منهنجي مٿان اچي ڦهڪو ڪيو ۽ ڪاتيءَ ڪانہ پيئي.“ ياڳيا چون ٿا تہ اهڙي مرض ۾ مئل ٻڪريون ڪيتريون ئي اِسان ڪليوٰن آهن، هنن جي ڦڦڙن ۽ پاسيرين تي بندوق جي ڇيرن جهڙا لڳل نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. مگر ڇيرن جو ڪو وجود اتي ڪونهي. سارويدن ٿَپ ٿَپ ڏسڻ ۾ ايندو. سارو گوشت ڳاڙهو ۽ ڪارو ٿي ويندو آهي. مالدارن کي انهيءَ مرض لاءِ اهو وهم ويٺل آهي تہ غائبات جي چر يا ٽولي شڪار ڪري ٿي. ڪيترن تہ اها بہ شاهدي ڏني تہ مال اوچتو وٺي تاهہ ڪائيندو آهي. تنهن کان پوءِ ٽي-چار پَهرُ و وٺي ليٽيو ۽ مريو وڃن. والله اعلم باالصواب.

اهڙي مرض جي وٽن ڪا دوا ڪانهي. تنهنڪري لاچار ٿيو پون. اوسر جو ايترو اونو ڪونہ ڪن. جيترو هن منحوس مرض جوإ هن مرض کان بچاءَ لاءِ ٻيو طريقو ڪونہ اٿن. فقط جوءِ

مٿائين ۽ مال جي حالت ۾ تبديل آڻين. مثلاً ڪي منجهائڻ وڪڻن يا ڌارين جو مال آڻي، پنهنجي مال سان گڏين. ائين ڪرڻ سان البت جهلو ٿي ويندو آهي.

ٻڪرين کي ٻي بہ هڪ بيماري ٿيندي آهي، جا سڄيءَ واڙيءَ کي ڏوگهو ڏيو ڇڏي. مال جا سڄا وَلر هڪ رات ۾ چٽ ڪيو ڇڏي. جيئن ماڻهوءَ کي ٿئي نمونيا، تيئن ٻڪرين کي ٿئي ڦڦڙ. ٻڪريءَ جو ڦڦڙ پاسرين تي لڳي پوندو آهي. صبح جو ڌنار ۽ ڌڻي واڙي ۾ گهڙيا تہ منهن تامڙي ٿي ويندن. ڪي ميون پيون هونديون تہ ڪي بيماريءَ ۾ ورتل ڏسڻ ۾ اينديون. ڏينهن – ٻن ۾ واڙ جا پاڳا پيريو ڇڏي. نہ رڳو هڪ هنڌ، پر سڄيءَ واڙيءَ کي رڳيو ڦٽو ڪري. گويا وچڙندڙ مرض آهي. پاسي جي بيماريءَ جو علاج، هوبهو ٽڪن ڏيڻ سان ڪن. ٻڪريءَ جي ڪن مٿان ڪل کي چير ڏيئي، بيمار ٻڪريءَ جي ڦڦڙ جي زري ڪانيءَ سان گهُچي. ان چير ۾ وجهن. اهڙي ٽُڪيل ٻڪريءَ کي اهو مرضُ اڪثري ڪونہ ٿئي.

چوپائي مال کي ٻن دفعن ۾ ورهايو اٿن. ٻڪري، ڳانءِ ۽ اُٺ هڪ دفعي ۾ . مينهن ۽ رڍ ٻئي دفعي ۾. قدرت جو نظام وري اهڙو جو عام بيماريون هر هڪ دفعي وار مال کي ڌار ڌار ٿين. جيڪي بيماريون پهرئين دفعي کي ٿين، سي ٻئي دفعي واري مال کي ڪونہ ٿين، تنهنڪري علاج معالج ڪرڻ ۽ بيماري سڃاڻڻ ۾ تڪليف ڪانہ ٿئي.

--------

# پيري ۽ مريدي

هن خطرناڪ مرض کان پنهنجي وطن جو ڪوبہ ڀاڱو
آجو ڪونهي جتي وڃبو اتي هن منحوس مرض جا جيوڙا ڏسڻ
۾ ايندا. هيءُ جيوڙو وضع قطع ۾ هوبهو انسانن جهڙو آهي، مگر
پنهنجن افعالن ۾ عادتن ڪري، مچر سان گهڻي مشابهت رکي ٿو.
اوهان مچر کي برساتي موسم ۾ پنهنجي ڪنن وٽ " پون
پون" ڪندي وحدت جو گيت ڳائيندو ٻڌو هوندو. هيءُ ضروري
امر آهي، تہ هن اوهان کي ڏنگيو بہ هوندو ۽ اوهان جو خون بہ
ضرور چوسيو هوندو. اوهان هن کي جهلي، ذرا هن جي ڏکهي
سونڍ تہ ڏسو! سندس ٽنگن جي قد جيتري ضرور هوندي، سُڌ پُڌ
اهڙي زبان هن جيوڙي کي بہ ٿئي ٿي. هو پنهنجو شڪار بہ انهيءَ
زبان سان ڪندو آهي. هن جي زبان ۾ هڪ خاص قسم جو زهر
ٿئي ٿو جو انساني دماغ کي معطل ۽ بيڪار بڻايو ڇڏي. هو
پنهنجو زهر انساني دماغ تائين ڪنن جي رستي موڪلي ٿو.
مگر اهڙي خوبيءَ سان، جو انسان کي ڪوبہ احساس ڪونہ ٿئي،
اهو زهر صرف دل کان دماغ تائين صعود ڪري ٻنهي کي مسموم ۽
مائوف ڪريو ڇڏي. زهري انجيڪشن لڳڻ کان پوءِ انسان مان
نيڪيءَ ۽ بديءَ جي تميز نڪري وڃي ٿي. پوءِ جيئن مسمريزم
جو عامل پنهنجي معمول کان جيڪي گهري، سو چوائي ۽
ڪرائي سگهي ٿو. بلڪل اهڙيءَ طرح، هيءُ جيوڙو بہ انسانن کي
بيهوش ڪري، ربيا، پئسا، اناج، ڪپڙا ۽ ٻيو گهرو سامان،
جيڪي هٿ لڳيس، سو ڪٺي راهي ٿو ٿئي. جڏهن انسان کي

هوش اچي، تڏهن پنهنجي بربادي تي ڪف افسوس مهٽيندو هجيو وڃي.

هن جيتامڙي ۾ اها خاصيت آهي، جو تڪي تڪي انسان کي ٿي شڪار ڪندو آهي. جهڙي اٿس زبان ڊگهي، تهڙو اٿس وڏو ۽ پُر هول پيٽ انساني دل ۽ دماغ کان سواءِ بيون به تمام سٺيون سٺيون ۽ قيمتي غذائون نوش ڪندو آهي. هن جو هاضمو به غضب جو ٿئي ٿو. رپيا، آنا، پايون، اشرفيون ۽ نوٽ ، لٽيون، جوتا، ڪپڙا، اناج وغيره، مطلب ته سيڪجهه هضم. مزو وري هيءَ آهي، جو نه پويس آنتي ۾ نه اچيس اُلٽي، هن جوڳالهائڻ به ضرب المثل ٿي چڪو آهي. موقعي بي موقعي، ضرورت بي ضرورت، وقت بوقت، مطلب ته فقط ڳالهائڻ سان واسطو. هن جو آواز تمام خطرناڪ ۽ زوردار ٿئي ٿو. جهڙيءَ طرح هيءَ جانور درندگيءَ ۾ شير سان، مڪاريءَ ۾ لُومڙ سان، زبان ۾ مچر سان ۽ خوراڪ ۾ هاٿيءَ سان مشابهت ٿو رکي، اهڙيءَ طرح باهمي نااتفاقيءَ ڪري، ڪتو ڪڙم جو ويري آهي. پنهنجي هم پيشي وارن کي ڏسڻ به گوارا نٿو ڪري. قسمت سان جيڪڏهن هو پاڻ ۾ وڙهي پيا ته پوءِ ضعيف دل واري جو ڪم نه آهي، جو اهڙو تماشو پري کان بيهي ڏسي، هنن جي لڙائي اهڙي آهي جو وڙهن سان، لتاڙجن ٻوڙا. سوين انسانن جو بيگناهه خون ٿيو وڃي. هن جانور کي هڪ هنڌ ٽڪاءُ ڪونهي. سدائين ڳڙيو ڪنيل ۽ پٽيو بدَيل اٿس. دجال جي گڏه تي سواري ڪرڻ جو بيحد شوق اٿس. مگر بدنصيبيءَ سان سدائين پير پٽيندو ۽ ڪرم ڪُٽيندو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪٿي پير توبي، جيڪڏهن پنهنجي ڊگهي زبان

چورڀائين، تہ هزارين حيوان صفت انسان سندس گرد و نواح ۾ طواف ڪندي نظر ايندا. هن جي تقرير اهڙي تہ مؤثر آهي، جو سامعين تي سحر سامريءَ کان بہ وڌيڪ اثر ڪري ٿي. ٻڌندڙ محو حيرت ٿيو وڃن. جن کي پنهجي وجود جو ڪو بہ پتو ڪونہ پوي. جڏهن مٿن اهڙي ڪيفيت طاري ٿيو وڃي، تڏهن هو پنهجي لنبي زبان سندن ساري جسم تان گهمايو هڙ موڙي هڙپ ڪريو ڇڏي ۽ هو انڌيءَ تقليد وارا اهڙي جٺ، ڪڏهن بہ پاڻ لاءِ ذلت ڪونہ سمجهن، پر پاڻ نيڪ فال تصور ڪن. ٻچن جي پالنا کان وڌيڪ خيال انهيءَ هاٿيءَ صفت جانور جي شڪم سيريءَ جو رکن، جن کي ڳنڍ ۾ ڪينهي، سي لاٻيرو وٺي بہ، انهيءَ جيوڙي کان جند ڇڏائين.

دنيا جو روشن خيال طبقو جن کي سمجهي.ٿو زهري جيٺُ، تن کي اسان جا تاريڪ دنيا وارا سمجهن ٿا مرشد روشن ضمير. ڪهڙي مجال اٿن جو مرشد سائينءَ کي اَٽيو گرهہ کارائين! پاڻ پل تہ فاقي تي هجن، سندن ٻچا پل تہ تڏي ٽُڪر لاءِ ئي ريڙهيون پائيندا هجن، مگر مرشد سائين لاءِ، وهاٽيءَ بہ سٽيو گرهہ تيار ڪرائيندا. عجب وري هيءَ تہ ڪو بہ خاص مرشد ڪونہ اٿن. هر ڪو سفيد پوش ۽ زبان دراز انسان وٽائن پنهنجو مطلب سڌ ڪري سگهي ٿو. اهو ڪو ڏينهن ئي ڪونہ هوندو جنهن ۾ وٽن ڪنهن نہ ڪنهن نالي جي مرشد پير نہ پاتو هوندو.

مرشد تہ هڪڙو اٿن ئي ڪونہ. جنهن پاڻ کي شاهہ سڏايو، تنهن جڻ تہ سڪو ڄمايو. رڳو وڃڻ جي وير ٿيندي. اها جاءِ کانہ ليندين، جتي ڪٿي سائينءَ سڳوري کي ويهارين. ڪڪڙ،

ٻڪر، ڏُنبو مطلب تہ جيڪي آين سامهون، سو رهڙي وڃهندا. پاڻ سدائين جوئر جي رُڪي ڍوڍي کائين. پر ان ڏينهن سترچي تيار ڪن. هڪ مهيني جي سفر ۾ اهي مصنوعي مرشد هزارن جو مال غريبن کان کسيو هليا وڃن! اها تہ تي منداتي مصيبت. پر دائمي ڦُر جا هنن لاءِ آهي. تنهن جو تہ منهن نہ متو. پورڙا ماٺهو ڏسي، نوڪين جي ٻيگهي مچيو پوي. هزارين هٿ-ناٺ وارا اُتي رهن. ماڻهن کي سڳڙا ڏاڳڙا ڏيو چندا ڦيٽا ڪريو پنهنجا پيٽ پريو وڃن. ابوجهن جي اَهيءَ ۾ سوين نوڪي پيا پلجن. ڪوهستاني علائقي ۾ پوين، ڏمالين رملين ۽ نوڪين جي گذران ۾ اهڙي تہ ترقي تي آهي، جو اتي اهڙن فقيرن جي سڄي قوم قائم تي ويئي آهي. جن کي سڏين باريجا فقير. اهي ڪلهوڙن وانگي پيري-مريدي ڪن. بيمارن کي چندو ڦيٽو ڪري، ڏڻُ ٻٽُ اُڳاڙين. لال جا ڏمالي بہ اهي آهن. بيمارن تي خوب ڏمالون ڪن. گوشت کائڻ جي خيال سان، خيرات جو بهانو ڪري، خوب دنبا ۽ ٻڪريون ڪُهائين."

هڪ ڏينهن ڪچهريءَ ۾ ويٺي کائڻ چرچي طور پڇيو ويو تہ "اوهان هنن نوڪين سان ايتري رس گس جو ڪيئن رستو رکيو آهي؟ ۽ هنن ۾ اوهان ڇا ڏٺو آهي؟" تڏهن تہ مورهين وڙهي پيا. چون: " هي ڪانيءَ ڪرامت جا صاحب آهن. هنن جو راضپو گويا خدا جو راضپو آهي. ڪمائي کائن تا. اسان جي ابن ڏاڏن جي ساٿن وات آهي. اسين هنن جي ٻني آهيون! اسان منجهان ئي کائيندا. جو هنن کان ڦريو سوڦُريو! ڪارا نانگ آهن. فلاٽي هڪ پيري ناراض ڪري واپس ڪَين. پٽي، پيڙهي ڪڍيائونس! تنهنڪري پائو اسين ٻچڙيوال، ٻجونَ تا. هي شال ڏڪ هٽن، پر

پٽ پاراتو مَ ڏين!"مطلب تہ گهٽوئي ڪي چٽي ويا. ويچارا ڪورا ڄٽ، پيرن فقيرن کي پنهنجي مشڪلڪشائي ۽ حاجت روائيءَ جو پورو پورو وسيلو سمجهن. ڌن دولت، عزت ذلت ۽ اولاد وغيره سڀ انهن جي برڪت، ڪرامت ۽ رحمت جوسبب سمجهيو وينا آهن. ڪو پيٽ جو پوڄاري ڪانئن ناراض ٿي ويو تہ پُري وڃي پرچائيندس. هوُ بہ سائينءَ جا سنواريا پرائو-پرائو پيا ڪن.ابوجهن جو ايڏو صدق ڏسي، جيڪي پڇين ، سو ٿا ڦرين. وڃي ڏسو تہ سيڪڙاٽ مرشدن جي درن تي پَليون پيون هٽڪارين. پر مريدن وٽ پکي بہ ڪونہ پُڇ ُهٽي!

--------

# قبر پرستي

قديم زماني جون قبرون، جن ۾ والله اعلم ڪير مدفون آهن، تن تي ڪي مطلبي مجاور گجهن وانگر ڳاهٽ پيا ٽين، جن جو ڪم آهي ابوجهه انسانن کي اُبتيون سبتيون ٻڌائي، چڱ۔ وڏيو مريد بڻائڻ. مون کي اتي ڪيترن ئي نام نهاد مرشدن جو ن قبرون ڏيکاريائون، جتي روزانو ميلو لڳو پيو هوندو هو. ڪوس ايترو ٿئي، جو اڌيءَ تان رت سُڪي ئي ڪين.

هڪڙي جاتيءَ کان پڇيم تہ " هن تربت اندر جيڪو انسان آهي، تنهن کي اوهان جي پيڙهيءَ مان ڪنهن ڏٺو بہ هو؟" چيائين تہ " اهڙو ڪوبہ ماڻهو اسان کي ڪونہ سُجهي، جو چئي وجي تہ منهنجي ابي۔ڏاڏي يا پڙ ڏاڏي ڪو هن کي ڏٺو هو. عام خلق ٿي چئي تہ هي ڪامل درويش هو. تنهنڪري اسان جو بہ منجهس ويساهہ جميو ۽ مرشد ڪٽي بنايو سونس."

تربت جي در تي، وارن سان پريل ڪپڙي جون ڪيترويون ئي ڳوٿريون، مون کي ڏسڻ ۾ آيون مجاورن چيو تہ " هنن ۾ مريدن جون چڳون آهن. سيڪو مريد، جنهن کي ٻار ڄمي، سو پنهنجي ٻار جي جهنڊ هتي آڻي لهرائي ۽ ٽنگي وڃي. جيڪي درگاهہ کان گهڻو پري ٿا رهن، سي اُتي ئي جهنڊ لاهي رکي ڇڏين.

جڏهن زيارت تي اچن، تڏهن هتي اچي خيرات ڪيو مرشد جي روح کي ختمو ڏيو. ٻار جي چاٽ ٽنگيو وڃن ۽ هن پيرِ واريءَ ڪڏ مان پير سائينءَ جي خاڪ بہ ڪنيو. ان جي عيوض پنَج پئسا

انھيءَ جاچ ۾ ھوندا تہ مانَ ڪو مت جو مُوڙھو ۽ ڳنڍ جو ڳوڙھو مريد اچي.

اندازي مان ائين ٿي معلوم ٿيو تہ زندہ پيرن کان مردہ مرشد گھٽا ھئن. مطلب تہ جيڪا بہ قبي واري قبر ٿي ڏٺائون، تنھن کي پير ڪري ٿي پوڄيائون. جھڙا آھن قبر پرست، تھڙائي آھن شجر پرست. ٻُوجو وڻ ڪو ڏٺائون تہ جنن جو آستان سمجھي، مٿس روق پيل خيراتون ڪندا. انھن سڀني اوٽاين جو سبب سدن بي علمي ۽ جھالت آھي.

ويساھہ وسوڙا ماڻھو جيڪو جيئن چوين، تيئن ڪرڻ لاءِ تيار نہ پاڻ ڪُوڙ ڳالھائين ۽ نہ ڪنھن کي ڪوڙو سمجھن. سوڳي ڪڏھن ٿا ڪنھن کي سنئون رستو ڏيکارين؟

اھي مشر ڪانہ رسمون بہ انھن جون ايجاد ڪيل آھن. پاڻ کي علم ڪونہ اٿن جو ويھي ويچارين. ڦورُو ۽ ٺڳ پنھنجي ھڙ گرم ڪرڻ لاءِ ماڻھن کي غلط رستو ڏيکاري، پنھنجو مطيع بنائي، ھميشہ لاءِ ويٺا جاوا ڪن. پيري-مريدي ۽ قبر پرستي جي رواج گھٽي پاڳين ماڻھن کي برباد ڪري ڇڏيو آھي.

# قومون ۽ رواج

ڪوهستان ۾ مکيہ قومون آهن بہ هڪڙا بلوچ۽ ٻيا سماٽ يعني سما، ٿورائيءَ ۾ هندو بہ رهن ٿا. بلوچ قومن جو قومي سردار قلات جو خان آهي. سماٽ وارين قومن جو قومي سردار لسٻيلي جو ڄام آهي. باقي هندو جنهن حاڪم جي حد ۾ رهن، تنهن کي پنهنجو حاڪم ڪري مڃين. بلوچ قومن ۾ وڏو تعداد بروهين جو آهي. قلات جو خان پڻ بروهي خاندان مان آهي. بروهين ۽ مينگل قوم زبردست قوم سمجهي ويندي آهي. ٻيون بلوچي قومون بہ جام رهن ٿيون. مثلاً: مري، مگسي رند، جمالي، مڪراني، ذِڪري وغيره. بروهي ڪُرِدي يا بروهڪي زبان ڳالهائين. مري، مگسي رند ۽ جمالي ، بلوچي ڳالهائين. مڪراني ۽ ذِڪري مڪران ملڪ جي ٻولي ڳالهائين. جا ڪريل فارسي زبان آهي.

بلوچ قوم جي پوشاڪ بہ پنهنجي ڍنگ واري: زالون ڊگها گهگها ڍڪين، جي ڳُڙيءَ ڍارَ ٿين مرد تہ ـ تاڪيون سنٿون ۽ ويڪرين ٻانهن وارا ڊگها پهراڻ پائين. مٿي سان ڪارو رومال ٻَڌي، مٿان پٽڪو ٻڌن. سنڌن پوشاڪ ۽ صورتحال عربن سان گهڻيون ملن ٿيون.

سماٽ يا سماقومن جو سنڌ ۽ ڪڇ ملڪ سان گهڻو تعلق رهيو آهي. ڄام فيروز خان سمن جو پويون حاڪم. ياج وقت جڏهن ڄام ننگر ڏي ٿي ويو، تڏهن سندس ڪٽنب مان ڪي ماڻهو ٻيڙين ۾ پئي، عربي سمنڊ جي وَٽ ڏيندا، لسٻيلي جي سون مياڻي بندر تي اچي لٿا. شاهي خاندان جا ماڻهو هئا،

تنهنڪري چڱو اقتدار حاصل ڪري ورتائون. لسبيلي جو چام بہ سمو آهي. باقي جيڪي قومون انهن مان ڦٽيون، سي جدا جدا نالن سان مشهور ٿينديون ويو. انهن مان ڪي مکيہ قومون هي آهن: چِٽا گنجا (گانئچا)، بُرفت، خدراني، چاموٽ، بنديچا، ٻُرا (ٻرڙا)، آڱاريا، رونجها، ٻاٻڙا، واهُرا، شاهڪ، موندرا وغيره. انهن قومن جي زبان ۽ پوشاڪ، بلوچي قومن کان علحدي آهي. هو سنڌي ڳالهائين. سندن ٻولي سنڌ جي لاڙ واري ڀاڱي جي ٻوليءَ سان گهڻي قدر هڪجهڙائي ڏيکاري ٿي. گهڻا لفظ جهالت سبب بگيڙي ڇڏيا اٿن. مثلاً:

1. ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ کي چون: ڪيڏي ٿو وڃين؟
2. توکي ڪنهن ماريو؟ کي چون: توکي ڪاهي ماريو؟
3. منهنجو ڪتاب آهي؟ کي چون: مانجو ڪتاب آهي؟

سنڌي علم ادب ڪوهستان ۾ ڪونهي. حڪومت جي دفتري ٻولي اُردو آهي، تنهنڪري ڪو ايڪڙ-ٻيڪڙ پڙهيل آهي تہ سو بہ اُردو ۾ نہ سنڌي. زالن خواهہ مردن جي پوشاڪ بلوچن جي پوشاڪ کان ٻئي طرح جي آهي. زالون گَجَ، ڪنجريون ۽ چولا پائين. گهگهو ڪونہ ڍڪين. سٿڻون وڏيون جهولدار پائين.مردن کي مٿي تي وڏا ڦيڙها، بت تي صدري يا پهراڻ هوندو. وار ڪونہ وڌائين.

باقي شاديءَ غميءَ جون رسمون ٻنهي قومن ۾ ساڳيون. پنهنجائيءَ جو گهڻو خيال ڪن. پنهجي ڪُڙم ۾ جيڪڏهن ڪو ايرو سيروئي هجي تہ نياڻي ٻاهر ڪونہ ڪڍن. گهوٽ ڪنوار جي عمر جو لحاظ ڪونہ رکن. اُٺ سان گهنڊٽي ٻڌڻ کي عيب ڪونہ سمجهن. هو صرف ڏارين کي سڱ ڏيڻ ئي عيب

ڪوڏيون هٿ ڪيون اٿئون. سي ڪتي تيون بڪئي پيٽ ڪان بچن. جي اڄ ڪم ٿئي، تہ پيو ڏينهن نہ ڪريون. مال جي منهن ۾ بہ پاٽي آهي. ڏند هريو ٿيندو. شاديءَ جو ڪاڄ اهڙو تہ هجي جنهن سان مُڇَ سٽيي ٿئي، ڪنواريتا اجا پيا سانباها ڪن. وڏو ور ڏيءَ گهر ۾ ويهارڻ ڪيڏو نہ ڏوهہ آهي! هنن لاءِ ڪاڏو حرام، اسان لاءِ ننڊ حرام. ڏامَ نہ ڏني تہ ڇا ٿيو؟ غريبي ڪري گذاريو جا ڏيٽي ڪيائون، سا ڏيندا، پوءِ دير ڪرڻ جو ڪارڻ ڪهڙو؟

اهڙيءَ ڇڪتاڻ ۾ بہ گهڻو وقت گذريو وڃين. نيٺ چار چڱا وچ ۾ پئي، فيصلو ڪري، شاديءَ جو ڏينهن ٻڌيو ڏين.

خير جو وقت آيو. شادي شروع ٿي. ملڪ ۾ بجار ۽ ڦوڙ جو رواج گهڻو. غريب ۽ غنيءَ جي شادي ذري گهٽ هڪجهڙيءَ ڏام ڏوم سان ٿئي. ڪاڄَ ڪان ڪي ڏينهن اڳ گهوٽيتن گهر دهل دماما ۽ راڳ ناچ شروع ٿي ويندا. مڱڻهارن کي ملڪ جي لالچ. گهورَ گهٽ جي آسري تي اَنبوهہ اچي مڙندا. سيڪو راڄ تي پنهنجو حق پيو ثابت ڪندو. سڄو ڏينهن دهل ڪُٽين، ڇاڇيءَ ماچيءَ جو ٽانڊو ٽوپي ڪن، گهور جي آسري هزارين گنيون ڪڍن ۽ چڙٻون سهن. زالون گهرن ۾ لاڏا ڇون. مرد ميدان تي جاپَ ڪُڏن! رات پيئي تہ سوين شغل ڪندا. ڪنهن کي شينهن بنائين، تہ ڪوشڪاري ٺاهين. هڪڙا هتراڏو لٽيرا تہ پيا منصف ٻيهارين. عجيب عجيب ڏوهن جا فيصلا منصفن وٽ آٽين. منصف کي وڏي دڙي تي ڪريو ويهارين. ڏاڍيون پڇائون هلن. مطلب تہ سڄي رات ٺهہ ٺهہ ۾ گذري ۽ صبح جو سيڪو وڃي پنهنجي ڪم تي. نيٺ ڪاڄ ڪرڻ جو وقت اچي ويجهو ٿئي. ماڻهو موڪلي راڄن کي دعوت ڏين. گهٽ ۾ گهٽ تي

ڏيندا. جڏهن مرد نڪاح پُڙي هليا وڃن، تڏهن گهوٽ ٽئي زالنْ جي حوالي. زالون گهوٽ کي خُوب پٽائين.لانئن ڏيڻ وقت تہ ويچاري کي خوب ستائين. پهرين ستائيندي سالي. هڪ ربيو هٿ ۾ ڏيڻ سان، اُتان پنهنجي جند ڇڏائيندو پوءِ ڪَر لهنديس ڪنوار. ڪير ۾ مُنڊي وجهي، ٻنهي کي ڇڏي ڏيندي تہ ڪير تو اڳ ۾ ڪڍي، پوءِ جيڪو بہ تيو ڏاڍو. ڪَڙَ ڪٽڻ لاءِ رونياڙي هڪبئي جا هَٿَ چليو ڇڏين. انهيءَ منزل بعد وري مٽاميڙ ڪن. ست پيرا گهوٽ ۽ ڪنوار جا مٿا ملائين. انهيءَ کانپوءِ ڪنوار جي مٿي تي ڪپهہ جا گُل رکن، جي گهوٽ ٻنهي هٿن جي چيچُن ملائڻ سان هڪ_هڪ ڪري ڪٽي هيٺ لاهي. اهي ساٿَ سوڻ ڪري، پوءِ ڪنوار جو منهن ڏيکاريندس. وڏي ڪشمڪش تہ انهيءَ وقت لڳي. زالون اول گهوٽ کان پڇن تہ منهن ڏسڻي ڇاڻو ڏين؟ لاچار ويچاري کي ڪجهہ ڏيڻو پوي يا اقرار ڪرڻو پوي. تنهن بعد ڪيس ڪنوار جو منهن ڏيکاريندين. منهن ڏيکارڻ کان پوءِ سڀ زالون گهوٽ ۽ ڪنوار کي گهر ۾ ڇڏي هليون وينديون.

شاديءَ ۾ خرچ بہ ٿئي. گهوٽيتا ۽ ڪنواريتا خوب ڳنيون ڪولي خرچ ڪن. آيا ويا بہ گهورَ گهت ۾ پنهنجا ڪيسا خالي ڪرايو وڃن. مڱڻهار سي پنهنجا ڪيسا گرم ڪيو اٿن. انهن کي پنهنجي پهت ڪافي ملي. وري سنڌن لاڳ جدا آهي. اُهو بہ سڀ سنپالي وٺن. گهوٽ ۽ ڪنوار جا شاديءَ کان اڳ وار ڪپڙا ۽ بيو ڪجهہ روڪ پئسو. گهور گهت کان علاوه وٺن. ڪوهستان ۾ ڪنهن جي شادي ٿي تہ جڻ مڱڻهارن جو فصل پڪو.

-------

# ڏکين لفظن جي معنيٰ

# سير ڪوهستان

## ڪوهستان

سرچو: سائو آباد.
اَرچو: ڏڪيو سُڃو ڏُليل.
لوهيون: ڪَلُون.
وانڙ: باندر پولڙو.
ڳيڙو: برسات.
وانڍا: بي اونا.
مُهرڻ: وهٽ جو پاڻيءَ ۾ منهن وجهڻ، پاڻي پيئڻ.
ڪيراڳ: ٻڪرين جو ڌڻ.

## ماڻهن جي پوشاڪ ۽

### ڏول

ميڙيانو: ڪير جي ڏُهائي.
مرجن تا: ميرا تا تين.
پُڇَ: لَتا، ڪپڙا.
ڇهه ماهي ڇاهل ٻارهو وَڏ، هلي ڏينهن يا اَڌ: ٻارهن مهينن ۾ هڪ دفعو ڦڙهن جو وڏ ٿئي.
انهيءَ مان ڇهن مهينن جي جهلي جيتريون ڇاهلون ٿين. هر هڪ ڇاهل ڏينهن يا اڌ هلي.
ڦَتِي: لُنڊين ٻانهُن سان صدري، جا ٻُت سان لڳي پيئي هجي.
ڇيڇ: پيٽ.
هڏ پينو: هَڏُ ڳنـل.

### رهائش

پٽاڻ: وٽاڻ، رهڻ جو هنڌ.
روهين رلا: جبلن ۾ رليل.
مٽين ڪلا: ٽپڙ مٽي تي.
اُڏوڪر: جبلن جا اڌ ڪپر.
ڀڳي لنگي: بيمار يا ننڍي.
ساڳو: وَلر، ڳلو.
شڪوه طرازي: ڳِلا، غيبت.
ڳِڏو: سور.
ساتوڪ: سَٽ سهندڙ سَٽ ڪُٽ جهليندڙ.

پُڙي: موتمار.
ماچانڊ: واڙو.

## گذران

اوڙ: کيتي.
جهڪون: پوڙهيون، ڏُٻريون.
پوڏون: ڏندن پڳل.
اوجا: ڏاس مان نهيل فراسيون.
جوال، گريتا: ڏاس مان نهيل ڳوٽيون.
تنگڻ: ڇڪا.
مُرئيون: ڪَتيون.
تاڪيون: ٿلهيون ٽيڙيون.
پُتي: مزوري.
ڳيچ: گهُنج.
ميندڻ: اپرو.

## ڪاڏو

ڳمر: نشو ڏؤ.
پزو: ڄمڻ وقت ڏنل خوراڪ.
آڪُورو: ٻاڪرو.
پاهو: ريڊو.
پهون: ٻڪريون.
ڪُوڪيون: ننڍي ڀُڄ واريون رڍون.

سنڊ: برتن، ٿانءَ.
ٻڌي: چمڙي جي ڳوتري.
بوڊو: ننڍڙي مشڪ.
ڳاري: چقمق جو پٿر.
پرز: پن جو شيرو گندرف ۾ مليل.
وانڊ: وي يا وٿراھ جي پر ۾ اڏيل ڇَنو.
رُوسي: دانهوڙ.
تُور: ڦرڙن جو ڌڻ.
ميڙيانو: ڌارائڻ.
سرڳون: مهر واريون ٻڪريون، جي از خود ڦر کي کير ڌائڻ ڏين.
آرڳون: ڪمهريون، جي ڦرن کي کير ڌائڻ نہ ڏين.
ٻُتا: ڏُڪَ.

## صحت

ڌڙڪي: رَلِي.
مائي: ڪنهن واقعي جو يادگار.
مُندريا: اَڙيا، ٻڌا.
نَسي: ڳمر تي.
گهورا: ڳولائو.

## هٿيار

لانچيو: ڪشيل، هٿيار ھڏل.
جامڪيدار: هٿراڏو باھ ڏيڻ تي ڇٽندڙ.
شست: نشان (ڇُٽڻ لاءِ).

## دولت

ننڌ: بخيل، ڪنجوس.
ٿمڻ: لڪائڻ، ڍڪڻ.
ٿاڏ: گانيون.
گهارِ: سير، ڏار قاتل زمين.

## غيرت

جسور: جسم وارا، طاقت وارا.
غيور: غيرت وارا.

## پاڙيسرين سان ورتاءُ

پيچ پياڪ: چانورن جي رب پيئندڙ.
آنٽي: وٽ، ور، پيچ، ڦَند.
مُياتو: جنهن جي گهر ۾ موت ٿئي.

## انصاف

ٻڪر پريندڙ: ٻَڪر جي صورت ۾ نذرانو پريندڙ.
ڏِڱامَستي: اُرھ زورائي.
ور وانڍو: ڦيرو گهيرو.

## مهمان نوازي

ڦِنڊُڪَ: ٺُونگو.

## ڪچهري

وچ ڪُٽايو: بي آرام ڪيو.
جهنجهڪ: جوش، سبب، بي آرامي.
پنوري: سويلو ساجهر.
مڪ: پيرُن جو پور.
سر: ميدان.
ڪر: ڪنارا، ڪنڌيون.
ڪڪر: پٿريلي زمين.
رٽ: سيلابي زمين.
وٽ: وڏا پٿر.
ڪوريون، ٻيريون، گگريون: وٽن جا نالا.
سنبهار: ٻُوڙو يا ٻُوٽو.
نونڌڙو: هڪ قسم جو جهنگلي جانور.
سوڪان: ننيڙو پکي.
ٻَر: آسرا.
سيونگ: گاھ جو قسم.
روبھ: لُومڙ.
ڪُنڏي: ميوَن ۽ ڀاڄين جو ڊِڳُ.

شغف: شغل، موج.

اِرڪ: ٿونٺ.

ڪلهي جوسي: برابر، هڪ سرتو.

مَ چور بلا: مها ياري بلا، جنهن کي چوري نہ سگهجي، (ختني) ڳورو گنڀير.

آٿَر يري: ڳاٽ اونچو جهلي.

## بيماري ۽ علاج

نمرا: تندرست.

## پيري ۽ مريدي

صعود ڪرڻ: مٿي چڙهڻ.

مسموم: زهر ڏنل.

مائوف: ناس ڪرڻ.

## قومون ۽ رواج

ماٽيتا: ماٺو ڪندڙ.

سياليون: ڏاريون.

مِلڪ: مڱڻهار جو لاڳ يا ٺَهرايل حق.

ڳنيون ڪيڻ: خدمتون ڪرڻ.

-----

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين "اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون پاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)